




تتل سج هيٺان

# تتل سج هيٺان

(مضمون)

محب ڀيل

سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر

2016ع

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (270) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”تتل سج هيٺان“** نوجوان ليکڪ **محب ڀيل** جي جي خوبصورت ۽ وقتائتن مضمونن ۽ ڪالمن تي مشتمل آهي. هن نوجوان مختصر عرصي ۾ اخباري ميڊيا ۾ جيڪو ڪجھ لکيو آهي، اُن ڪي تمام گھڻو ساراهيو ويو آهي. انقلابي خيالن جي هن نوجوان قلمڪار هر موضوع تي لکڻ جو شاندار ڏانءُ آهي. ڪامريڊ محب ڀيل جو هي قلمي پورهيو ”تتل سج هيٺان“ اُميد تہ پسند ڪيو ويندو.

هي ڪتاب **سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري پرڪاش ڪرماٽيءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، ٿورا محترم پياري شيواٽي صاحب جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ شيئر ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**





## ارپنا.......

آئون هي قلمي پورهيو منهنجي محبوب قائد
**محترم رسول بخش پليجو صاحب** جي نانءَ
ڪيان ٿو،
جنهن پنهنجي زندگي جا حسين لمحا فقط سنڌ
خاطر ڪوٽ لکپت سميت ملڪ جي بدنام زمانہ
جيلن جي سلاخن پويان گھاريا پر وکيو ۽
جھڪيو ڪونہ،

۽

**شهيد شاهہ عنايت، ڪامريڊ حيدربخش جتوئي،**
**ڪارل مارڪس، ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر،**
جن هن سماج کي بدلائڻ لاءِ جدوجهد جا نوان
عملي گس ڏنا.
”**منوسمرتائي**“ مدي خارج سماج جي ڏنگيل
ڪروڙين مظلوم انسانن جي نانءَ ڪريان ٿو جن
کي اڇوت قرار ڏيئي نفرتون آڇي، ڌرتيءَ تنگ
ڪري خانہ بدوش ۽ نڌڪو بڻايو ويو جن کان
پنهنجي ڌرتيءَ جي وارثي بہ کسجي وئي. امر
روپلي ڪولهي سميت ڌرتي لاءِ وڙهندي شهيد
ٿيندڙ سمورن شهيدن جي نالي ڪيان ٿو.

# فهرست


- اداري پاران (پرڪاش ڪرمواڻي) (7)
- مهاڳ (ايوب ڪوسو) (8)
- محب ڀيل، پورهيتن جو ليکڪ (اختر حفيظ) (12)
- ليکڪ پاران (محب ڀيل) (15)

1. پاڻ آهيون ڪٿي...؟ (19)
2. پوپا ڪلچر ۾ قاتل اسان جو سماج (26)
3. دنيا جو اصل مسئلو "ٻُڪ" آهي.؟ (31)
4. سنڌ جي ماڻهن ۾ "پنڌ" جي نفسيات جو وڌندڙ رجحان ڪنهن تاريخي الميي کان گهٽ ناهي. (37)
5. جديد ٽيڪنالوجي جو ڪمال ئي پورهيتن جو زوال ۽ استحصال ثابت ٿئي پيو. (44)
6. ڌرتيءَ ڌڻين جون درد ڪٿائون ۽ جواب طلب سوال؟ (51)
7. ٿر ۾ پاڻي جي کوٽ، زندگي ۽ موت جو گڏيل سامان بڻيل ٿر جا کوھ (57)
8. سو ديس مسافر منهنجو ڙي... (65)
9. فطرت سان هٿ چراند ڪير ڪري ٿو؟ (72)
10. ٿر جا مسئلا، ڪارو ڏڪار ۽ لاچارو ڪندڙ ٿري لاهيارن جا درد.... (79)
11. اڏ ٻتئي تحريڪ، مائي بختاور ۽ هاري تحريڪ ماضي، حال ۽ مستقبل. (84)
12. ناقص حڪمت عملي ۽ سنڌ کي تباھ ڪندڙ قاتل منصوبا. (91)
13. امن کي ڏنل باھ ڪير اُجهائيندو......؟ (95)
14. پارٽي جارحيت ڪٿي دنگ ڪندي....؟ (97)
15. سنڌ کي امڪاني ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ ڪهڙا بندوست ڪيا ويا آهن؟ (99)
16. عوام آزاريندڙ وي آئي پي ڪلچر (101)







17. ڳالھ هي آهي تہ.... (103)
18. مسئلو اهيو آهي تہ ڪو "مسئلو" ناهي. (105)
19. ملڪ جون بدلجندڙ سياسي روايتون (107)
20. مزدور : آٽين ۽ چاڙهين ڏت ڏهاڙي سومرا (109)
21. ميلي ۾ مزو نہ آهي.... (114)
22. هاڻ ڪجھ ڪجي؟ (116)
23. هرڻ هنيلا ٻينا سوچن. (118)
24. ويا مور مري... (120)
25. تعليم جي تباهي...... (122)
26. آرٽ ۾ خوشبوءِ مهندي جي..... (124)
27. ڳالهين جو ڳُر ....... (126)
28. چونڊن ۾ قومپرستن جي هارجڻ جا بنيادي سبب ڪهڙا آهن؟ (129)
29. بحرانن کي حل ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيل بُحران (131)
30. تنهن پاڻي پُنا ڏينهڙا (133)
31. اجان تہ رڻ گجي گجي........ (135)
32. مان بہ خريديان ها ڪٽي، پر خوشي بازار جو سودو نہ هئي. (137)

# اداري پاران

اهو اتساهه اسان لاءِ ڪافي آهي تہ اهل علم ۽ ادب دوست اسان تي ويساهه رکي پنهنجيون ڪاوشون اسان جي اداري کي ڏين پيا، اسان انهن ڪتابن جي ڇپائي کي سهڻائي ڏيڻ ۾ هرممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهيون. سامروٽي پبليڪيشن جو هي ٽيون نمبر ڪتاب “تتل سج هيٺان” اوهان جي هٿن ۾ آهي. هي ڪتاب اسان جي نوجوان ليکڪ محب ڀيل جي خوبصورت ۽ وقتائتن مضمونن ۽ ڪالمن تي مشتمل آهي. هن نوجوان مختصر عرصي ۾ اخباري ميڊيا ۾ جيڪو ڪجهہ لکيو آهي، اُن کي تمام گهڻو ساراهيو ويو آهي. انقلابي خيالن جي هن نوجوان قلمڪار هر موضوع تي لکڻ جو شاندار ڏانءُ آهي. ڪامريڊ محب ڀيل جو هي قلمي پورهيو “تتل سج هيٺان ” اُميد تہ پسند ڪيو ويندو.

سامروٽي پبليڪيشن ٿرپارڪر ايندڙ وقت ۾ بہ پنهنجي باذوق پڙهندڙن کي نيون سوکڙيون ڏيڻ لاءِ سرگرم آهي. اوهان جي مثبت مشورن جي آجيان ڪبي.

**پرڪاش ڪرماڻي**
**سامروٽي پبليڪيشن، ٿرپارڪر**
03333173584





(**مهاڳ**)

## ڌرتيءَ جي عشق مان اُپريل دراوڙ احساس

سنڌ جي هزارين سالن جي عجيب ڪهاڻي رهي آهي. هُن جو اصل وارث دراوڙ جنهن هڪ وڏي عظيم تهذيب کي سرجيو، اهو پاڻ وقت جي گردش ۾ گهڻو پنتي رهجي ويو. پُرامن رهڻ واري سندس مزاج کيس تماشو بڻائي ڇڏيو. دنيا مان ٻين نسلن ۽ قبيلن جي ڌوڙايل ماڻهن کي هِن محبتي مزاج وارن محبوب دراوڙن پيار مان پناهہ ڏني. اُها پناهہ هُنن کي راس ئي نہ آئي، ڇو جو پناهگير پختا ٿي ويا ۽ هي وطن جا وارث دراوڙ ڏوڙ ۾ پيوت رهجي ويا! هنن کان شهر کسجي ويا، تہ ڀهراڙيون بہ هنن جو ڪونہ ٿي سگهيون. اڇوت جو غيرانساني ليبل هنن عظيم انسانن جي ڳچي ۾ ڳٽ ٻڌجي پئجي ويو. هزارين سالن جي پنهنجي ڪمائي ڪنهن بہ دراوڙ قلمبند نہ ڪئي! سبب ڇا هو؟ اهو ڳجهہ اڃا تحقيق طلب آهي. حيرت آهي ان حقيقت تي تہ دراوڙن جو لکت وارو علم ڪيڏانهن ويو؟ سنڌي ادب علم جي تاريخ جي مطالعي مان بہ اها سڌ ٿي پوي تہ پاڪستان قائم ٿيڻ کانپوءِ بہ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ نالو ڪنهن دراوڙ جو نظر اچي ٿو. پر مجموعي طور اهو گم آهي. ايڏي تنزلي ۽ گمنامي خود تاريخ لاءِ حيرتناڪ آهي. ها هڪ اهم نقطو اهو ضرور تاريخ اسان تي واضع ڪري ٿي تہ هندستان ۽ باقي دنيا سميت جتي بہ اڇوت سڏجندڙ نسل رهائش پذير رهيو آهي، اُتي ان اڇوت هئڻ واري سانحي تي ادب ۽ شاعري تخليق ڪئي آهي، پر سنڌ ۾ ڪنهن بہ اڇوت سڏجندڙ قبيلي اُن الميي تي ناهي لکيو. ان حقيقت مان هڪ وڏو نقطو اهو بہ نروار ٿئي ٿو تہ سنڌ جي وارث دراوڙن پاڻ کي ذهني، روحاني ۽ نسلي طور ڪڏهن بہ اڇوت تصور ئي ناهي ڪيو. انهن پاڻ کي سنڌ وطن جو وارث سمجهيو آهي. تاريخ جي بيشمار ڏکن، تڪليفن ۽ صعوبتن جي باوجود هُنن پاران ذهني شڪست نہ کائڻ، بنا شڪ جي عظمت جو شاندار مثال آهي. سنڌي ادب ۽ علم ۾ دراوڙن ڪيترا ڪتاب لکيا آهن؟ ان سوال جي جواب ۾ منهنجي ذاتي راءِ اها آهي تہ مشڪل سان ڪي آڱرين تي ڳڻڻ

جيترا ڪتاب لکيا ويا هوندا.

ٻي پاسي سنڌي ترقي پسند ليکارين ۽ شاعرن جو اهو منفرد پڙ ۽ سگهاري روايت ساراهہ لائق آهي. جو انهن پنهنجي هن عظيم دراوڙن جي حُسناڪين، انهن جي تهذيب، ثقافت ۽ زندگين تي پيار جي ورڪا ڪئي آهي. ڪارڻ رڳو اهو آهي جو دراوڙ اڄ بہ موئن جي دڙي جي شاهڪار تهذيب جا رکوال آهن. هُنن جي مائرن ۽ ونين پنهنجي لوڪ گيتن، همرچن، ڪوڏاڻن، راسوڙن ۽ ورساڙن جو جنم جاڳيل رکيو آهي. هُنن ڌرتيءَ کي ماءُ ڄاتو آهي ۽ سنڌو درياهہ کي پنهنجو پيءُ سمجهيو آهي.

مون مٿي جيڪو تجزيو ڪيو آهي ان تناظر ۾ مون کي اڳتي بہ ڪجهہ لکڻو آهي، پر في الوقت اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ آئون جڏهن سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ قيد هئس، انهن ڏينهن يعني سن 2000ع ڌاري جهڏو شهر مان هڪ ڪچي وهيءَ جو هاءِ اسڪول ۾ پڙهندڙ انين ڪلاس جو سانورو دراوڙ ڇوڪرو مون کي پيار ۽ ايڪتا جي اظهار طور ڏاڍا خوبصورت خط لکندو هو نہ رڳو پاڻ پر پنهنجي اسڪولي سنگت جي ڇوڪرن کي بہ اتساهيندو هو تہ " پنهنجي قوم جي شاعر کي جيل ۾ خط لکو تہ جيئن هو سمجهي تہ اسين سڀ هُن سان گڏ آهيون" ڏسجي تہ هڪ ڪچي وهيءَ جي ڇوڪري جي اها سوچ ڪيڏي نہ وڏي ۽ مانائتي هئي! اهو دراوڙ نوجوان محب ڀيل هو. اڳتي هلي هي نوجوان صحافت ۾ گهڙيو ۽ اُتي قلم ذريعي سماج جي روين جي نشاندهي ڪندو رهيو. ان ڪانپوءِ عملي سياست لاءِ رسول بخش پليجي جي پارٽي جو حصو ٿيو ۽ نهايت سنجيدگي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. هي مارڪسي نوجوان پنهنجي وطن جي وارثي لاءِ هر ويل عملي جدوجهد جي ميدان تي بيشمار تڪليفن جي باوجود بہ ثابت قدم رهيو آهي. هن جي تحرير، تقرير ۽ جدوجهد جو محور پنهنجو محبوب وطن ۽ ڌرتيءَ جي مظلوم ماڻهن سميت سڄي دنيا جا هيٺا ۽ لٽيل انسان آهن. ذات پرستي کي زهر سمجهندڙ هُن قلم ڏٺي مطالعي کي پنهنجو رهنما بڻائڻ شروع ڪيو جنهن جي اتساهہ هُن کي لکڻ جي واٽ ڏيکاري ڇڏي. هُن جو ذهني پورهيو سنڌ





جي مشهور اخبارن ۾ شايع ٿيندو رهيو آهي. هن جي لکڻين ۾ سماجي شعور جي جهلڪ موجود رهي آهي، ان سان گڏ هن جي لکڻين ۾ تنقيدي ڇهنڊڙين جو نرالو روپ بہ شامل هوندو آهي. هن جا تمام سنا، وقتائتا ۽ ڪارائتا ڪالم ۽ مضمون مختلف اخبارن، ميگزينن ۽ رسالن ۾ اوليت جي بنياد تي مسلسل ڇپبا رهيا آهن. جن کي سنڌ ۾ بيحد قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ۽ پڙهيو وڃي ٿو. اهو محب ڀيل جي قلمي ڪاوشن جو نئون جنم آهي. هُن جي دل سان لکيل ڇرڪائيندڙ توجه ڇڪائيندڙ بهترين لکڻين کي سهيڙي ڪتاب "تتل سج هيٺان " جي عنوان سان نروار ڪيو آهي. جنهن تي مهاڳ طور پنهنجا ويچار پيش ڪندي دلي سرهائي ان ڪري بہ محسوس ڪريان پيو جو هي ڪتاب منهنجي ڌرتي جي اصل وارث هڪ نوجوان دراوڙ جي لاجواب ڪوشش ۽ ڪاوش آهي.

هي ننڍڙيون پر جامع لکڻيون، سائنسي، روشن خيال، ترقي پسند سوچن جون عڪاس آهن. اهي جديد دور جي الميں، سانحن، غليظ روين، طبقاتي رهزنين کي تنقيدي نظر سان واضع ڪن ٿيون، تہ عالمي مونجهارن جا عڪس بہ هنن لکڻين ۾ موجود ملن ٿا. محب ڀيل جو هڪڙو اهم سماجي ڪم اهو بہ آهي تہ هُن پنهنجي سماج ۾ جاري رهندڙ ناسور جهڙي ڀوپا ڪلچر، رجعت پرستي ۽ تنگ نظر انتهاپسندن کي رڳو قلم ذريعي نندي‌و آهي، پر هُن ذاتي طور عملي طرح بہ ان وبا خلاف وڏي جاکوڙ ڪئي آهي، جنهن ڪري هُن جي بغاوت تي ذاتي طور ڪيترن ئي ڪند ذهنن جون آڱريون اُڀيون ٿينديون رهيون آهن، پر هُن فقير منش ماڻهو ان جي ڪڏهن بہ پرواهہ ناهي ڪئي. "دنيا جو اصل مسئلو بک آهي" جهڙو لاجواب ۽ شاندار مضمون ثابت ڪري ٿو تہ هُن جو شعور ڪيترو جاڳيل آهي. بک سچ تہ دنيا جو وڏو الميو آهي. بک دنيا جو توازن وڃائي ڇڏيو آهي. سنڌ جي ماڻهن ۾ پنڻ جي عادت تي لکيل ليک بنا شڪ جي سماجي ڪوڙهہ جي نشاندهي آهي. هن لعنت سنڌ جهڙي زرخيز ڌرتيءَ جي حُسن کي ڄڻ گار ڏني آهي. محب ڀيل اُن اهم موضوع تي ڪمال جو لکيو آهي. هُن پورهيتن جي پگهر تي صرف ورق ڪارا ناهن ڪيا پر هُن پرزور نموني انهن جي آزارن ۽ عذابن تي دل جي روشني وڌي آهي. فطرت سان هٿ چراند هجي يا

ڏڪارن جي ڌڪاءُ جي ڳالھ هجي يا سنڌ جي پاٽي جو ڪيس هجي هُن انهن موضوعن سان زبردست نڀايو آهي. هارين جي جدوجهد هجي يا معاشيات جا ڳرا مونجهارا هجن، پڪين جي عذابن جي ڳالھ هجي يا ماحوليات جا الميا هجن، مارئي جي ملڪ جا درد هجن، محب ڀيل هر موضوع تي جديد سوچ ۽ عقلي بنياد تي شاندار لکيو آهي. هُن جي لکڻين جي خاص خوبي هي آهي تہ هُن بظاهر ننڍڙا نظر ايندڙ موضوعن تي ڪافي ڪشادي نموني لکيو آهي، جنهن ذريعي هن ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ دنيا ۾ ڪابہ حقيقت، ڪوبہ سچ، ڪابہ شئيءَ ننڍڙي ناهي. اهميت ملڻ کانپوءِ هر حقيقت وسيع ٿي ويندي آهي. محب ڀيل جي هنن لکڻين جي ٻولي ڏاڍي خوبصورت آهي. اسان جي هن نوجوان ليکڪ سچ تہ نظرياتي وابستگي ۽ اُجري عشق سان هي قلمي پورهيو ڪيو آهي. هن جي لکڻين جي اهميت کان ذرو بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي. هي لکڻيون پنهنجي وجود ۾ بارشون بہ رکن ٿيون، تہ ڪاڙهن کي بہ نروار ڪن ٿيون. هنن تحريرن ۽ مضمونن مان گلابن جي مهڪ بہ اچي ٿي تہ اوچنگارن جا آلاپ بہ پاڻ کي لڪائين نٿا. هنن مضمونن ۾ روشن خياليءَ جي چانڻ بہ آهي تہ ظلم خلاف آواز اٿارڻ جو عزم بہ موجود آهي، هن جون لکڻيون مدي خارج سماج سان بغاوت جو سڏ بہ آهن ۽ انهي چار مان آجپي جو گس بہ آهن. محب ڀيل جون لکڻيون قومي عشق مان اُڀري عالمي انساني عشق سان سلهاڙجڻ جو خواب بڻجڻ ۽ انسانيت جو نظريو اپارڻ جي تمنا بہ رکن ٿيون. محب ڀيل انهن موضوعن کي بہ آندو آهي جن موضوعن تي سوين سالن کان انسانن سوچيو ۽ ان تي پنهنجو اظهار ظاهر ڪيو آهي. ڪي اهڙا موضوع بہ آهن جيڪي محب ڀيل نواڻ ۾ رڱي سهڻائي سان پيش ڪيا آهن. مجموعي طور تي هي ڪتاب "تتل سج هيٺان" هڪ بهترين علمي ادبي ڪاوش ۽ ڪوشش آهي. جنهن جي ضرور آجيان ٿيڻ گهرجي.

**ايوب کوسو**





# محب ڀيل، پورهيتن جو ليکڪ

"سائين ڪتاب بس تيار آهي، توهان جي آسري پيو آهي، توهان بس شام تائين ڪتاب تي بہ اکر لکي موڪليو." اها اسان جي دوست محب ڀيل جي هجت هئي، مون کيس چيو تہ "يار بندوق رکي پيو لکرائين صفا." ماڻهو ڪنهن سياستدان کان بندوق رکي استعيفيٰ لکرائيندا آهن ۽ هي وري مون کي پنهنجي ڪتاب لاءِ لکرائي رهيو آهي. هاڻ جڏهن ڪو پيو چارو ئي ڪونهي تہ پوءِ ظاهر آهي قلم کي حرڪت ۾ آڻبو ۽ ذهن کي تڪليف ڏبي. پر لکڻ ڪو اک جي ماڪي بہ ناهي جو ماڻهو جيڪو سوچي اهو اتي جو اتي لکي وٺي ۽ انهي ۾ ترتيب بہ هجي ۽ خيالن سٽاءَ بہ بهتر انداز ۾ ٿيل هجي. پر جڏهن ڪنهن دوست جو حڪم هجي تہ اهو بہ مڃڻ ضروري ٿيو پوي.

محب جو ڪتاب "تتل سج هيٺان" ڪالمن جو ڪتاب آهي ۽ هي اُهي ڪالم آهن جيڪي هيستائين ڇپجي چڪا آهن. مون کي ان ڳالھ جي خوشي آهي تہ هن جي ڪالمن جو ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي. هو هڪ پورهيت سياسي ڪارڪن رهيو آهي، ان ڪري هن جي ڪالمن جا موضوع بہ پورهيتن سان لاڳاپيل آهن. ڪنهن نظرئي سان واڳيل هڪ سياسي ڪارڪن ئي پورهيتن جي ڏکن سورن ۽ انهن جي پيڙائن کي سمجهي سگهي ٿو. محب بہ انهن ماڻهن مان هڪ آهي، جنهن تتي ٿڌي ۾ پورهيت طبقي سان پنڌ ڪيا آهن، انهن جي ڏکن سورن جو جيڪڏهن هو علاج نہ ڪري سگهيو آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ هن ايترو ضرور ڪيو آهي جو انهن کي بيان ڪري پنهنجي قلم جي مس کي سجايو ڪيو آهي. نہ تہ ڪئين اهڙا ماڻهو پيا آهن، جيڪي اڄ بہ "پروجيڪٽي ليکڪ" بڻجي ڪيترن ٽڪي ٽامڻين ۽ ٽڪي جي رجعتي لڏي جون ونگارون وهي رهيا آهن. پر محب کي اها خبر آهي تہ جيڪڏهن اهڙو ليکڪ ٿيبو تہ ادبي دنيا

توڙي سماجي دنيا ۾ انهي جو قد سدائين ڪنهن “ڄامڙي اديب” وارو رهندو. تنهنڪري هن هڪ اهڙو رستو چونڊيو آهي، جيڪو مظلومن جو سڏ ورنائي ٿو جيڪو پيڙهيل طبقن جي ڳالهه ڪري ٿو جيڪو انهن درد سان پريل وجودن جي ڳالهه ڪري ٿو جيڪي اڄ به ڪاڙهڻ ڪڙهن ٿا، پيرَ پٿون ڪن ٿا، رت ڳاڙين، پگهر جو پورهيو ڪن ٿا ۽ پنهنجو اندر لوئين ٿا.

اسان جي دوست جو هي پورهيو انهن سمورن پورهيتن کي پيٽا آهي، جيڪي پنهنجو آواز اٿاري نٿا سگهن، جن لاءِ ڪي بيا ماڻهو هوندا آهن، جيڪي انهن جو آواز ٻڌجي اپرندا آهن. محب پيپل سنڌي عوام جي ڳالهين کي پنهنجن ڪالمن وسيلي انهن ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. جيڪي بظاهر گونگا آهن پر تڏهن هو چاهي ٿو ته انهن جي ڪنن تي اهو آواز پوندو رهي ته جيئن هڪ ڏينهن اچي جو ڪين اهو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ۽ انهن کي لڳي ته اصل ۾ محب جن ماڻهن جو آواز ٻڌجي پنهنجي قلم کي تڪليف ڏيندو رهيو آهي، انهي جي ڳالهه ۾ ڪجهه ته آهي جو هو لاڳيتو لکي رهيو آهي ۽ لاڳيتو ڇپجي رهيو آهي.

مون وٽ هن جا ڪالم سدائين بنا رنڊڪ جي پهچي ويندا آهن، جن کي ڏسندي ۽ ايڊٽ ڪندي مون کي سرهائي ٿيندي آهي ته هو اڄ به پنهنجي ڪم سان لڳو پيو آهي. جنهن وٽ ان ڳالهه جي اهميت ناهي ته انهي کي ڪيترا ماڻهو پڙهڻ ٿا پر هن وٽ ان ڳالهه جي اهميت ضرور آهي ته هو پنهنجي قلم کي ڪنهن ڪنڊ ۾ نه رکي بلڪ انهي کي حرڪت ۾ رکندو آيو آهي.

هن کي لکڻ جو ڏانءَ اٿس، هن جي ٻوليءَ ۾ رس چس آهي، جيڪا عوامي ٻولي آهي. شايد اهو هن جي سياسي تربيت جو حصو آهي ڇاڪاڻ ته هو سمجهي ٿو ته جيڪڏهن عام ماڻهو جي ڳالهه ڪرڻي آهي ته اها عوامي ٻوليءَ ۾ ئي ٿي سگهي ٿي. هن جي لکڻ جا موضوع هاري، ناري، مزدور، ڪيٽن، ڪارخانن، روڊ رستن تي ڪم ڪندڙ ماڻهو ئي رهيا آهن. ڇو ته ڪيس خبر آهي ته سماج ۾ برابري تڏهن ئي اچي سگهي ٿي، جڏهن هڪ





غير طبقاتي سماج جنم وٺي. جيڪو هر رنگ، نسل ۽ مذهب کان آزاد هجي. اسان جي سنڌ جا ماڻهو به اهڙو سماج ڏسڻ جا خواب ڏاڪن کان اکين ۾ سانديندا پيا اچن. اهو هڪ محب جو خواب ناهي بلڪ اسان سڀن جو خواب آهي ته سنڌ سکي ستابي هجي، جنهن ۾ هاري ۽ مزدور به سکيو ۽ خوشحال هجي. اسين سڀ انهي پنڌ جا پانڌيئڙا آهيون، جيڪو ان منزل جو پنڌ آهي، جنهن ۾ اسين پنهنجي سنڌ ۽ سنڌي عوام کي خوشحال، سکيو ۽ آزاد ڏسون. محب کي آئون سندس ڪتاب تي مبارڪون ڏيان ٿو ۽ اها اميد به ڪريان ٿو ته هو پنهنجي لکڻ جو سفر ساڳي رفتار سان جاري رکندو.

**جيئي سنڌ**

**اختر حفيظ- حيدرآباد**

22 **آگسٽ** 2016ع

# ليک پاران....

اسين نج ٻهراڙي جا ڇٽ ماڙهو علم ۽ ادب سان تہ اسان جو پري جو تعلق بہ نہ رهيو آهي. آئون بہ مڙئي لئي مان لٿ ڀڃي قلم ۽ ڪتابي دنيا ۾ حادثاتي طور آيل ماڻهو آهيان. اڃان بہ مونکي لکڻ جي ٽَل ڪونهي. مڙئي زٽ هٽي ڪم هلايون پيا. انڪري هن ڪتاب ۾ بہ غلطيون تہ هونديون. "انسان آهي ئي خطا جو گهر" سمجهي در گذر ڪندي رهنمائي ڪجو. غلطين کي اڳتي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي. آئون پرائمري ڪانپوءِ يڪو اڻ اعلانيل طور آخري بئنچن جو ڪُل وقتي شاگرد رهيو آهيان. پاس ٿيڻ لاءِ لاتعداد باسون باسيل هونديون هيون. امتحان وٺڻ لاءِ آيل "اعليٰ آفيسر" ماني کائي هڪ ٺي ڏڪ ۾ سڄي اسڪول کي "پاس" هجڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏيئي هليا ويندا هئا. پنجون درجو خيرن سان پاس ڪري "چڱي چال چلت" جو سرٽيفڪيٽ ورتو پر پوءِ چال چلت اڄ ڏينهن تائين نہ سڌري سگهي. ان بعد مونکي ۽ مرحوم ڪامريڊ دودو ڀيل(ڏيئي) لالچند ڀيل ۽ پهلاج ڀيل (گهمن سنگهہ جو پوٽو) سميت ڪجهہ ٻين دوستن کي ذات پرستي واري سياست جو جنون هو. پوءِ دودو ايس ٽي پي ۾ ويو ۽ آئون وري عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيس پوءِ اهو مٿي جو سور لٿو. بعد ۾ مون جهڙو ڦاٽل جهولي ۾ عقل پنڌڙ ماڻهو قومي عوامي تحريڪ جي ساٿين اياز ڪوسو، انور نوحاڻي، ڪرم ڪلوئي، اشرف رند ۽ ٻين ساٿين جي ور چڙهي ويو پوءِ تہ لکڻ ، پڙهڻ ،تعليمي ورڪشاپ، ليڪچر، تقريرون، اسٽڊي سرڪلن ۾ گڏيل پڙهائي کان ويندي سنڌ سميت سڄي دنيا جي مظلوم انسانن سان ٿيل ظلم ۽ زيادتين خلاف عملي جدوجهد جي ميدان تي احتجاج، مظاهرا، جلسا، جلوس، اجلاس، روڊ بلاڪ ڌرڻا، لانگ مارچ ۽ پوءِ سڄي سنڌ جا دورا معنيٰ تہ شروع واري زندگي کان صفا اُبتا ماڻهو ٿي نمودار ٿياسين، ۽ هڪ نئون جهان جُڙي پيو. ان دوران منو مهراج واري ٺيڪيدار سنگت "ڪافر" هجڻ جي فتوا جو قومي فرض ايمانداري سان





سرانجام ڏيئي چڪي هئي. ان وچ ۾ ايف سي ميگهوال ڊاڪٽر امبيڊڪر وارو پنو بہ پڙهائي چُڪو هو. سچ پڇو تہ مون ڪڏهن انهن تنگ دل نام نهاد ۽ انسانيت ۾ ويڇا وڌائيندڙ واڳوئن جي پرواهہ ڪرڻ ۽ نتيجي جي پٺو بجاءِ پنهنجو ڪم جاري رکيو آهي. ان جي رزلٽ اميد کان بہ وڌيڪ بهتر نڪري پئي. جدت پسند شعوريافتہ نوجوان سيڪيولر ۽ لبرل خيالن سان اُيرن پيا. "ڏندوڙي" نوڳين جي ڪُڏي ڪاروبار واري دڪانداري اڳتي هلي ضرور بند ٿيندي. جڏهن علم وڌيو تہ مدي خارج شيون بازار مان ڪوہ نہ وڻندو. قومي عوامي تحريڪ ۾ پڙهائي واري معاملي ۾ تہ ڇڏ ڇوٽ آهي ئي ڪونہ. سو مونکي بہ ڪتاب پڙهڻ تي تيز تپ ايندو هو پر پوءِ محمد بخش جروار ۽ ماما اشرف جي منڙي منڙي ڪل لاهڻ واري تنقيد کان بچڻ لاءِ مري جُهري مجبورن پڙهڻو پيو. اُٺي ٻيهہ ڳالهائڻ ۽ مطالعو مون لاءِ وڏو عذاب هو پر ممتاز ڪوسي سدائين همٿايو. پوءِ ڏندن تي ڏيئي ڪم هلائي وياسين. پليجي صاحب سان جڏهن بہ گڏجڻ ٿيو تہ سڀ کان پهرين پڇندو "اڄڪلهہ ڇا پيا پڙهو. فلاڻو نئون ڪتاب آيو آهي سو اوهان پڙهيو يا نہ ؟ جي پڙهيو آهي تہ تبصرو ڪريو" پوءِ مون جهڙا ساٿي ڪياڙي کنهي رڳو لوٽا پيا هڻندا يا اک ڇنڀ ۾ نظر بچائي کسڪي ويندا. اڳتي هلي دوستن مختلف موضوع ڏيئي لکڻ لاءِ باقاعده پابند بڻايو. پوءِ تہ اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪو مامرو سُجهي اچي تہ "دٻ درخاش دينو تي" وارو هٽ جهليو. حاجن ڪوسي سان اُٺ جي آنڊي جيڏا سياسي اختلاف برقرار هوندي بہ هن مونکي سنا ڪتاب پڙهايا. اسان پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي ٻڪ ۾ پاٽي پي نفرتن ۽ انساني اڻبرابري جي رجعت پرست ماحول ۾ وڏا ٿيا آهيون. آئون پنهنجي ئي ڌرتيءَ تان ڌڪاريل سنڌ وطن جي وارث قبيلي جو فرد آهيان. اسان کي تاريخ جي ستم ظريفين مسخ ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي آهي. مان ان لٽيل قافلي جو سپاهي آهيان جيڪو هاڻ غلامي جي لعنت خلاف صدين ڪانپوءِ بغاوت جو علم بلند ڪري رهيو آهي ۽ غلامي جي سببن کي سمجهڻ لاءِ اڃان صرف هڪ سيڪڙو آماده ٿيو آهي. جيڪا ڳالهہ شايد برهمڻ سامراج کي هضم نہ ٿئي، هو تہ اسان کي سدائين منو مهراج جي اک سان ڏسڻ ٿا چاهين. پر ياد رکو! اها اک هاڻ گوڪو هٽي

ڪڏي ويندي. اُپي ٿيل آڱر بہ ڪٽي ويندي. هزار سالن کان پوپان ٻڌل ڊينگر, منهن تي ٻڌل لوٽو علم حاصل ڪرڻ تي عائد ٿيل پابندي, ڳڏ ڪاٺڻ ۽ پيئڻ جي نفرت ڪرڻ جهڙي ٿيل هر تذليل جو حساب ڪتاب چُڪتو ٿيندو. مونکي يقين آهي تہ ظلم جي ڪاري رات ۾ انقلاب جو سُرخ سج ضرور اڀرندو. هي ڳالهيون ڪريناڪ آهن, ننڍ ڦٿائڻ جو سبب بڻجن ٿيون. دنيا اڏو حقيقتون آڻڻ ۽ پنهنجن مظلوم ڀائرن ۾ شعوري جاڳرتا پيدا ڪرڻ خاطر لکڻو پيو. پوءِ مون جهڙو بہ حال هو لکيو ۽ لکان پيو. دوستن همٿايو ، ماڻهو غيرتڪراري ٿي ڪونہ ٿو سگهي, جي ڪو تضاد ناهي تہ پڪ منافقت آهي. مونکي خبر ناهي تہ منهنجا ڪيترا آرٽيڪل مختلف موضوعن تي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل آهن؟ ڪجهہ مواد 2011ع جي مهاٻوڏ ۾ ٻُسي ويو. ٻن ڪٽن جيترو اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل مواد ساجن جهڙن مڙسن ڳڙداڻي عيوض ڪاٻاڙي کي وڪڻي ڇڏيو. ڪاپڙي ۽ تحريڪ ۾ شايع ٿيل آرٽيڪل وارا رسالا رميش جي اسٽور ۾ لڪائي رکيم, سو بہ پائو ٽين دٻي واري کي ڏيئي اسٽور صاف ڪيو. باقي جيڪو هٿ آيو سو ڇپائڻ جي ڪوشش ڪنداسين. منو مهراج جي "منو سمرتي" انساني اڻبرابري جي انڌي آئين جو مثال آهي جنهن ۾ اسان غريب ڏرتي ڌڻين کي رڳو "انسان" سمجهڻ جي عنايت بہ نہ ڪئي وئي آهي. اسان ڌرتيءَ ڌڻين کي دربدر ٿي آيل قبضاگير آرين جي هٿ ٺوڪين قانونن حق حاڪميت ڪسي غلامي جو ڳاٽ ڪنڌ ۾ هنيو آهي. اسان سڀ هن سماج جا باغي ماڻهو گڏجي ان ڳاٽ کي ڳچي مان ڪيڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين. آئون بنيادي طرح تاريخ ۾ ڌرتيءَ ڌڻين سان ٿيل تذليل جو انتقام وٺڻ لاءِ قلم ۽ پرامن قومي عوامي جمهوري جدوجهد ۾ يقين رکندڙ مارڪسي ماڻهو آهيان. مونکي انقلاب ۾ بہ صبح ٿيڻ جيترو پختو يقين آهي. اندر ۾ اوچ نيچ واري ظالم سماج جون ڏنل باهيون پڙڪي پيڙ ٿين ٿيون. ٿاندن جي ان سفر ۾ ڪڏهن هجومن ۾ تہ ڪڏهن اڪيلا ٿي رهيا آهيون. پر مايوسي جي ميم کان بہ پڄندا آهيون. خيالن جي پوتاميل ۽ حياتي جي ترتيب مون کان ڪونہ ٿي سگهي. ۽ نہ ئي پئسو گڏ ڪرڻ جو جنون رهيو. آٽڻ ۽ چاڙهڻ سياڻي لاءِ





صبح جو ڏسبو ۽ اڄ کي اڄ ئي نبيربو. تنهڪري زندگي جي اڙانگي سفر ۾ ماپ ، تور ۽ ڦيٿ ڪٽي هلندڙ واپاري سنگتين جو اسان پارن جپسي, سيلاني, رولاڪ ۽ فقيري لڏي وارن ماڻهن جي خانہ بدوش خيالن سان هم آهنگي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. مونکي خبر آهي تہ اڪثر ماڻهو چمڪ ڏمڪ جا هيراڪ آهن. اسان جهڙي لوڪ کان لهواري مخلوق کي عقل کان آجو سمجهن ٿا. منافق, موقعي پرست ۽ مفاد پرست ماڻهو مال روڙڻ لاءِ گوڏا کوڙي قوم ۽ وطن جي مظلوم عوام جو ڪنڌ جهڪائيندا آهن. تنهنڪري "پلي بک پرم جي" آهي. پيٽ ورن ۾ وڏي وڻ ٿيل تمام گهٽيون ڳالهيون آهن. آخر ۾ شڪرگذار آهيان منهنجي صوفي يارن اصغر ڪوسو ايوب ڪوسو اختر حفيظ, پرڪاش ڪرماڻي, فقير غلام حيدر لغاري, قيوم بلوچ, عثمان راهوڪڙو, گينو ڪولهي, پونم پاسڪل, متي والجي, ساحر, سچل ڪوسو رفيق ڪوسو سُريش, مڪيش, اوشو آدرش, علي محمد ڪوسو مدد جروار, مهيندرو ڀيل, ميون ڀيل جنهن جا ٿورا لاهي نٿا سگهجن فقط ڳائي سگهجن ٿا. آئون متي آهيان امڙ ۽ بابا جي پيرن جي جيڪي اڄ بہ جدوجهدن, جلسن, لانگ مارچن, ميلن ۽ ملاڪڙن لاءِ پنهنجي هن غريب ڪامريڊ پٽ کي خرچي سان گڏ دعائون بہ ڏين ٿا.

**محبتن ۾**

**محب ڀيل**
**ڀيل هائوس, وارڊ نمبر 9 جهڏو**
**ڳوٺ پٽيل انب ڀيل تعلقو جهڏو.**
**03002682036**
**muhibbheel@gmail.com**
**آگسٽ 2016ع**

# پاڻ آهيون ڪٿي...؟

انساني تاريخ ۾ ماڻهو پٿر جي ڪٺن دؤر کان وٺي ترقي جا ست سمنڊ جهاڳڻ تائين جي ڏکي ۽ مشڪل سفر ۾ لاتعداد مشڪلاتن کي مُنهن ڏيندو اڳتي وڌندو رهيو آهي. پر حقيقت جي نگاهه سان ڏسجي ته اها ترقي ڪنهن حد تائين انسان جي تباهي جي ذميوار پڻ بڻجي وئي آهي. اوائلي دور جو ماڻهو اجان "ماڻهپي" ۾ نه آيو هو ۽ جڏهن جبلن جي غارن ۽ گهاٽن جنهگلن ۾ رهندو هو تڏهن به ڏاڍو سو گابو وارو قانون هو ۽ ساڳيون قانون جديد شڪلن ۾ اج به موجود آهي. ان دور ۾ زورآور قبيلا هيٺن تي هلان ڪري انهن کي غلام بڻائي سندن گذر جي وسيلن تي قبضو ڪندا هئا ۽ اج به سڄي دنيا کي صرف ڪجهه ئي خاندان يرغمال بڻائي پنهنجي بادشاهت قائم رکيو اچن. ٻي طرف دنيا جي پرامن تخليقي ذهن رکندڙ عظيم ماڻهن پنهنجي شاندار صلاحيتن سان ڌرتيءَ جي پيچيده مسئلن کي حل ڪري دنيا ۾ ترقي جون راهون کولي ڇڏيون جنهن سان اج انساني زندگي آسان بڻجي وئي آهي. انهن عظيم انسانن دنيا جي تقدير کي بدلائڻ واريون ايجادون پنهنجي ذات بجاءِ سڄي ڪائنات جي انسانن لاءِ ڪيون هيون. پوليو هائڊروفوبيا، ٽي بي، مليريا، ڪاري سائي، نمونيا، هيموفيليا ۽ ٿيليسيميا جهڙن خطرناڪ مرضن جو علاج ڳولڻ لاءِ پنهنجيون حياتيون وقف ڪري پنهنجو نور نچوئي شاندار ايجادن سان لکين قيمتي انساني جانيون بچائيندڙ ۽ هن وقت ايڊز ۽ ڪينسر جهڙن مرضن تي پنهنجا سک ۽ آسائشون اربي تحقيقون ڪري بغير رنگ، نسل ۽ مذهبي مت ڀيد جي خلق خدا لاءِ خدمتون ڪندڙ اهي عظيم ماڻهو پنهنجي انسان دوستي واري سوچ کي محدود ڪري فقط ذاتيات لاءِ سوچين ها ته شايد اج ڪين چڱن لفظن ۾ ڪير ياد ڪري ها؟ ٻي طرف دنيا جي حوس پرست ۽ جنوني





ماڻهن خطرناڪ هٿيار ٺاهي دنيا کي رت سان وهنجاري ڇڏيو آهي. پرامن ۽ تهذيب يافته معاشرن ۾ ئي پُرامن ۽ بهتر سماجي نظام جُڙي سگهندو آهي. اهڙي نظام ۾ جمهوريت پسند رويا، امن پسند سوچ ۽ ذهنيت، هڪ بهتر ۽ سگهاري معاشري ۾ امن امان جي ضمانت آهن. دنيا جي ترقي يافته سماجن ۾ امن جي يقيني صورتحال سبب تهذيب، ثقافت، ٻولي، قومي وسيلا، لائبريريون، تعليم ۽ تدريس جا اعليٰ ادارا هزارين سالن تائين مضبوط ۽ محفوظ هوندا آهن. جڳ ۾ امن امان قائم رکندڙ قومون ئي پنهنجو وجود بچائي سگهنديون آهن. دنيا ۾ ڏيک خاطر جمهوريت پسند ملڪ حقيقت ۾ وڏا ڊڪٽيٽر رهيا آهن. برطانيا ۾اج به راڻي ايلزبيٿ ۽ ان جي شاهي خاندان جي حڪم ڪان سواءِ ڪک به نٿو چُري ۽ آمريڪا اڻسدي طرح ٻين ملڪن لاءِ اج به ڊڪٽيٽر، ظالم ۽ بدمست بادشاهه بڻيل آهي. آمريڪا پنهنجي غيرجمهوري سوچ سان پوري دنيا جو امن داءُ تي لڳائي پاڻ هٿيار فروشي ڪري دنيا کي رت سان ڳاڙهو ڪري ڇڏيو آهي. پر ترقي جي بلندين کي فقط اهي قومون ڇهي سگهنديون آهن جيڪي جمهوريت، علم ۽ امن کي يقيني بڻائينديون آهن. صدين تائين انهن قومن جي عظيم تهذيب ، ثقافت ۽ کي لهر نڪو لوڏو هوندو آهي. ڪيترين ئي قومون ۽ ملڪ جنگي صورتن ۾ به پنهنجا تعليمي ادارا بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا آهن. چوته معاشري ۾ فقط تعليم ئي ترقي جي ضمانت آهي. دهشتگردي علم ۽ پرامن معاشرن لاءِ ڪينسر آهي. وقت جا ظالم بي رحم، وحشي، درندا پنهنجي ذاتي مفادن خاطر هن خوبصورت ڪائنات کي رت جو ريج ڏيئي انسانيت جو ڪنڌ جهڪائن ٿا. بندوقون ڇٽن ڪٽن جئين پونڪن ٿيون، ناگاساڪي ،هيروشيما تي ڪيرايل ايٽم بم جي بدبو انسانيت لاءِ قاتل زهر ثابت ٿي آهي. ان ايٽمي ڌماڪن جا اثر انهن ملڪن جي سرزمين تي اج ڏينهن تائين آهن. جنهنڪري اُتي اج به هر گهر ۾هڪ يا ان کان وڌيڪ معذور ٻار جنم وٺن ٿا. انهن مستقبل جي معمار معصومن جي اها معذوري هن دنيا ۾ انسانيت جي علمبرداري جون حامون هڻندڙ انساني حقن جي ادارن جي ناڪامي جو اج به اعليٰ مثال

ٻڌيل آهي. لبنان، فلسطين، شام کان ويندي دنيا جي ڪيترن ئي خِطن ۾ روز مسقبل جي معمارن کي قتل ڪيو وڃي ٿو. جن ملڪن ۾ خطرناڪ دهشتگردي جي ڪري اسڪولون، ڪاليج، يونيورسٽيون تباھ ۽ برباد ڪيون وينديون آهن سي ملڪ پٿر جي دور ۾ داخل ٿي ويندا آهن. دهشتگردي جي ور چڙهيل ملڪن کي ترقي جي راھ تي گامزن ٿيڻ لاءِ وري بہ صدين جو سفر گهربل هوندو آهي. ڇوتہ قومن جي تهذيب، ثقافت، ٻولي، تعليم يافتہ سماج ٺهڻ ۾ پڻ لکين سالن کان انسان جو پورهيو شامل آهي. انسان جي شاندار صلاحيتن سان جڙيل معاشري جي امن کي تيلي ڏيڻ وارو بہ انسان ئي آهي. جنهن هن حسين ڪائنات ۾ پنهنجي ئي ڀاءُ جو خون وهائي انسانيت جو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو آهي.

ٻُرا ڏيـن ٿـا بـهـارن کـي بـاهـيـون،
دنيا جي حسين نظارن کي باهيون.

دنيا ۾ امن جي اڇي پکي کي بي دردي سان ڪُنو ويو آهي. ڦر، چوري، ڌاڙا، رهزني، ڏاڍ مڙسي، قبضاگيري، اقرباپروري، مذهبي انتهاپسندي، خودڪش حملا، ڪاروڪاري ۽ قبائلي تڪرارن اسان جي پُرامن معاشري کي رت سان وهنجاري ڇڏيو آهي. اٿي جي هڪ ڪلو تي انسان جو قتل ڪيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ سرداري نظام ۾ ٿيندڙ دهشتگردي سبب اسڪولن کي تالا آيل آهن. سنڌ جي اُترين ضلعن ۾ قبائلي فسادن سبب اسڪولون بند پيل هجڻ ڪري اُتي تعليم کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي. پاڙي جي واري جي پنجن منٽن تان يا ٻين مس ڪال جهڙي معمولي ڳالهين تان شروع ٿيل تڪرار هيستائين سوين قيمتي انساني جانيون ڳڙڪائي چڪا آهن. انهن علائقن ۾ ذاتي دشمنيون پارڻ خاطر پنهنجي ئي گهر جي بي گناھ عورتن کي موت جو کاج ٻڌائڻ جو غير انساني عمل هن معاشري کي تباهي ڪناري پهچائي ڇڏيو آهي. اغوا، ڦرون، ڌاڙا، قتل و غارت جي ڪري هي علائقا ترقي بجاءِ تباهي طرف وڌن پيا. ڇوتہ انهن علائقن ۾معمولي نوبت





جا ذاتي مسئلا بہ قبيلائي تڪرارن جي شڪل اختيار ڪري ويندا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ انهن علائقن ۾"ذات مار" سوچ جنم وٺي ٿي. جنهنڪري هڪ ذات جا ماڻهو ٻي ذات جا قاتل ويري بڻجي ويندا آهن. ملڪ ۾ تيزي سان وڌندڙ انتهاپسندي ۽ تنگ نظر جنوني ذهنيت جي ڪري خودڪش بم ڌماڪا روز جو معمول بڻيل آهن. بم ڌماڪن جي ڊپ کان وڏن شهرن ۾ معصوم ٻار اسڪولن ۾ وڃڻ کان لنوائن ٿا. پشاور سانحي کانپوءِ پشاور توڙي ٻين وڏن شهرن ۾ ٻيهر پرامن تعليمي ماحول جوڙڻ وڏو مشڪل ڪم هو. خود ڪش حملن ۾ شهيد ٿيندڙ اسڪولي ٻار صبح سويلي پنهنجي والدين کي آخري چمي ڏيئي هٿ لوڏيندا موڪلائي سلامت پنهنجي گهرن مان روانا ٿيا هئا. ڪجھ ڪلاڪن بعد انهن جا گولين سان پروڻ ٿيل جنازا والدين کي پنهنجي ڪلهن تي کڻڻا پيا. ڪتابن جي بيگ ۾ اڌ ۾ رهيل پينٽنگ، رنگين پينون رانديڪا، چاڪليٽ، ٽافيون، ماني جا ٽفن باڪس رت جي ڇنڊن سان رنگجي ڪلاس جي ڪنڊ ۾ ئي پيل رهيا.

ڪڙي پوپٽن جا جنازا هٿن تي، اُٿي ويا مسافر ڇڏي پاڪرن کي، هوائن ۾ آهي شهيدن جي خوشبوءُ ، پرين اڄ اسان جي پُڇا کي ڇڏي ڏي. هڪ طرف دنيا جون طاقتور ڌريون پنهنجي ذاتي مفادن جي حاصلات لاءِ انتهاپسندي ۽ جنونيت کي هٿي ڏيئي ڪائنات جي امن کي ڏڇي ۾ وجهي ڇڏيو آهي. تہ ٻي طرف دنيا جون سرمائدار واپاري ڌريون پنهنجي هٿيارن جي منافہ بخش ڪاروبار جي دائري کي سڄي ڌرتيءَ ۾ وسيع ڪرڻ خاطر ڪڏهن بہ دنيا مان فڏي فساد ۽ جنگ جو خاتمو نٿيون چاهين. ڇوتہ دنيا ۾ امن جي بهتر صورتحال سان هي موت جي وکر جو وکرو بند ٿي ويندو. دنيا جي انهن موتن ماڻهن جي روزي روٽي ان ڪڏي ڪاروبار سان منسلڪ آهي. جنهن ۾ دنيا هڪ اڻکٽ جنگ ۾ مبتلا هجي تہ جيئن هٿيارن جو واپار وڏي پيماني تي جاري رهي. ان ڪاري ڪاروبار سان هڪ طرف دنيا رت سان لال لهو ٿيندي تہ ٻي طرف هٿيارن جي واپاري

سرمائدارن جي دانگي چڙهيل هوندي. ان کان علاوه دنيا جي سرمائدار ملڪن جي اک ۾ ڪنڊو بڻيل اهي ملڪ بہ آهن جن ملڪن ۾ معدني وسيلا، گيس، پيٽرول، ڪوئلو پاڻي، سمنڊ ۽ بندرگاهون آهن. عالمي قبضا خور سامراج انهن وسيلن ۾ اک هنيو ويٺا هوندا آهن. ڪو معمولي ۽ غير جمهوري جواز ڄاڻائي انهن غريب ملڪن تي غيرقانوني ڪاهون ڪري سندن قومي وسيلا قبضي هيٺ آندا ويندا آهن. هن وقت دنيا ۾ تيزي سان وڌندڙ انساني آدمشماري سبب مستقبل ۾ ڪاڌ خوراڪ جي کوٽ هن دنيا جو وڏو مسئلو ٿي اُڀرندي. ان مسئلي کي حل ڪرڻ دنيا جي ڏاهن ۽ دانشورن جي وس جي ڳالهہ نہ هوندي. ڇوتہ بک جي بيماري جو علاج سيمينارن ۾ ٿيل ڊگهين ورن وڪڙن وارين وڏين تقريرن بجاءِ ظاهري طرح سادڙو پر حقيقت ۾ انتهائي پيچيده حل فقط ”ماني“ آهي. هن وقت دنيا جي آبادي جي اڪثريت سان اٽي، لٽي ۽ اجهي جو مسئلو وڏي پيماني تي درپيش آهي. دنيا ۾ ايٿوپيا جهڙا لاتعداد ملڪ هن دور ۾ بہ اهڙن مسئلن جو شڪار آهن. بين القوامي ادارا انهن پسمانده مسڪين ملڪن ۾ اڄ ڏينهن تائين ”ماني“ جي اڻهوند جي ڳنڀير مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا آهن. اهڙي بدحالي واري صورتحال ۾ ملڪ بدامني جي خطرناڪ حالتن جو شڪار ٿي دنيا جي نقشي تان مِٽجي ويندا آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪائنات جو بقا انسان ۽ فطرت جي سلامتي سان واڳيل آهي. ڪائنات ۾ انسان، انسانيت دشمن سوچ ۽ فطرت جي ويري ذهينيت هن دنيا کي دوزخ بڻائڻ ۾ ڪسر نہ ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن ڪائنات ۾ انسان ۽ انسانيت محفوظ نہ رهي تہ يقينن هن خوبصورت ڪائنات جو حُسن خطري ۾ پئجي ويندو. هن دنيا جا سنجيده، باشعور ۽ ذميوار ماڻهو جيڪڏهن هن معاشري ۾ دهشتگردي ختم ڪري امن قائم ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويا تہ دنيا ترقي ڪندي. مقدس تعليمي ادارن مان دنيا جا بهترين ڊاڪٽر، انجينئر، وڪيل پيدا ٿي سگهندا. عالمي انسانيت ۾ ٻڌي، اتحاد، يڪجهتي، امن، رواداري سان دنيا جي امن کي بچائي سگهجي ٿو. انتهاپسندي ۽ رجعت پرستي جي ڪُند ذهين روين کي ترڪ ڪري انساني اڻبرابري، رنگ، نسل، اوچ





نيچ ۽ مت ڀيد جو فرق ختم ڪرڻ سان امن بحال ٿي سگهندو. انساني قدرن بابت سوچ جي سطح جي بُلندي کي اوچو ڪرڻ هن وقت جي اهم ضرورت آهي. هن اهم سمي تي دنيا جي امن پسند ماڻهن پنهنجي معاشري جي بهتر جوڙجڪ نہ ڪئي تہ پوءِ جهڙو فصل پوکبو اهڙو ئي لڻبو. جيڪڏهن هن دور جو جديد انسان پنهنجي ڌرتيءَ جي گولي تان دهشتگردي جي مڪمل خاتمو يقيني نہ بڻائي سگهيو تہ هن معاشري ۾ پڙهيل لکيل سائنسدان ۽ فلاسافر پيدا ٿيڻ بجاءِ خودڪش بمبار، ڌاڙيل، چور، ڦورو، قبضاخور مافيا جو راڄ هوندو، هر طرف جهالت جي اونداهي ڀاڙ هوندي. هي ڌرتيءَ ڏوهارين جي آماج گاهہ بڻجي ويندي. هر طرف خودڪش ڌماڪن جا پڙاڏا، گولين جي گونجار، کهاڙين جا ڪڙڪا، ٻمن جون ٻاهيون هن سهڻي ڪائنات جي وجود کي ساڙي ڇڏينديون. دنيا کي امن ۽ علم جي انقلاب جي ضرورت آهي. جنهن سان ڌرتيءَ جي گولي کي امن جو آشيانو بڻائي انسان ۽ انسانيت کي بچائي سگهجي ٿو.

دنيا ڇاهي ڪيتري بہ ترقي ڪري جدت جو ويس پاتو هجي پر ان سڄي سفر ۾ انساني آدرش ختم ٿي چڪا آهن. شايد اڄ بہ جديد دور جي قديم ماڻهو جي ”حوس“ تي جهنگلي قبيلن جا ماڻهو اچرج ڪائيندا هجن ۽ هو جديد ٿيڻ کان توبهن ڪندا هجن؟ برابر جهنگل جا بہ ڪجهہ قانون آهن انهي تحت اهي ماڻهو پنهنجن قانون جي وڏي پاسداري ڪندا آهن. جديد دور ۾ بہ جهنگلن ۾ رهندڙ ماڻهو هڪٻئي تي خودڪش حملا نٿا ڪن. انهن ماڻهن کي سوئيز بينڪن ۾ ناڻو رکڻ جي ضرورت نٿي پوي، جهنگل جي ماڻهن تي وڪي ليڪس ۽ پاناما ليڪس ۾ ذڪر ناهي، جهنگل جي قديم ماڻهو تہ پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ لڳائڻ ۾ ملوث نہ هو ۽ نہ ئي ٽي عالمي جنگ جي تياري پيو ڪري، پر ٽين عالمي جنگ جي تياري بہ اسان جي جديد دور جو سڌريل انسان پيو ڪري. ماضي ۾ ٿيل ٻنهي عالمي جنگن سان لکين قيمتي انساني جانيون اجل جو شڪار ٿيون، انسان ذات جي ان وڏي ڪوس انسانيت کي لڄائي ڇڏيو. ايٽم بم، ڪيميائي هٿيار ۽ ڊورن سميت ٻيا خطرناڪ هٿيار ٺاهڻ جو ”ڪارنامو“ بہ جهنگلي ماڻهو نہ

پر ترقي يافته دور جي جديد ماڻهو سرانجام ڏنو.

پنهنجي تهذيب، تمدن، ثقافت ۽ امن کي تباهه ڪرڻ بعد فطرت سان هٿ چُراند ڪري ڪائنات ۽ فطرت ۾ تضاد پڻ نئين دور جي انسان پيدا ڪيو آهي. جنهنڪري اڄ سموري ڪائنات جو وجود سخت خطرن ۾ گهيريل آهي. جديد دور جي مهذب ماڻهو پنهنجي گهر کي پاڻ جلائي تماشبين بڻيو آهي. ترقي يافته دور جي نئين انسان جا "لڇڻ" ڏسي جهنگلي ماڻهو جا لڱ ڪانڊارجي ويا هوندا ۽ خودڪش ڌماڪن ۽ تنبو محمد خان جي زهريلي ٽري ۾ مرندڙ ماڻهن جي سانحن ته سندن ڏيل ڏڪائي ڇڏيا هوندا. معصوم ٻارن سان زنا ۽ بي دردي سان قتل تي هو پنهنجا ٻچڙا وٺي وڻن تي چڙهي ويا هوندا. جهنگل جي ماڻهن ۾ سول سوسائٽي، سياسي پارٽيون، ذات پرستي جا اتحاد، هيومن رائٽس، ميڊيا، فوج، عدالتون نه هوندي به مثالي امن قائم آهي. اُتي ته ڪاروڪاري ۽ چرپيلي جهڙي ڪُڌي رُسم نه آهي. انهن وٽ نه اليڪشن آهي نه ئي سليڪشن ۽ نه ئي دانڌلي آهي. ڇا هن دور جي "مهذب" ماڻهو کي جهنگلي انسان جي سماجي نظام مان سکڻ پوندو؟

جديد دور جي نئين انسان جون عادتون ڏسندي سچ پچو ته پشيماني ٿئي ٿي. ماڻهو مان ماڻهپو نڪرڻ کان پوءِ هو انسان سڏائڻ جي لائق آهي؟ ڪهڙي منجهه حساب هو آدم کي ڪوهي آدم سڏائي ٿو ۽ آدم کي ئي لڄائي ٿو. اوچ نيچ ۽ اٻرابري جا پيمانا مقرر ڪري خود ساخته عظمتن جي مينارن تي ٽنگجڻ جي خواهشن ۾ جڪڙجي انسانيت جي شڪل ئي بگاڙي ڇڏي آهي. انسانيت جي تقدس جي بحالي لاءِ هن دور جي سنجيده ماڻهو کي انسانيت ۾ اعتماد بحال ڪرائڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي.





# پوپا ڪلچر ۾ قاتل اسان جو سماج

هن سماج ۾ ڪيترائي اهڙا مسئلا آهن جيڪي ظاهري طرح ته معمولي نظر اچن ٿا پر حقيقت ۾ اهي مسئلا اسان جي سماج ۾ ناسور ٿي بڻجي چڪا آهن. جنهن ڪري ان ناسور زخمن جو عذاب اسان جو سماج ڀوڳي رهيو آهي. انسان پٿر جي قديم ترين دور جا ارتقائي ڏاڪا طئه ڪندو اڄ هن سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي جديد ترين دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي. انسان جي ڏينهن رات ذهني پورهيي جو شاندار نتيجو اهو نڪتو جو اڄ انساني زندگي جون لاتعداد مشڪلاتون هن سائنس جي ترقي يافته زماني ۾ آسان ٿي ويون آهن. انسان جي مسلسل تحقيق ۽ تجربن سبب لاتعداد ڳُجهين بيماري جو علاج ڳولي انساني زندگين کي موت جي راڪاس ۽ خطرناڪ مرضن کان بچائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي وئي آهي. پر پوءِ به هن جديد دور ۾ هر مرض جو ڪامياب علاج موجود هجڻ ۽ لاعلاج مرضن جي مرضن جي ڪوجنا جاري هجڻ جي باوجود به اسان جي معاشري جا ابوجه ماڻهو پوپن جي جڪڙ ۾ سوگها آهن. ڪاري علم، جادو ۽ وير مُٺ جي ڊپ سبب متاثر ماڻهو انهن خلاف آواز به بلند نٿا ڪن. هن ڪشمڪش واري ڇڪتاڻ جي دور ۾ هن معاشري جا ابوجهه ۽ مسڪين ماڻهو بک، بيروزگاري، بيماريون، بدحالي، غربت، سماج جي اٻرابري وارين غيرانساني ظالم روين، برادري ۽ گهرو تڪرارن جي ڪري ذهني عذابن جو شڪار آهن. انهن مسئلن ماڻهن کي نفسياتي مريض بڻائي ڇڏيو آهي. ماڻهو انهن مسئلن جا حقيقي ۽ سائنسي حل ڪيڻ بجاءِ پوپن جي ور چڙهي مسئلن مان آجو ٿيڻ بجاءِ ٻيٽا جڪڙجن ٿا. دماغي روڳن ۾ قاتل رحم لائق نازڪ مزاج نفسياتي مريضن کي سنگهرن ۾ ٻڌڻ، ڏنبي ڏيڻ، ڪمرن ۾ قيد ڪري اڪيلو ۽ قيد تنهائي ۾ رکڻ مرض جو علاج نه بلڪ مريض کي بيماري ڏانهن ڌِڪڻ آهي.

ڪيترائي ان قسم جا واقعا ميڊيا جي رڪارڊ تي موجود آهن. 21جنوري

2016ع جي اخبارن ۾ هڪ خبر تي نظر پئي جنهن کي پڙهندي ئي تمام گهڻو افسوس ٿيو. جنهن ۾ ڄاڻايل هو ته "ميرپورخاص ويجهو ڳوٺ موڙو ڪولهي ۾ هڪ پوپي جن ڪڍڻ بهاني 8 سالا معصوم نياڻي ڪيمي ڪولهي کي مچ ۾ ساڙي ڇڏيو جنهن سبب نياڻي جو جسم 70 سيڪڙو سڙي وڃڻ سميت ٻئي 2 اکيون پڻ ضايع ٿي ويون." هيڏا هاڃا ٻُري هن پنيور ۾. سنڌ ۾ هن قسم جا واقعا گهڻو ڪري ميرپورخاص، بدين، ٿرپارڪر ۽ سانگهڙ ضلعن ۾ تمام گهڻو ٿين ٿا.

زميني حقيقتن کي نظرانداز ڪري سماج جي ڳنڀير مسئلن جا حل ڪارن ڏاڍن ۽ پڙهيل پاڻي ۾ ڳولڻ فراريت آهي. هن جديد زماني ۾ چمڙي جي خطرناڪ مرضن ۾ مبتلا ماڻهو اڄ به ميڊيڪل جو ڪارائتو علاج ڪرائڻ بجاءِ ناسور زخمن تي "پڙهيل لوڻ" ٻرڪڻ ، ڪاري سائي ۽ پيليو جا مريض ويڪسين ڪرائڻ بجاءِ "پڙهيل پڳڙا" ڪاٽي مرض وڌائي رهيا آهن. هائيڊروفوبيا ۾ مبتلا چيتي ڪتي جي چڪيل ماڻهو کي ويرورب ويڪسين ڪرائڻ بجاءِ پڙهيل پاڻي پياري موت جي حوالي ڪرڻ، ريگستاني علائقن ۾ جتي هن جديد زماني ۾ به ميڊيڪل جون سهولتون مهيسر نه آهن. اُتي اڄ به نانگن ۽ بلائن جي ڪکيل ماڻهن کي اينٽي سنيڪ وينيم ويڪسين لڳرائڻ بجاءِ پوپن جي ور چاڙهي زهر ڦهلجڻ جو هٿرادو موقعو فراهم ڪري موت کي دعوت ڏني ويندي آهي. افسوس ان ڳالهه جو آهي ته هن سماج جي ابوجهه ماڻهن سان گڏ پڙهيل لکيل ماڻهو به رات پيٽ ۾ امير ٿيڻ، پسند جي نوڪري ملڻ، پسند جي شادي ٿيڻ سميت پنهنجي مخالف کي مات ڏيڻ خاطر پوپن جي ڏاڍن ڦيٽن جي ڄار ۾ ڦاسي ڪنگال بڻجيو وڃن.

ٻهراڙي توڙي شهرن جي اڪثر گهرو فسادن جي جڙ به پوپا آهن. جيڪي ماڻهن کي هڪٻئي تي تعويذ ۽ ڪامڻ ڪرائڻ جا الزام هڻي انهن ابوجهه ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي فساد ڪرائي بي گناهه دشمنيون وڌائڻ جو سبب بڻجي پاڻ ويهي تماسو ڏسن ٿا. اهي پوپا اهڙي ڪڏي ۽ انسانيت ڪان ڪريل عمل سان ويجهن رت جي رشتن ناتن ۾ دراڙون وجهي پنهنجي





روزي روٽي جو مسئلو حل ڪن ٿا. سائنس جي هن عروج واري دور ۾ به مرگهي جي مرض جو علاج پوپا ڏوٽائي ڪرڻ وارو عمل واقعي ئي عجيب لڳي ٿو. مرگهي دماغ جو خطرناڪ مرض آهي. مرگهي جي مريض کي چڪر اچڻ، ساهه گُهٽجڻ، جهٽڪا اچڻ ۽ بيهوشي جا دورا پوڻ وارو عمل وقت به وقت جاري رهندو آهي. مرگهي جو دورو ڪڏهن مختصر لمحن لاءِ هوندو آهي ته ڪڏهن شديد ۽ وڏي وقت تائين يعني ڪجهه ڪلاڪن تائين به ٿيندو آهي. مرگهي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه عرصي لاءِ بيماري وقفو به ڏئي ويندي آهي ته ڪڏهن ڪڏهن مرگهي جا دورا روز جو معمول به بڻجي ويندا آهن.

اهڙي بيماري ۾ مبتلا مريض کي خاص طور باهه ۽ پاڻي کان پري رکڻ گهرجي. مرگهي جي مرض ۾ مبتلا مريض کي ڪنهن چڱي دماغ جي ماهر ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ بجاءِ ڪنهن تنتري، ڦورو ۽ رهزن پوپي جي حوالي ڪرڻ ڪا عقلمندي نه آهي. ظالم پوپن پاران معصوم مريضن کي بيدردي سان باهه جي مچ ۾ ساڙڻ جهڙا غيرانساني عمل پٿر جي دور ۾ به نه اپنايا ويا هئا. قانون جي ڪمزور جڪڙ سبب پوپن کي کلي ڇوٽ مليل آهي.

اهڙا واقعا هن سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي جديد دور جو هڪ وڏو سانحو آهن. هن کان اڳ به اهڙا واقعا ميڊيا جي عقابي اک ۾ اچي منظرعام تي ايندا رهيا آهن. پر اجان به ڪيترائي اهڙا معاملا ڳجهه ڳوهه ۾ نبيرجڻ ڪري منظر تي نه اچي سگهندا آهن. جنهنڪري اهي پوپا پنهنجي لفظي جادوگري ۽ نفسياتي بليڪ ميلنگ جي ڄار ۾ مسڪين، مظلوم ۽ ابوجهه ماڻهن کي ڦاسائي ٻنهي هٿن سان لٽيندا رهيا آهن. بيماري ۾ ڦاٿل مجبور ماڻهو آسان ڇوٽڪاري جي ڳولا ۾ فيضياب ٿيڻ بجاءِ پوپن جي ور چڙهي ٻٽي عذاب ۾ داخل ٿيو وڃن. پوپن پاران تشدد ڪري بيمارن کي جان کان مارڻ کان ويندي لڄ لٽڻ جا واقعا به ميڊيا ۾ ايندا رهيا آهن. ڪجهه سال اڳ ڪوٽ غلامحمد لڳ به هڪ ظالم پوپي پاران ذهني مريض عورت کي علاج بهاني ڪمري ۾ بند ڪري زنا جو نشانو بڻايو ويو بعد معاملو پوليس تائين پهتو ته پوليس پنهنجي روايت برقرار رکندي انصاف جون ڌڄيون

اُڏائي اصل معاملي جو ڪيس درج ڪرڻ بجاءِ معمولي نويت جو ڪيس داخل ڪري پوپي کي ڳري سزا کان بچائي ڇڏيو. 9 آگسٽ 2014ع تي نئون ڪوٽ لڳ هڪ بي رحم پوپي پاران مليريا جي مريض کي وڻ سان ٻڌي لوهہ جون سيخون تپائي سندس جسم تي ڏنپ ڏيئي سخت تشدد جو نشانو بڻائي آخر ماري ڇڏيو. ڪجهہ سال اڳ ميرواهہ گورچاڻي لڳ هڪ ذهني مريض پوپي پنهنجن 3 معصوم ٻارن کي ڪالي ماتا جي ٻلي چاڙهي کهڻ بعد پاڻ بہ پنهنجي ڪنڌ تان ڇُري ڦيري ڇڏي. مون ماتا جي ٻلي واري ان قيامت تي هڪ ڪالم لکيو هو تہ هڪ نام نهاد ڏرمي ٺيڪيدار (جيڪو پوءِ پارٽ پڄي ويو) تنهن ان ڪالم کي ڏرم لاءِ وڏو خطرو سمجهي ڦوٽو ڪاپيون ڪرائي، ان سان گڏ ڪجهہ انتشار پکيڙڻ ۽ تيش ڏيندڙ فتوائي مواد لکي پنهنجي جيئري ٻارس ڪري وئڪنٽ ۾ ايڊوانس سيٽ بڪ ڪرائيندڙ هڪ چريي ماڻهو کي ورهائڻ لاءِ ڏنو هو. اهو اڏ مئل ماڻهو ست سنگن ۾ مون تي لعنتون ڏياري ست سنگ جو ڦل حاصل ڪندو هو. ميرپورخاص جي هڪ پوپي پاران پٽ ڏيڻ واسطي ٽن نياڻين کي کهڻ جو فرمان پڻ جاري ڪيو ويو هو پر مسئلو ميڊيا ۾ اچڻ ڪري دٻجي ويو. سوال اهيو آهي تہ هن حسين ڪائنات ۾ هي وحشت جي علامت بڻيل واقعا ڪٿي دنگ ڪندا؟ ڊپريشن، هسٽريا ۽ سائڪي جي مرض ۾ مبتلا معصوم مريضن کي نفسيات جي ماهر ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائڻ جي ضرورت هوندي آهي. پر اسان جي معاشري جا ابوجهہ ماڻهو ٽوڻا ڦيڻا ڪندڙ ٺوڳي پوپن جي ور چڙهي وڏو عذاب ڀوڳين ٿا. وڏي عمر تائين جنسي خيالن جي دٻاءُ کي برداش ڪري نفسياتي مرض ۾ مبتلا نوجوان ڇوڪرين کي شادي جي ضرورت هوندي آهي، پر هتي ان جي ابتڙ ذهني مريض بيمار نياڻين کي ابوجهہ مائٽ پنهنجي هٿن سان ڪپڙ ڪوٽ ڪري لوفر پوپن جي حوالي ڪندا آهن. ڇا اهو ظلم ناهي؟ ڪارو ڏندو ڪندڙ اهي بي رحم پوپا انهن ذهني ۽ نفسياتي مريضن کي سخت جسماني ۽ ذهني تشدد ڪري وڏيڪ بيماري ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندا آهن. ٽوڻا ڦيڻا ڪندڙ ڦورو پوپا ڪلچر اسان جي سماج ۾ هڪ "مافيا" بڻجي





چڪو آهي. انهن کي هر دفعي هن سماج جا لڪيل هٿ بچايو وڃن.

پوپن پاران مسئلن ۾ جڪڙيل ابوجهہ ۽ مجبور ماڻهن تي پنهنجو نفسياتي اثر ويهارڻ خاطر وڏا وار رکڻ ، چرس، آفيم، شراب، ڀنگ، ڏوڏي سميت ٻيا خطرناڪ نشا واپرائي اکين ۾ ٻهر ۽ اکيون ڳاڙهيون رکڻ، آڱرين ۾ قسمين قسمين پٿرن واريون مُنڊيون پائڻ، هٿن، پيرن ۽ ڳچي ۾ مٽڪا، ڪڙا ۽ مالهائون پائڻ سميت پنهنجو ظاهري دٻاءُ وڌائڻ لاءِ اجان بہ پوائتا روپ اختيار ڪيا وڃن ٿا. پوپا هن ڪاري ڪاروبار ۾ "صدقي" جي آڙ وٺي مجبورن کي لٽيو ڇڏين. صدقي ڪارڻ ڇيلا ، ڪُڪڙ پاڏا، ڪچو توڙي پڪو سيدو سامان، مهانگا ڪپڙا ديسي نپار گيهہ ۽ سچي ڪيسر سميت پنسار جي دڪان تان تمام مهانگيون شيون خريد ڪرائي پوپا پنهنجا مفاد ماڻين ٿا. هن قسم جا واقعا ماضي ۾ ٿيل سمورن واقعن جي ڪڙي آهي. جنهنڪري اهڙا واقعا گهٽو ڪري هڪجهڙائي رکن ٿا. ذهني مرضن جو شڪار مردن جي ڀيٽ ۾ عورتون وڌيڪ هئڻ ڪري انهن مسئلن ۾ اڪثر ڪري عورتون گهٽو پوڳين ٿيون.

عورتن کي وحشي صفت درندن پاران غير انساني سلوڪ ڪري تذليل جو نشانو بڻايو ويندو آهي. جنهنڪري ڪيترن ئي عورتن جون زندگيون داءُ تي لڳل هونديون آهن. اسان جي سماج ۾ اهڙا واقعا روز جو معمول بڻجي ويا آهن. خاص طور سنڌ ۾ اهڙا سانحا ٿيندا رهيا رهندا آهن. پر هر دفعي هن مدي خارج سماج جا ٺيڪيدار پٽڪا ٻڌيو هٿ ٺوڪي راڄوٽي سان اهڙن ظالمن کي بچايو ڇڏين. جنهن جي نتيجي ۾ انهن ڇڙواڳ ظالم پوپن جو من وڌي ويندو آهي. جنهنڪري هو پنهنجيون ڪڌيون وارداتون جاري رکيو اچن. ملڪ جي اعليٰ عدليہ، سنجيده سوچ رکندڙ باشعور ماڻهو ۽ قانون جا رکوالا "پوپا مافيا" خلاف قانوني ڪاروائي ڪن ۽ هن سماج جا باشعور فرد هن قسم جي مسئلن تي سنجيدگي سان غور ۽ ويچار ڪري جاڳرتا پيدا ڪن تہ جيئن هن معاشري جا معصوم انسان پوپن جي ڏنل ذهني عذاب ۽ تذليل کان بچي سگهن.

# دنيا جو اصل مسئلو "بُک" آهي۔ ؟

"دنيا جا پورهيتو هڪ ٿي وڃو" جهڙو بي مثال نعرو ۽ داس ڪيپيٽال جي صورت ۾ دنيا کي بدلائيندڙ شاهڪار انقلابي ۽ سائنسي نظريو ڏيندڙ استاد ڪارل مارڪس جو پٽ ايتگر مارڪس انتهائي معاشي تنگدستي، غربت، مفلسي، بدحالي، بيماري سان گڏ خاص طور بک سبب گذاري ويو. انقلابي نظريي سان سامراج جا پاري برج لوڏيندڙ مارڪس پنهنجي پياري ٻچڙي کي بک کان بچائي نہ سگهيو. پر مارڪس چيو تہ "منهنجو هي پٽ تہ بک وگهي مري ويو پر هن بک جي گهڙين ۾ جيڪو ٻيو پٽ مان هاڻ پيدا ڪندس (داس ڪيپيٽال ڏانهن اشارو) ان پٽ کي دنيا جي ڪابہ طاقت نٿي ماري سگهي" مارڪس بعد سندس نظريي تي بُکين مارڪسوادي ڪامريڊن روس، چين، ويتنام، ڪيوبا سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ انقلاب آڻي بک جو مقابلو ڪيو.

ڪي ماڻهو فقط ايترو ڪائيندا آهن جو صرف زنده رهي سگهن پر ڪجھ ماڻهو تہ زنده ئي ڪائڻ لاءِ هوندا آهن. جڳ مشهور سماج سڌارڪ مسڪين جهان خان کوسو بہ ماني جي پرواھ ڪرڻ بنان لڳ ساڙيندڙ لُڪن ۾ لڪ لتاڙيندو خدائي خلق جي ڀلائي خاطر هن سماج جون صعوبتون، تڪليفون، ڏک، پيڙاھ، مشڪلاتون ۽ سور سهندو اڳتي وڌندو رهيو. سندس جيون ساگر جي سماپتي لمحن دوران لال بتي جي هڪ وارڊ ۾ هڪ عظيم ۽ نامياري سماج سڌارڪ جي موت جي ٻين سببن سان گڏ چار ڏينهن کان ماني نہ ڪائڻ بہ هڪ سبب هو. بک هن سهٽي دنيا جو وڏو مسئلو هئي، آهي ۽ مستقبل ۾ بہ رهندي. ان مسئلي جو مستقل حل هيستائين نہ نڪري سگهيو آهي. دنيا ترقي جي بلندين کي ڇُهي پئي، سائنس ۽ جديد ٽيڪنالوجي جو نت نيون ايجادون، ڪائنات جا راز پروڙڻ، ناممڪن کي ممڪن بڻجڻ جو تعميري سفر، چنڊ تي انساني قدم، مريخ تي زندگي جي ڳولا، فاصلا مختصر ٿيڻ، ڊي اين اي ۽ ڪلونگ





سميت ٻيا سائنسي دنيا جا بي مثال انقلابي ڪارناما جن دنيا کي حيرت انگيز ترقي ڏياري آهي، پر ان سڄي ترقي جي تاريخ ۾ بک جو بلو نہ ڪيو ويو. ان سائنسي حقيقت کي تسليم ڪرڻ لاءِ ذهني طرح تيار رهڻ گهرجي تہ بک بحال رکڻ خاطر ڳيي جو ڏڪار دنيا جي وڏن هٿن جو هنيل آهي. ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي هيستائين ڪائنات جون حالتون ۽ لقاءُ مسلسل بدلائو ۾ رهيا آهن. يعني ڪائنات جون ٻيون بہ اڻ ڳڻيون شيون "نفي جي نفي" واري عالمي سائنسي قانون تحت فنا ٿينديون رهيون آهن پر تبديلي فنا نٿي ٿئي اها مسلسل برقرار رهي آهي. بلڪل ائين ئي تبديلي سان گڏ بک بہ برقرار رهي آهي. معنيٰ تہ بک فنا نٿي ٿئي، بک کي موت نٿو اچي، بيڪٽريل شين کي اينٽي بايوٽيڪ سان موت اچي ٿو بک جڻ وائرل هجي ۽ وائرل شين کي زندگي ئي ناهي تہ موت ڪٿان ايندو؟ بک جو علاج مستقل نہ پر عارضي آهي. بک جو خطرناڪ مرض زندگيون کائيو وڃي. بکايل ماڻهو دنيا جي ڪهڙي بہ خطي جو هجي پر بک جو سور ۽ بک سبب پيٽ ۾ پيل مروڙ جو درد سڄي ڪائنات ۾ هڪجهڙو آهي. سور جي ڪيفيت ۽ رت جو رنگ بہ هر جاءِ تي هڪجهڙو آهي. دنيا جي مقدس وجود تي بک جي جمودطاري آهي ۽ دنيا جي ترقي ۾ رڪاوٽ جو راز بہ بک آهي. بک جي خلاف ڪيترين ئي بک هڙتالون بہ رڪارڊ تي آهن.

ڪائنات ۾ ساهوارا پنهنجي نسلي واڌ ويجھ خاطر بک سان ويڙھ ڪري پنهنجو وجود بچائن ٿا. هڪڙا ساهوارا ٻين جيوتن کي کائي پيٽ جي بک اُجهائن ٿا ۽ پنهنجو نسل برقرار رکي ڪائنات جي وجود جي گواهي بڻيل آهن. جڏهن تہ ڏاڍا ۽ هيڻا بک متائڻ وارن وسيلن تان وڙهندا هڪٻي جي نسل ڪشي ڪندا رهيا آهن. پر بک ۾ گُرڙ پکي جا صفا هوش خطا ٿيو وڃن. جنهنڪري هي خوني پکي بک ۾ پنهنجا جيئرا ٻچا ٻوٽي ٻوٽي ڪريو کايو وڃي. تنهنڪري ان پکي جو نسل ناياب ٿي ويو آهي پنهنجي نسل جي ناياب ٿيڻ جو ذميوار بہ هو پاڻ آهي. اهڙي صورتحال ماڻهو جي بہ ٿيندي نظر اچي ٿي. بک اجهائڻ خاطر ماڻهو ٻي ماڻهو جو ماس پٽي پيو. جنهن ڪري هاڻ ماڻهو پنهنجي ئي نسل لاءِ خطرو بڻجي چڪو آهي ڪائنات ۾ ماڻهو جو ماڻهو کان وڏيڪ ٻيو ڪو ويري نہ آهي. پکي خوراڪ

جي ذريعن جو زخيرو نٺا ڪن، پر ماڻهو اناج جا زخيرا ڪري ٻين ڪروڙين انسانن کي بک تي رکيو اچي. پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ سميت ٻين خودڪش حملن، جهيڙن، فڏن ۽ فسادن ۾ هيستائين ڪروڙين انسان موت جو راڪاس ڳڙڪائي چڪو آهي. هن دنيا کي امن ۽ شانتي جو آشيانو بڻائڻ جي ڳالهه ڪندڙ ماڻهو دنيا مان فقط بک ختم ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهن. ان سبب ڪيترن ئي مسڪين ملڪن جا ماڻهو اڄ بہ خوراڪ جي شديد قلت جي ڪري حياتيون وڃائن پيا. هن ڌرتيءَ تي انساني آبادي جي نسل ڪشي صرف گولين، بندوقن، ايٽمي هٿيارن ۽ بيمارين سان نہ ٿي آهي پر ان قتل عام ۾ بُک جو اهم ڪردار رهيو آهي. دنيا جي دورنگي بازار ۾ مختلف فلسفا ۽ نظريا بازاري وکر جيئن موجود آهن. دنيا ۾ ڳاڙها، ڦڪا، ساوا، اڇا، ناسي، ڪارا، گلابي، رتام خوني انقلاب، ورن وڪڙن وارا پيچيده انقلاب، طوطي جي پرن جهڙن ساون ۽ سبز انقلابن جا هوڪا هُلن ٿا. پر بک فقط ماني جي ٻولي سمجهي ٿي. بقول حافظ نظاماڻي جي

سڄو ڏينهن جي ويهي مان سجدا ڪيان،
تہ ماني جو ملهہ ڏس مونکي ڪير ڏيندو؟
آدم جو اولاد آ، ملائڪ تہ ناهي،
جڏهن پيٽ پربو تڏهن اک پٽيندو.

تنهنڪري بک کي ختم ڪرڻ جي انقلاب جون ڳالهيون بہ خيالي پلاءُ جيئن وٽن ٿيون، پر انهن ڪتابي، دانشوراڻين ۽ فلسفاڻين ڳالهين سان پيٽ نٿو ڀرجي. بک کي چاٻ دانگي جي پٽي (ماني) سان ايندي آهي.نوخيز نيٽن ۽ ڌرتيءَ جي عشق ۾ برابر ڳيي پت جي ضرورت هڪ تاريخي ۽ سائنسي حقيقت رهي آهي. پيٽ جي دوزخي باهہ اُجهائڻ لاءِ ٻن مانين سان گڏ ٻوڙ جو ذرو ملي وڃي تہ هينئي کي ٿڌو ڇنڊو لڳي ويندو. زندگي جي گاڏي کي بک جو ڪنڊو پنڪچر ڪري ٿو پر وري بہ ماني جي چٽي زندگي ۾ ساهہ پرندي آهي. قبرون کوٽيندڙ گورکي جي روزي روٽي ماڻهن جي موت سان منسلڪ آهي. بک جي مجبوري انساني آدرش جو





آڪال آندو آهي نہ تہ ماني گرهہ خاطر ماڻهو مرڻ لاءِ دعا ڪير گهري؟ ڪيوبا جي آزادي واري ويڙهہ ۾ فيڊرل ڪاسترو ۽ چي گويرا جهڙن انقلابي جوڌن جنگ دوران محاذ تي بک ۾ پولڙا ۽ گهوڙا ڪُهي کائي بہ سامراج خلاف ثابت قدمي سان ڄمي وڙهيا هئا. انهن انقلابي اڳواڻن جي لازوال ۽ عظيم قربانين جي نتيجي ۾ سندن وطن ۾ انقلاب جي سج اُڀريو ۽ بک جو خاتمو آيو. ايوب کوسي جو قلم بک کي هيئن ٿو ڏسي اي بکيا! ماني آسماني صحيفو ناهي، پورهيتن ان کي پنهنجي رت ۽ پگهر سان زمين مان پيدا ڪيو پر سرمائدار ان کي اغوا ڪري ويا. سموري دنيا تي غير جمهوري طريقي سان قابض چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترين عالمي سامراجي قوتن جي مکيہ ايجنڊا ئي اهو آهي تہ هن حسين ڪائنات ۾ بک کي ڪيئن برقرار رکجي ۽ دنيا جي بکين ماڻهن تي حڪمراني ڪيئن قائم رکجي؟ استاد بخاري جي سٽن ۾

اسان اڏ ڏاوا اوهين وڏ ڏاوا،
اسين ڦٽڪون ٿا، اوهين فاٿو ٿا.

دنيا جي ست ارب آبادي مان تمام ٿورا ماڻهو اهڙا هوندا جيڪي ٽي ويلا ماني کائي سگهندا هوندا، پر اڄ بہ انسانن جي وڏي اڪثريت بک سبب ويلا ڪاٽڻ تي مجبور آهي. هن دنيا ۾ ماني جي مجبوري انساني حقن جي عالمي ادارن، بک کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندڙ مها سماجي اڳواڻن، خوراڪ جي کوٽ ختم ڪرڻ جي پروجيڪٽ هلائيندڙ ادارن لاءِ چيلينج ان ڪري بڻيل آهي جو بک ختم ٿي وئي انهن جا پروجيڪٽ بہ ختم ٿي ويندا، دنيا جي غريب انسانن جي بک اميرن جي ڏئو جو لڪل راز بہ آهي تہ هن دنيا جو وڏو الميو بہ آهي جو هن خوبصورت ڪائنات ۾ اشرف المخلوقات جي فنا ٿيڻ جو باعث بک بڻجي رهي آهي. "ڏائو کنهي پيٽ، بکئي جو وڃي ساهہ" هڪ طرف دنيا جي مالدار ماڻهن کي شگر، بلڊ پريشر، چربي ۽ وزن وڌڻ سميت لاتعداد بيماري ۾ هرقسم جي غذا تي پابندي عائد ٿيل هوندي آهي جنهنڪري اهي ماڻهو هن وڻندڙ ڪائنات جي لاجواب ذائقن کان محروم هوندا آهن، ۽ ٻيا اهي ماڻهو جيڪي بک

لڳائڻ جو دوائون ته ڪائن ٿا پر ڪين بک نٿي لڳي. ٻي طرف گهٽائي ۾ اهي ماڻهو آهن جن جو وزن فقط بک ۽ خوراڪ جي شديد ڪمي جي ڪري خطري جي حد تائين گهٽجي ٿو نيٺ انهن ڪروڙين مسڪين انسان جي زندگي جو انجام موت جي چوواٽي تي دنگ ڪري ٿو. جتي بک زندگي جا سگنل ختم ڪريو ڇڏي.

دنيا جي گولي تان وڏي ۾ وڏو ساهه وارو جانور مرحوم ڊائنوسار ان ڪري پرلوڪ پڌاري ويو جو سندس پيٽ پوڄا وارو مسئلو وڏي وڻ ٿي ويو هو. خوراڪ جي ذريعن جي شديد قلت ڊائنوسار جو نسل ئي ختم ڪري ڇڏيو. "بُک بڇڙو ٿول داناءَ ديوانا ڪري" بُک انقلابن جو سبب به بڻجندي آهي ته رڪاوٽ به. پر جديد ميڊيڪل جي ڪامياب تجربن ۾ ڪٿي به اهيو ثابت نه ٿيو آهي ته بُک ڪا بيماري آهي؟ پوءِ ٿر جا مسڪين ٻار بُک ۾ ڇو ٿا مرن؟ بُک کان بچاءَ جي ڪا احتياطي تدابير يا ويڪسين آهي؟ مجنو ته ليليٰ جي حُسن ۽ عشق ۾ زمانن تائين بر پٽن ۾ ٿُڙ ٻٽيو بيٺو هو. مٿس وڻ ويڙهي وراڪا ڏيئي وئي هئي، هڪڙي ڪانير ته وڃي ڪهاڙو وڌو تڏهن وڃي مجني رڙ ڪئي "يرا حضرت عشق جي وڪيل ڪي نه وڍ" جڏهن ته اڄ حُسن ۽ عشق جي صورتحال بابت زميني حقيقتن جي عڪاسي هنن سٽن ۾ ڏسجي ٿي ته "ڊئو بنان ڊولا ناهي ساڃاهه سونهن جي" هاڻ سائنس ڪي اهيو ثابت به ڪرڻو آهي ته عاشق مست مجني ايڏو عرصو بُک ڪيئن برداش ڪئي؟ اهيو فارمولو ٿر سميت ايٿوپيا جهڙن ملڪن جي ماڻهن کي بُڏائي سندن زندگي بچائي وڃي. جيئن ريگستاني جانور اُٺن ۽ ڊڳن جي پُٺن تي چربي جو وڏو ٿوهو ڪين ڏڪار جي صورت ۾ گهٽي عرصي تائين بُک برداش ڪرڻ جي قوت فراهم ڪري ٿو. هن جديد دور ۾ عضون جي پيوندڪاري، پلاسٽڪ سرجري، مصنوعي اکيون، ڪن، نڪ، چپ، جيرو گڙدا لڳائڻ ۽ جنس مٽائڻ جا ڪارناما سرانجام ڏيندڙ ميڊيڪل جي ماهر مسيحاهن کي گهرجي ته بُک متاثر ماڻهن جي پُٺ ۾ به " بُک پروف ٿوهو" هٽي دنيا جي اڪثريت کي بک سبب موت جي راڪاس کان بچايو وڃي نه ته ماڻهو به ڊائنوسار جيئن ڌرتيءَ ماتا جي گولي تي ناياب نسل بڻجي





ويندو. وقت به وقت ٿرپارڪر، ڪوهستان ۽ اڇڙي ٿر سميت سنڌ جا ڪيترائي علائقا شديد ڏڪار جي ور چڙهيل رهندا آهن. جتي بُک وڏو مسئلو بڻيل آهي. انهن علائقن ۾ نائجيريا ۽ ايٿوپيا جهڙيون حالتون پيدا ٿينديون نظر اچن ٿيون. بک دنيا جي سائي وڻ کي ٻي پاڙهي ول جيئن ويڙهي وئي آهي جنهن هن ڪائنات کي سڪائي رکيو آهي. دنيا اربين بکايل ماڻهو پنهنجي تقدير کي پاڻ بدلائڻ بجاءِ گنل پيٽل موروثي نظرين ۽ نعرن جي ذريعي تقدير بدلجڻ جي آسري ۽ ڪنهن معجزاتي چمتڪار جي اميد تي هوندا ته بک سندن نسلن ڪشي ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندي سندن معصوم ٻُکن ۾ پاهه ٿي ويندا. جڏهن ته دنيا جي سمورين تحقيقاتن ۾ اهيو ثابت ٿي چڪو آهي ته بُک ڪو لاعلاج مرض نه آهي. بک جون پاڙون ۽ ٽڪاٽا غريبن جا گهر آهن جتي هو مستقل مهمان طور ترسيل آهي. دنيا جا ماڻهو پنهنجي بُک جو پاڻ مستقل علاج ڳولن ته جيئن دنيا مان بک جو باب بند ٿي سگهي. بکن سبب مسڪين ۽ مظلوم ماڻهن جي مرڻ سلسلو نسل در نسل هلندڙ آهي. دنيا جا موروثي امير ماڻهو اميرترين بڻجندا وڃن ۽ غريب ماڻهن کي غريب ترين رکڻ لاءِ سرمائيدار سامراج ۽ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا وڏا ماڻهو ڪوشان آهن. بُک، بيروزگاري ۽ بدحالي سبب مايوسين جي ڪُن ۾ ڦاٿل مسڪين ماڻهو خودڪشي ڪري زندگي جو ڏيئو اُجهائڻ ۾ مسئلن جو حل سمجهن ٿا. ڪافي پيرا ته ڪجهه ماڻهو پنهنجا معصوم ٻچڙا بازار ۾ وڪڻڻ لاءِ هوڪا ڏيندي ڏٺا ويا آهن. اهڙيون خبرون وقت به وقت ميڊيا تي پڙ ايندڙيون رهيون آهن اهڙي خطرناڪ صورتحال تي سڄي دنيا جي ساڃاهه وند ڌرين ۽ باشعور انسان دوست ماڻهن کي سنجيدگي سان غور ۽ ويچار ڪري مستقبل لاءِ بُک ختم ڪرڻ جي پلاننگ ڪرڻي پوندي. ٻي صورت ۾ بُک آنا ٻچا ڏيئي سڄي دنيا ۾ پنهنجا فارم ڪولي ڇڏيندي. بک جي ان خطرناڪ صورتحال کي وس ۾ آڻڻ انسان جي وس جي ڳالهه نه هوندي. تنهنڪري بک جي بدنما داغ کي دنيا جي حسين دامن تان ڌوئي صاف ڪريون.

# سنڌ جي ماڻهن ۾ "پنڻ" جي نفسيات جو وڌندڙ رجحان ڪنهن تاريخي الميي کان گهٽ ناهي ◦

دنيا جا سڌريل ملڪ پنهنجي عوام جي سمورن ڏکن، سورن، اهنجن، تڪليفن، دردن ۽ پيڙائن کان چڱي ريت واقف هوندا آهن. جمهوريت پسند رياستون پنهنجي ملڪ جي شهرن، ڳوٺن، واهڻ، وستين تائين امن امان جي صورتحال، معاشيات، سياسي، سماجي، علمي، ادبي، معاشرتي ريتن، رسمن، سماجي براين، رياستي ڏوهن تي سخت نظر رکن ٿيون. جنهن جي نتيجي ۾ اهي ملڪ آدم ذات لاءِ سک، امن، شانتي ۽ آسائشن جو شاهڪار آشيانو بڻيل آهن. ڪيترن ئي ملڪن ۾ بيروزگار نوجوانن کي سرڪار نوڪري ڏيڻ تائين مقرر الائونس ڏي ٿي. رٽائرمينٽ کي پهتل پيرسن ماڻهن لاءِ پڻ اسپيشل ڪوٽا هوندي آهي. جنهن تحت اهي ماڻهو سماج ۾ ڪنهن تي بار ٿيڻ بجاءِ سرڪار جي سهاري سان پنهنجي حياتي جا ڏينهن آساني سان گذاري ويندا آهن. ان سبب انهن سڌريل ملڪن ۾ پنڻ جو رجحان نہ هئڻ برابر آهي. انهن رياستن ۾ قانون ۽ آئين جو احترام هر فرد تي لازمي فرضن ۾ شمار ٿئي ٿو. قانون جي پاسداري ئي ملڪن جي ترقي ۽ امن جي ضامن آهي. ملڪن جي خوشحالي لاءِ ڪوشان معاشري جا ذميوار ۽ سنجيده فرد پنهنجي قوم ۽ وطن جي ناموس، ثقافت، تهذيب ۽ تمندن جي تحفظ جا رکولا بڻيل رهيا آهن. جنهنڪري انهن قومن جي سوچ، ويچار ۽ خيال رجعت پرست، قديمي ۽ انتهاپسنداڻي جنونيت بجاءِ جديد ترقي پسند آهن.

ڪيترين ئي ڳالهيون، واقعا ۽ حادثا قومن جي نفسيات تي صدين تائين خطرناڪ اثر ڇڏي ويندا آهن. ڌارين حملي آورن جي گهوڙن جي سنبن صديون اڳ سنڌ کي چچريو هو پر اهو "گهوڙا ڙي گهوڙا" جا واڪا، آهون، دانهون ۽ ڪوڪون اڄ بہ سنڌي ماڻهن جي ڪنن ۾ واڄٽ جيئن وڄن ۽ گونجن ٿيون. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي پاڻي ٻوڙيندو يا باهہ ساڙيندي تڏهن بہ اهو ماڻهو "باهہ ڙي باهہ يا پاڻي ڙي پاڻي" ڪرڻ بجاءِ "گهوڙا ڙي گهوڙا" جون اُپ ڌاريندڙ پڪارون ڪندا آهن. فوتگي تي بہ سنڌي ماڻهو گهوڙا ڙي گهوڙا جي دانهن سان پار ڪيڏي روئيندا آهن. اهڙا واقعا صدين تائين قومي نفسيات ۾ خوف ۽ حراس جو سبب بڻيل آهن. معاشري جا سماجي سائنس جا ماهر ماڻهو پنهنجي قوم کي اهڙي خوفزده نفسيات مان آجو ڪرڻ لاءِ عملي ڪردار ادا ڪري قوم ۾ بهادري ۽ دليري جا شاندار جذبا پيدا ڪندا آهن. پنهنجي عوام جي هيٺن ماڻهن ۾ همت ۽ جُرت پيدا ڪري ڪين تاريخي احساس ڪمتري ۽ احساس محرومي جي مايوسي مان ڪيڏي ڪين هماليہ جيڏا حوصلا ڏيئي سندن ذهنن ۾ احساس برتري جي قومي نفسيات پيدا ڪئي ويندي آهي. اهي قومون ڌرتيءَ جي گولي تي پنهنجو وجود بچائڻ ۾ ڪامياب وينديون آهن. جنگ جي فن جا ٻہ عظيم ماهر سن زو ۽ نيپولن بوناپارٽ بہ ان ڳالهہ تي آماده آهن تہ دنيا جون ڪيترين ئي جنگون خطرناڪ هٿيارن جي ويڙهہ ۾ انسانن جو خون وهائڻ کان سواءِ فقط نفسياتي برتري حاصل ڪري بہ کٽي سگهجن ٿيون.

هن وقت سنڌي قوم جي نفسياتي صورتحال بہ ڪجهہ ڳٽتي جوڳي آهي. جنهن تي سنڌ جي ساڃاهہ وند ڌرين کي نهايت ئي سنجيدگي سان سوچ ويچار ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. 1843ع کانپوءِ انگريز سرڪار قابض ٿيڻ بعد راجائن ۽ مهاراجائن جون رياستون ۽ راڄواڙا ٽوڙي انهن شاهي گهراڻن جي خرچ پکي لاءِ وظيفا مقرر ڪري ڇڏيا هئا. اٽسڌي طرح وظيفو مفت خوري ڏانهن راغب ڪري ٿو جيڪو اڳتي هلي خيرات جو هڪ جدا قسم بڻجي ويندو آهي. انگريز فرنگي برصغير جي راجائن جي نفسيات کي سمجهندي ڪين سر، خانبهادر، راجا ۽ مهاراجا جا شاندار خطاب ڏيئي آهستي آهستي ڪين فقير بڻائي ڇڏيو. هڪ صدي تائين اهي يوسي سطح جي رياستن جا بادشاهہ فرنگين اڳيان جي مقرر ڪيل وظيفن تي پلبا رهيا. مفت جا وظيفا بند ٿيڻ بعد انهن بادشاهن جي باقيات مالي

تنگدستي ۾ زندگي گذاريندي ڏٺي وئي. دنيا جا سمورا مهذب مذهب غريبن جي مدد جي سختي سان تاڪيد ڪن ٿا. ڪنهن مسڪين، مجبور ۽ ضرورتمند اڙيال جي اڙي پڄڻ ئي اصل انسانيت آهي. پر پنهنجن ذاتي مفادن لاءِ پنهنجي قوم جي مسڪينن کي خيرات ۽ امداد جو عادي بڻائي انهن ماڻهن جي قومي نفسيات ۾ ڪين پينو بڻائڻ هڪ غير جمهوري ۽ غيرانساني عمل آهي. اسان جي ملڪ ۾ غريب، بي پهچ ۽ مسڪين ماڻهن جي سهائتا لاءِ پڻ ڪيترائي سرڪاري ادارا جوڙيل آهن جن جو فنڊ اصل حقدارن کي ملڻ بجاءِ ڪرپشن جي کوڙهه ۾ مبتلا راشي ڪاموراشاهي جي پيٽ پرڻ جو ذريعو بڻيل آهن.

جڳ مشهور سماجي ڪارڪن مرحوم عبدالستار ايڌهي ۽ چيپا جهڙن چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن ۽ ادارن کانسواءِ بي سهارا مسڪين ماڻهن جي مدد ڪندڙ بيا لاتعداد سماجي ماڻهو ۽ اين جي اوز ٽائپ سماجي ادارا پڻ خيراتون ۽ پروجيڪٽ وٺڻ لاءِ آتا هوندا آهن. انهن جو ڪوبہ احتساب نٿو ڪيو وڃي. خانہ پوري لاءِ ڪيل نالي ماتر آڊٽ ۾ بہ لاڳاپيل آفيسر ڳجهہ ڳوهہ ۾ ملي پڳت سان پنهنجو حصو پتي مخصوص ڪري ويندا آهي. غريبن لاءِ مخصوص ڪيل زڪوات ۽ خيرات مان اعليٰ آفيسرن جا برگر ٻار پلجن ٿا. پ پ سرڪار هن گذريل دور حڪومت ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي نالي سان "بينظير انڪم سپورٽ پروگرام" متعارف ڪرايو. جنهن ۾ غربت جي شرح چڪاسڻ لاءِ هڪ سروي ڪئي وئي. جنهن بعد هڪ مخصوص فارمولي تحت غريب عورتن کي منتخب ڪيو ويو. اي ٽي ايم ڪارڊ ذريعي انهن عورتن کي ماهوار هڪ هزار روپيا غربت کي مِٽائڻ لاءِ ڏنا وڃن ٿا. ان پرگرام معتارف ڪرائڻ ۽ سال 2010ع ۽ سال 2011ع جي ٻوڏ ۾ ملندڙ امداد ۽ وطن ڪارڊ سميت ٽر ۾ مسلسل ڪاري ڏڪار کان پوءِ ملندڙ ڪٽڪ جي ٻوري جي امداد بعد سنڌي عوام جي تبديل ٿيندڙ قومي نفسيات رحم جوڳي ٿي وئي آهي. ٻوڏ جي خطرناڪ صورتحال جي ڏکين ڏينهن ۾ تہ سرڪار پاران امدادي سهائتا تمام وقت جي اهم ضرورت هئي جنهن سان انساني جانيون بچي





سگهيون. پر پوءِ آهستي آهستي ڪيمپن ۾ ترسيل ڪجهہ متاثرين تہ پنهنجن ماڳن تي وڃي روزگار ۽ ٻني ٻاري کي لڳي ويا پر ڪجهہ متاثرين انهن ئي ڪيمپن ۾ ترسي مفت جون امدادون حاصل ڪرڻ ۽ خيراتون وٺڻ واري پينو نفسيات جي مرض ۾ وڪوڙجي ويا. سرڪار غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ روزگار جا ذريعا پيدا ڪرڻ بدران پنڻ جا ذريعا پيدا ڪري هڪ باصلاحيت، محنتي ۽ تاريخ جي سخي ۽ مهمان نواز عظيم قوم کي پينو بڻائي ڇڏيو آهي. گذريل هڪ ڊگهي عرصي کان سنڌ ۾ غريب ماڻهن سان امداد جي نالي ۾ وڏي تذليل ٿيندي رهي آهي. هر طرف خاص طور عورتن ۽ پيرسن مردن جو هڪ وڏو انگ صبح سويلي مزدوري تي وڃڻ بجاءِ قومي شناختي ڪارڊ ۽ انهن جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپين سميت درخواستون کڻي سرڪاري آفيسن توڙي سماجي ادارن ۽ اين جي اوز جي آقائن اڳيان ڏڪا، ٿاٻا کائي دربدر ٿيندو رهي ٿو. سنڌ جا مسڪين ۽ ابوجهہ ماڻهو امداد جي آسري ۾ بدمست آفيسرشاهي جا داٻا، دڙڪا ۽ ڇڙٻون برداش ڪرڻ تہ روز جو معمول آهي پر ڪڏهن ڪڏهن تہ تشدد جا واقعا بہ اخبارن جي زينت بڻبا آهن. امدادي قطارن ۾ رش سبب عورتن جو بيهوش ٿيڻ ۽ عورتن جا پاڻ ۾ جهڳڙا پٽ ٿيڻ جا واقعا بہ روز اخبارن ۾ ايندا رهندا آهن. ٻوڏ دوران عارضي امداد بعد روزگار جا ذريعا ختم ٿيڻ ڪري هاري ۽ مزدور طبقي تمام وڏو عذاب ڀوڳيو هو. ٻوڏ ۾ سراسري طور هڪ هاري جو ٽي ايڪڙ ڀوڪيل مرچن جو فصل ۽ بہ ايڪڙ ڦٽيون ٻوڏ جي نظر ٿيڻ، گهر، گهاٽ، ڪٽون ، هنڌ، بسترن سميت سندن چوپايو مال پڻ مري ويو هڪ هاري جو نقصان جو ڪاٿو مجموعي طور ٿُلهي ليکي ڏهہ لک جي لڳ ڀڳ ٿئي ٿو. ان پورهيت جو لکين روپين جو نقصان پرڻ لاءِ سرڪار پاران ڏهن هزارن جو وطن ڪارڊ يا پاڪستان ڪارڊ جي نالي سان ازالو ڪرڻ جي سخاوت ڪئي وئي. ڀهراڙي جا ڪيترائي ابوجهہ ماڻهو تہ اهو خيراتي ڪارڊ حاصل ڪرڻ لاءِ مهينن تائين آفيسن جا چڪر ڪاٽي ڏهہ هزارن جيترو تہ خرچ ڪري ويا پر پوءِ بہ ڪيترائي مستحق ماڻهو ڪارڊ ٺهرائڻ کان رهجي بہ ويا هئا جيڪي اڃان تائين اهو ڪارڊ حاصل ڪرڻ کي پنهنجي زندگي جو

اهم مقصد سمجهي ڪوشش ۾ رڌل آهن. اهڙي نفسيات هڪ عظيم قوم جي فقير بڻجڻ لاءِ راهه هموار ڪري رهي آهي.

هڪ طرف امدادي آفيس اڳيان سنڌي عوام جو اهو طبقو قطارون ڪري بيٺل هوندو آهي جيڪو عام طور معاشري ۾ پنهنجي محنت ۽ مزدوري سان پيٽ گذر ڪري زندگي گذاري ٿو پر ان محنت ڪش ماڻهن کي هڪ هزار روپين جي معمولي خيرات ڏيئي کين پنڻ تي هيرايو پيو وڃي. انهن ماڻهن کي هر وقت اي ٽي ايم مشينن جي آسپاس چڪر لڳائيندي پسي سگهجي ٿو. پر ان سان گڏ خيراتي پئسا ڏيارڻ لاءِ ايجنٽن جا ٽولا بہ آسپاس ۾ ڦيرا ڏيندي نظر ايندا آهن. جيڪي ڀهراڙي جي ابوجهه ماڻهن کي ملندڙ خيرات مان پنهنجو حصو وصول ڪري بقايا پئسا ڏيندا آهن. ايتري قدر جو ايجنٽن پاران اي ٽي ايم مان ڪارڊ مٽائڻ جا بہ فيس جي نالي تي پئسا ورتا ويندا آهن. بئنڪون بہ بي آئي ايس پي جي قسط اچڻ وارن ڏينهن ۾ پنهنجيون اي ٽي ايم مشينون غير قانوني طور بند ڪري انهن مسڪين ۽ ابوجهه ماڻهن کي ويتر وڌيڪ ذليل ۽ دربدر ڪنديون آهن. اهڙي عمل تي بئنڪ انتظاميہ کان ڪو پڇاڙو ڪرڻ وارو ناهي؟ ٻي طرف سنڌ جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ پنڻ وارن فقيرن جو تعداد گذريل ڪجهه سالن ۾ وڏي تيزي سان وڌي رهيو آهي. سراسري طور هر دُڪان تي پنڻ وارن جو انگ روزانہ ٽي سئو ۽ شهر سميت ڀهراڙي جي گهرن ۾ سئو کن چڱا ڀلا، ٽلها، مواڙ متارا ۽ صحت مند مرد ۽ عورتون فقير بڻجي گداگري ڪن ٿيون. جنهنڪري حقيقي مفلس ماڻهو نظرانداز ٿي ويندا آهن. ماضي ۾ فقط ڪجهه مخصوص گداگر قبيلا ئي خيرات وٺندا هئا. باقي ٻين قبيلن جو ڪو ورلو معذور فرد خيرات وٺندي نظر ايندو هو عام طور تي هن وقت پنڻ جا بہ وقت سان گڏ لاتعداد جديد طريقا معتارف ٿي چڪا آهن. پنڻ لاءِ صدا جو آواز ميموري ڪارڊ ۾ رڪارڊ ڪري ميگافون تي وڄائي فقير خيرات جو انتظار پيو ڪندو آهي. يا پنڻ لاءِ سندس مجبوري ۽ موقف هڪ پني تي لکي پنجاهه کن ڦوٽو اسٽيٽ ڪاپيون ڪرائي مسافر بسن ۾ يا دڪانن تي خاموشي سان تقسيم ڪري بعد ۾ فقير خيرات جي وصولي





لاءِ ايندو پنهنجو ڏنل پرچو بہ واپس وصول ڪندو ۽ گڏ خيرات بہ وٺندو. ۽ ڪي فقير تہ عوامي چوڪن تي ويهي صدا هڻندا "هڪ گلاس پاڻي جو ۽ يارهن سئو پنجويهه روپين جو سوال آهي" سوال پورو نہ ٿيڻ تائين ڏرٺو هٽي ويٺل هوندا آهن. پنڻ جو ٻيو ٽرينڊ بہ سنڌ ۾ گهڻو نظر اچي ٿو جنهن ۾ خوبصورت نوجوان ڇوڪريون وڏي پردي داري سان بُرقا ۽ نقاب پائي مهذب طريقي سان خيرات وٺن ٿيون. پوڙهين فقيرياڻين جي ڀيٽ ۾ نوخيز نگاهن وارين جديد فقير عورتن کي هوٽلائي ماڻهو وڌيڪ خيراتون ڏين ٿا. انهن سان زباني ذائقي خاطر کل، ڀوڳ ۽ مزاق جي ماحول ۾ فون نمبرن جي ڏيتي ليتي پڻ ٿئي ٿي. روڊن ۽ رستن تي موجود اسپيڊ بريڪرن يا ڪنهن وڏي ڪڏي وٽ توهان کي برقعي جي نقاب ۾ اکيون ٽمڪائيندڙ هر وهي جي فقيرياڻي انگ اگهاڙن معصوم وجودن سان خيرات وٺندي نظر ايندي. يا وري ڪي فقير پنهنجي جسم تي ڪنهن وڏي زخم جو ڏيک ڏيڻ لاءِ تيز ڦڪي رنگ وارو برنال ڪريم هڻي پنندا آهن. جنهن کي ڏسڻ سان ڪراهت ٿئي ٿي. ان قسم جي فقير کي ٿارڻ لاءِ ماڻهو ڪيسي ۾ هٿ هڻي جلد ڪيس روانو ڪندا آهن. پنڻ جا اجان ٻيا بہ لاتعداد طريقا هوندا پر اهي سڀ طريقا هڪ عظيم قوم لاءِ خواري جو نِڪر آهن. اهڙي صورتحال تي سنڌ جي اعليٰ اختيار ڌرين، سياسي، سماجي ڌرين، سول سوسائٽي، معاشري جي ذميوار فردن ۽ ادارن ڪڏهن سنجيدگي سان غور ۽ ويچار ڪيو آهي؟ پنڻ وارن ماڻهن لاءِ ڪو قانونسازي ٿيل آهي؟ وڏن شهرن ۾ تہ فقيري "مافيا" بڻجي وئي آهي. جتي ڪجهه بااثر ماڻهو معذور ٻارڙن کي اغوا ڪري يا چڱن ڀلن ٻارڙن کي هٿرادو طور اکيون ڪڍي کين هميشہ لاءِ بي نور ڪري، ڄنگهون ۽ ٻانهون ٽوڙي مروڙي معذور بڻائي کين پنائن ٿا. صبح سويلي انهن کي شهرن جي مکيہ چوڪن، چورهائن، رش وارين بازارن، مسافر گاڏين، بس اسٽاپن، ريلوي اسٽيشنن، درگاهن جي گهٽين ۽ ڦٽ پاٿن تي پنائڻ لاءِ ڇڏيو ويندو آهي اهي معذور ۽ اپائج گرمين، سردين، لڪن جهولن ۾ بک ۽ اُڃ ۾ ان بااثر مافيا لاءِ پنن ٿا. ڪيترائي معذور تہ بک ۽ بيمارين ۾ ڇُڙي ڇُڙي مري ويندا آهن. قانون جا ادارا توڙي حد جي

انتظاميہ ان مقامي مافيا کان پلي پٽ واقف هوندي بہ قانوني ڪارروائي ڪان قاسر ڇو آهي؟ پينو مافيا خلاف قانوني ڪارروائي نہ ڪرڻ جو ڪهڙو جواز آهي؟

هڪ شاندار تهذيب، تمدن ۽ ثقافت رکندڙ دنيا جي هڪ عظيم قوم جنهن تاريخ ۾ ڪيترن ئي فقير ٻڌجي آيل پناهہ گيرن، لاچار ماڻهن جي ٽولن ۽ ڏڪاريل ماڻهن کي محفوظ آشيانو ڏنو اٿو. لٽو ۽ اجهو ڏيئي سندن سهائتا ڪئي، پنهنجي ڌرتين تان مختلف سبب جي ڪري تڙجي دربدر ٿيندڙ بهاري، بنگالي، برمي، افغانين کي پناهہ ڏني. سخاوت جو اهڙو شاندار ماضي رکندڙ اها قوم هن وقت ڪهڙي نفسيات مان گذري پئي؟ امدادي قطارن جي دربدري ان قوم لاءِ تاريخي الميو ناهي؟ ان تاريخي تذليل جي سانحي تي هن سماج جي سنجيده سوچيندڙ ۽ لوچيندڙ ماڻهن کي پنهنجي عوام جي پينو ٿيڻ واري خطرناڪ نفسيات تي ڪا ڳڻتي ۽ فڪر آهي؟ اسان پنهنجي سماج جي بهتر جوڙجڪ ۽ قوم جي تقدير کي بدلائڻ لاءِ ڪيترا سنجيده آهيون؟ قومن جون حالتون ماضي، حال ۽ مستقبل تي دارومدار رکن ٿيون. هن وقت اسان پنهنجي حال تي نظر ڦيرائي مستقبل جو اندازو آساني سان لڳائي سگهون ٿا. اسان پنهنجي قوم کي ڪهڙو مستقبل ڏنو آهي؟ جنهن قوم جون مائرون، ڀينرون، معصوم ٻار ۽ پيرسن امداد جي آسري تي صبح کان شام تائين قطارن ۾ اُڀي پير بيٺا هجن ان قوم جي مستقبل جا معمار پنهنجي قوم کي دنيا جي ترقي جي ڊوڙ ۾ ڪٿي بيهاري سگهندا؟





# جديد ٽيڪنالوجي جو ڪمال ئي پورهيتن جو زوال ۽ استحصال ثابت ٿئي پيو

هن ڪائنات جون سموريون خوبصورتيون، حسين رنگ ۽ وڻندڙ نظارا شعور جي احساسن ۽ محسوسات جي حس جي ڪري ئي دلڪش آهن. لاشعوري جي عالم ۾ دنيا جا سمورا حسين رنگ ٻُسا لڳندا آهن. انساني دماغ جو اعليٰ شعور، عقل، احساس، آدرش، حواس، جذبا، خيالن جي اُڏام، ماضي، حال ۽ مستقبل جي سوچ، فڪر، ويچار، رٿابندي، بدتر کان بهتري جو سفر، نئين کي پُراڻو ۽ پُراڻي کي نئون نڪور ڪرڻ جي ڪوجنا، مسلسل اڳتي وڌڻ جو مشڪل سفر، لاتعداد ڪاميابين ۽ ناڪامين جي سنگم جا سمورا فطري، سائنسي، زميني حقيقتن جي حالتن جا واقعا، لقاءُ، حادثا ۽ ڪوششون فقط انساني نسل جي بقاءُ جي جنگ آهن. پر هن ڪائنات جو اهو جُدا ڏکوئيندڙ داستان آهي تہ ان انساني نسلي بقاءُ جي مها يُد ۾ انساني حوس، حرس، هوڏ ۾ انساني نسل جو فصل ڌرتيءَ تان گاهہ جيئن لٽيو ويو آهي. اهڙي صورتحال ۾ اجتماعيت جي ڳالهہ مذاق لڳي ٿي، مون ۽ مان جو "آئون پڻو" اُپار ڪائي ٿو. هن سنسار ۾ روڳ، رت جي راند واريون مها ٻاري لڙايون، ايٽم بم جي يلغار، فطري آفتن ۽ ٻين ڪيترن ئي سببن جي ڪري هماليہ جيڏو مضبوط ماڻهو ماڪوڙين جي موت مرندو رهيو ۽ ڪائنات ۾ قيمتي سمجهيو ويندڙ انساني نسل نيست ۽ نابود ٿيندو رهيو آهي. پر انهن مشڪلاتن ۽ هزارين ناڪامين جي باوجود انسان سدائين جيئڻ جي جستجو جاري رکي آهي. جنهنڪري هيڏي وڏي انساني نسل ڪشي ڪانپوءِ بہ ڌرتيءَ تي انساني آبادي جو بار ايترو تہ وڌي ويو آهي جو هاڻ هي ڪائنات ٻين ساهوارن سان گڏ انسان جي پيٽ گذر جي وسيلن، خوراڪ جي قلت ۽ رهڻ لاءِ سوڙهي ٿيندي وڃي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ خوراڪ جي شديد ڪوٽ ڪر ڪنيو آهي. جتي ماڻهو جهڙي اشرف المخلوق ماني، ڳپي لاءِ ترسندي تڙپي تڙپي پساهہ پورا ڪري ٿي. انهن جي ڏٻرن ڏيلن تي ڳِجهون لامارا ڏين ٿيون. انهن جا هڏاوان ڍانچا ڪانگ ۽

ڪتا پٽين ٿا. جيون ساگر جا من ۾ ماتم برپا ڪندڙ اهي منظر هن ڪائنات جي سرندي وارن جي اڻ ڪٿ سرمائي تي سوال بڻجڻ بجاءِ منڊيڪو هڻن ٿا.

دنيا جي موٽن دماغن عقل جا واهڙ وهائيندي بُک ختم ڪرڻ بجاءِ بُکين کي ختم ڪرڻ ۽ انهن جي نسلي روڪٿام لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري آبادي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ لاتعداد ادارا قائم ڪري ڇڏيا آهن. جيڪي نسلي واڌ ويجهه کي روڪڻ جا غيرفطري طريقا متعارف ڪرائي عورتن کي فطري سونهن کان محروم ڪري صحت جي مسئلن جي ٻئي عذابن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. انساني آبادي جي روڪٿام لاءِ قانون جو احترام ڪندڙ ملڪن ۾ ان قانون تي سختي سان عمل ڪيو وڃي ٿو. جنهنڪري ان قانون جي پاسداري ڪندڙ ڪجهه ملڪن ۾ هڪ ٻار ته ڪجهه ملڪن ۾ ٻه ٻار پيدا ڪرڻ جي قانوني اجازت آهي.

هن وقت دنيا جي سرندي وارن سرمائيدارن پاران پنهنجو پيٽ پرڻ خاطر جيترو ڏيان هٿيارن جي ڪاروبار واري ڊوڙ ۾ ٻين ڪائنات، فطرت ۽ انسان دشمن غيرضروري ڪارگذارين ۾ سرگرمين تي ڏنو پيو وڃي اوتري توجهه جيڪڏهن انسان ۽ انسانيت کي بچائڻ، پيٽ گذر جا ذريعا وڌائڻ، خوراڪ جي قلت کي ختم ڪرڻ ۽ روزگار جا نوان وسيلا پيدا ڪرڻ لاءِ ڏنو وڃي ته هن ڌرتيءَ ماتا جي گولي تي ڪو ٻه آدم جو ٻچڙو بک جا ويلا ڪاٽيندي موت جو شڪار نه ٿيندو.

دنيا جا سمورا ڪم، هُنر، پورهيا، محنتون، ايجادون، تخليقون، تجربا انسان فقط پاڻ کي سڪون، آسائش، امن ۽ شانتي سان زنده رهڻ ۽ پنهنجو نسل برقرار رکڻ ۽ وڌائڻ خاطر ڪري ٿو. هن ڌرتيءَ تي قديم زمانن کان وٺي هن جديد دور تائين پيٽ گذر جي ٻين لاتعداد ذريعن ۽ وسيلن سان گڏ سڀ کان وڌو ۽ اهم ذريعو فقط زراعت ئي رهي آهي. ڪائنات جي ارتقائي دور کان وٺي هن جديد زماني تائين جي ڊگهي پنڌ ۾ زراعت ئي پيٽ جي باهه اُجهائڻ جو ڪم ڏنو آهي. پٿر جي دور جي غارن واري زندگي، جهنگل جي حياتي، ميدانن ۾ ٽولن جي صورت ۾ رهڻ وارو جيون، ڳوٺ ٻڌي رهڻ ۽ هن ترقي يافته شهري زندگي جي سفر تائين هيٺا ۽ ڏاڍا ماڻهو زندگي جي گاڏي کي هڪٻئي سان طبقاتي مت ڀيد جي سخت ڪشمڪش جي صورتحال جي باوجود ٻه لازم ۽ ملزوم بڻجي ڇڪيندا رهيا آهن. ڪاڌ خوراڪ ۽ ٻين رزق جي ذريعن تي ڏاڍن قوتن پاران قبضا ڪرڻ جي هڪ ڊگهي تاريخ رهي آهي. ان ڦورو ۽ قبضاخور ذهنيت جو تسلسل نسل در نسل پنهنجو وارو وڄائيندو اچي. ڌرتيءَ جي گولي تي هزارين سالن جي ارتقائي پيچيدگين جي مشڪل سفر ڪانپوءِ زرعي سماج ٺهڻ سان ئي زمينن جي وسيع جاگيرن تي سماج جون طاقتور قوتون قابض ٿي ويون، اهو غيرجمهوري ۽ غيرقانوني قبضو اڄ به برقرار آهي. ۽ هيٺين ماڻهن کي پنهنجو ذاتي غلام بڻائي وٺائن سخت جسماني پورهيا ڪرائڻ جي عيوض کين فقط زنده رهڻ جيترو اجورو به وڏي مشڪل سان ملندو رهيو آهي. نتيجي ۾ زراعت جي پيداوار ۽ خوراڪ جي زخيرن تي طاقتور ڌريون قابض ٿي ڌرتيءَ جي عظيم شهيد شاهه عنايت جي "جيڪو کيڙي سو کائي" واري عظيم نعري جي ڪُلي انحرافي ڪري دنيا جي مسڪين پورهيتن جو استحصال ڪنديون رهيون آهن.

ڪائنات جي ارتقائي دور جي اوائلي اوزان سان زمين جو سينو چيري اناج پيدا ڪندڙ پورهيت ڪلهه به ٻکن ۾ پاهه ٿي رهيو هو ۽ اڄ به نسل در نسل بک ۽ بدحالي سندس نه بدلجندڙ نصيب بڻجي وئي آهي. زراعت جي کيتر ۾ وڏن ڪشالن ڪانپوءِ پورهيت ان جي ڏن ٻٽائي ڪري ٿو ته سمورو اناج بنا پُڇاڻي جي جاگيردار ٽالهيون ڀرايو ڪٽيو وڃي. باقي پورهيت کي رڳو ٽوال ڇنڊي ڪلهي تي رکي گهر ويندي ٽڏا شوڪارا هڻڻ جو "جمهوري" حق حاصل آهي. اوائلي دور کان زرعي ترقي جو سهرو عورت جي سر تي سونهي ٿو. عورت زراعت کي ابتدائي حالتن مان اوج تي پڄايو. يعني عورت کي زراعت جي موجد چئون ته وڌاءُ نه ٿيندو. مرد ويچارو ته زندگي جي بقاءُ لاءِ شڪار ۽ نسلي تحفظ لاءِ دشمن قوتن سان ويڙهه مان واندو ئي ڪونه هو. تنهنڪري زراعت جي شروعاتي دور ۾ ان طرف مرداڻو رويو غير سنجيدگي ۽ عدم دلچسپي وارو هو. جڏهن ڪل ۽ ڦيٿي جو زمانو

ڪونہ هو تڏهن ٻني ٻاري، کيتي زرعي اُپت لاءِ ماڻهو جي ضرورت تمام گهٽي هُئي. دنيا جون ضرورتون ٻيٽيون ٿيڻ ڪري ماڻهو عقل جو استعمال ڪري جهنگ جي جانورن کي پنهنجي هٿ هيٺ ڪري زرعي ڪتب ۾ آندو. ڏڳو، اُٺ، گهوڙو، خچر، گڏهہ جهڙن جانورن جي زرعي استعمال سان ترقي جي ان عمل ۾ شاندار انقلاب هو جنهن سان زمين جي کيڙي، هُرلن ذريعي پاڻي ڪڍڻ، ڳاهہ ڳاهڻ، بار ڪڍڻ سميت ٻين زرعي ڪمن ڪارن ۾ وڏيون مشڪلاتون دور ٿيون ۽ آساني حاصل ٿيڻ سان گڏ جيئن دنيا جي آبادي وڌڻ سان خوراڪ جي ضرورت بہ وڌي تيئن خوراڪ جي ان ضرورت کي پورو ڪرڻ لاءِ فقط زراعت ئي ڪرنگهي واري هڏي جي حيثيت جيئن اهم جز ثابت ٿي. اڄ بہ انسان ۽ ٻين ساهہ وارن لاءِ زراعت جي ساڳي اهم حيثيت برقرار آهي. دنيا مان ڪاڌي جي کوٽ کي پورو ڪري انساني نسل جي بقاءَ جو انقلابي قدم زراعت کي خاص بڻائي ڇڏيو. قديم دور جو ماڻهو پيٽ گذر جو اهم ذريعو شڪار سان گڏ زراعت کي سمجهڻ لڳو ۽ ان کي ئي اوليت ڏيڻ لڳو. ان بعد زرعي ترقي جو وڏو ڇال زراعت ۾ مشينري جو ڪتب آهي جيڪو زرعي دنيا ۾ هڪ اهم ۽ انقلابي دور سمجهيو وڃي ٿو. ماضي ۾ ڪجهہ ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ خاطر ڪيترائي پورهيت ۽ ڏڳن جا جوڙا گهربل هوندا هئا. پر جڏهن زرعي ميدان تي ٽريڪٽر ۽ ٻي جديد زرعي مشينري آئي تہ نتيجي ۾ رات پيٽ ۾ هزارين ايڪڙ زمين سنوت ۾ اچي وئي، هر طرف ٻهاري لڳي وئي، بنجر زمينون آباد ٿي ويون، مهينن جو ڪم منٽن ۾ ٿي ويو. کيڙي، گُڏ، ڳاهہ ڳاهڻ، بار ڪڍڻ، اسپري، پاڻي وارو ڦٽو هلائڻ جو ڪم وغيره معنيٰ تہ زراعت جو گهڻو ڪم رڳو اڪيلو ٽريڪٽر ۽ ٻيون مشينون ڪرڻ لڳيون. مختصر آبادي بجاءِ لکين ايڪڙ زمين پوکجي وئي، فصل جي اُپت وڌي لهڻ ڪري دنيا مان ڪافي حد تائين خوراڪ جي کوٽ پوري ٿيڻ جهڙي بهتر صورتحال ڏسڻ ۾ آئي. پر سرمائيدارن جي "زخيره ڪلچر" حوسي سوچ ڪائنات جي غريب محنت ڪش پورهيت ماڻهو کي بک ماري ڇڏيو آهي. لڱ ساڙيندڙ لُڪ توڙي هڏ سڪائيندڙ سياري ۾ تتل ڪاڙهي توڙي رات جي ڪاري اونداهي ٻات ۾





لُنديون لتاڙي، پگهر وهائي، ڪنڊن سان پير چناڻي ۽ اڌ بک اڌ ڍئو تي پنج ڪلو جي ڪوڏر هٽي اناج جا انبار اُپائيندڙ ۽ پوکي ۾ اڌ جي قانوني ڏٽي پورهيت جي هن وقت ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ ڪيت مزدور جي حيثيت وڃي رهي آهي. ان ڪيت مزدور پورهيت کي جڏهن چاهي مالڪ ٻي دخل ڪري سگهي ٿو. ٻي پاسي سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي جديد مشيني آلاتن سان زراعت جو عروج ضرور آيو پر زرعي سماج مان هڪ هر هاري پورهيت زرعي ڪم ڪارج ختم ٿيڻ ڪري بيروزگار بڻجي زوال جي ور چڙهي ويو. ان جو وڏو فائدو سرمائدار ۽ جاگيردار کي ٿيو جيڪو هاڻ سوين هاري ۽ پورهيت رکڻ ۽ انهن تي ڳري مالي سيڙپ ڪرڻ بجاءِ ناڻو خرچ ڪري تيزترين مشيني آلاتن سان زرعي اُپت جو اڪيلو وارث بڻجي غريب پورهيتن جي وات مان ماني جو ٽُڪر کسي رهيو آهي. سرمائدار پنهنجو پيٽ پرڻ لاءِ ٻي غريب جو پيٽ ڦاڙي رهيو آهي. جنهنڪري سڄي دنيا ۾ پورهيتن جي حق تلفي ۽ استحصال ٿي رهيو آهي. روزگار جي ذريعا مشينن حوالي ٿيڻ ڪري مزدور طبقي ۾ ڏينهون ڏينهن بي روزگاري ۽ بدحالي وڌي رهي آهي. ٿر ۾ ڏڪار دوران لکين مسڪين ماروئڙا پيٽ گذر لاءِ سنڌ جي بئراجي علائقن ۾ ڪٽڪ جي فصل جو لابارو ڪري ڏڪر جا ڏينهن تارين ٿا. پر هاڻ انهن مزدورن جي جاءِ تي ٽريڪٽر ذريعي هلندڙ لاباري واري مشين هڪ ئي ڏينهن ۾ سوين ايڪڙ ڪٽڪ جو لابارو ڪرڻ جي سگهہ رکي ٿي. مختصر وقت ۾ هزارين ماڻهن جو ڪم هڪ ئي مشين ڪري سرمائدار کي ڪروڙين روپين جو فائدو ڏيئي سگهي ٿي پر ان سان لاتعداد مزدورن جي چلهہ اُجهي ويندي. زندگي جي عام ڪارهنوار ۾ جديد مشينن جيتوڻيڪ وقت ۽ ناڻو بچائي اُپت بہ ٻيڻي ڏي ٿي. پر ان جو مجموعي فائدو هڪ سرمائدار کي ئي آهي ۽ جيڪڏهن ان جديد مشينري جو سڌي طرح نقصان آهي تہ فقط جسماني پورهيو ڪندڙ مزدور ۽ هاري کي آهي. جيڪو ان مشين سبب بيروزگار بڻجي پيو.

هي مشيني سفر زراعت جي ميدان ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي جديد زرعي آلاتن جي ڪمال سان هارين جي معاشي قتل ۽ زوال جو سبب بڻجڻ

تي دنگ ڪرڻ بجاءِ هاڻ ان جو رخ ڪارخانن، ملن، فيڪٽرين، ڪاٽين، هوٽلن، هوائي توڙي پاڻي جي جهازن، ايئرپورٽن، بندرگاهن، ريلوي پليٽ فارم، سپر اسٽورن، مارڪيٽن، گيريج، ورڪشاپن، ڪمپنين طرف آهي جتي هاڻ ٻچن جي روزي روٽي خاطر مزدوري ڪندڙ پورهيتن کي فارغ ڪري سندن جاءِ تي مشيني روبوٽ رکيا ويا آهن. بندرگاهن تي ڪم ڪندڙ هزارين مزدورن جو روزگار جهازن مان مال لاهڻ جي ڪم سان وابسطا هو. اهي مزدور مهينن جا مهينا جهازن مان سامان لاهي پيٽ گذر ڪندا هئا ۽ هاڻ انهن پورهيتن جو ڪم مشينن کان ورتو وڃي ٿو. جنهن سان سرمائدار کي ته ٻيڻو فائدو آهي پر وري ٻه ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت بيروزگار ٿئي ٿو. ڪٽڪ، توريو، سورج مکي، مرچ سميت ٻين زرعي جنسن کان ويندي ڪاٺ، لوهه وغيره جهڙين مختلف شين جي وزن ڪرڻ لاءِ مزدورن جا ٽولا ڪم ڪري پيٽ گذر سان لڳل هئا. هن وقت مال سان لوڊ ٿيل گاڏي کي ڪمپوٽر ڪانٽي تي ٻن منٽن ۾ 50 روپين عيوض وزن ماپيو ويندو آهي. اهو ڪمپوٽر ڪانٽو هڪ ڏينهن ۾ هزارين وزن واريون گاڏيون توري سگهي ٿو. ان سان سيٺڪار سرمائدار کي ته فائدو آهي. پر سوين مال پريل گاڏين جي تور ڪندڙ هزارين پورهيت ضرور بيروزگار ٿيا آهن.

چائنا جي هڪ وڏي ڪمپني 60 هزار ملازم فارغ ڪري انهن جي جاءِ تي روبوٽ رکي ڇڏيا. هاڻ مزدورن وارو سمورو ڪم انهن روبوٽن کان ورتو پيو ويندو. اهي روبوٽ نه ٿڪجن ٿا، نه ماني کائين ٿا، نه ئي هو ننڊ ڪن ٿا، نه ئي انهن کي مرڻي، پرڻي ۽ بيماري لاءِ موڪل گهرجي، نه انهن جي ڪا مزدور يونين آهي، نه ئي هو هر سال 1 مئي تي شڪاگو جي شهيدن جو ڏينهن ملهائي "دنيا جا روبوٽو هڪ ٿي وڃو" جهڙو نعرو هڻن ٿا، جيڪو نعرو سرمائڪارن جي ڀاري برجن کي لوڏڻ لاءِ ڪافي رهيو آهي، نه ئي هو ماني، پاڻي، اجهو لٽو، عزت، آجپو گهرن ٿا نه ڪين پگهار ۽ پينشن گهرجي، هنن کي ته صرف بيٽري چارج ڪپي ۽ رموٽ ڪنٽرول جا سيل نوان هجن، هزارن مزدورن جو ڪم هڪ روبوٽ بنا ساهي جي معمولي





اشاري تي پيو ڪندو ۽ هزارين روبوٽن جو مالڪ اڪيلو سرمائيدار هوندو جيڪو انهن روبوٽن جي ڪمائي اڪيلو کائي پيو اوڳرايون ڏيندو. ترقي يافته ملڪن ۾ صبح جو چانهه ناشتو ماني، پيزا به هوٽل جي بيري بجاءِ رموٽ تي ڪنٽرول ٿيندڙ ڊورن ذريعي موڪليو پيو وڃي. يا ڪيترن ئي ملڪن ۾ هاڻ گاڏيون بغير ڊرائيور جي هلڻ شروع ٿيون آهن جنهن سان ڪيترا ڊرائيور بيروزگار ٿيندا؟ هاڻ ٿورو تصور ڪري ڏسو ته هن ڌرتيءَ تي پورهيت ماڻهو جو باقي ڪم ڪهڙو ٿو رهي؟ ماڻهو بي مقصد، واندو نڪمو ۽ ناڪاره بڻجڻ طرف وڌي پيو. دنيا جو ڪو به سنجيده ۽ باشعور ماڻهو ڪنهن به ريت اُن سائنس ۽ ٽيڪنالوجي واري جديد دور جي تيز ترين، ترقياتي ۽ تعميري مشيني آسائشن جو قطئي طور انڪاري نه هوندو پر اهي ايجادون، آلات ۽ روبوٽ فقط هڪ مخصوص سرمائدارن جي پيٽ ڀرڻ جو وسيلو بڻجڻ جي صورت ۾ ايندڙ دور جي پورهيت لاءِ بک، بيروزگاري ۽ بدحالي جو سبب ٿي سگهن ٿا. دنيا جي هر شعبي ۾ انهن مشيني آلاتن جي وڌندڙ ڪارج کي مدنظر رکي اهو سوال پيدا ٿئي ته مستقبل ۾ ملن، فيڪٽرين، ڪارخانن، زراعت ۾ مزدورن ۽ هاري پورهيت طبقن جي ضرورت باقي ڪهڙي رهندي؟ ڇا هي مشيني انقلاب پورهيت جي پيٽ تي لت ته ناهي؟ انهن شين جي فائديمند ڪمن سان گڏ ناڪاري اثرن تي به نهايت وڏي غور، فڪر ۽ سنجيدگي سان سوچڻ جي سخت ضرورت آهي. جيڪڏهن انسان مشيني پرمار جو شڪار ٿي ويو ته هن ڪائنات جي آبادي جي وڏي اڪثريت نه رڳو بيروزگار بڻجي ويندي پر دنيا جا عظيم ۽ مقدس رت جا رشتا، ناتا، مائٽيون ۽ برادريون، ياريون، دوستيون، عشق ۽ آدرش سماپت ٿي ويندا. هر طرف مصنوعيت جو راڄ هوندو. ماڻهو پنهنجا ڏکن، سورن ۽ غمن جا داستان روبوٽن ۽ ڪمپوٽرن سان اوري دل جو بار هلڪو ڪري سگهندو؟ ۽ ڪي ويچارا ماڻهو انٽرنيٽ تي ويهي اُلٽيون ڪري دل جو بار هلڪو ڪندا.

# ڏرتيءَ ڌڻين جون درد ڪٿائون ۽ جواب طلب سوال؟

دنيا جي ساڃاوندن، مها دانشورن، ڪان ٻڌندا ۽ تاريخدانن جي لکيل تواريخن ۾ پڙهندا اچون ته سنڌ ماتا جا اصل ڌرتي ڌڻي موجوده دور جا مسڪين خانه بدوش ڀيل، ڪولهي، ميگهواڙ جوگي، گرگلا، راوڙا، سامي، اوڏ وغيره آهن ۽ اهي ڌرتيءَ ڌڻي هن وقت "پٺتڪندڙنسل" طور سڃاڻپ رکن ٿا. سند جا هي ڌرتيءَ ڌڻي وقت پاران مليل هزارين تڪليفن کي پنهنجو مقدر سمجهي برداش ڪندا رهيا آهن. پنهنجي ڌرتيءَ تي مليل ڏکن ۽ سورن جي باوجود به هنن ماڻهن جي ذهن ۾ ڪڏهن ڀُلجي به سنڌ ڌرتيءَ ڇڏڻ جو رڳو ٿلهو تصور به نه آيو آهي. ڌرتي ڌڻين جي هٿن مان سنڌ جي وارثي جي واڳ ته آرين جي آمد تي ئي نڪري وئي هئي. جيڪا اڄ ڏينهن تائين سندن هٿن ۾ نه اچي سگهي آهي ۽ آزاد ڌرتي ڌڻين جي ڳچي ۾ غلامي جو ڳٽ پئجي ويو. جنهن بعد عظيم تهذيب، ثقافت ۽ سيپيتا جا وارث پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي غير ٻڌجي ويا. صدين کان ڌرتي ڌڻين کي وقت جي "وڏن ماڻهن" پاران غير انساني سلوڪ ڪندي برابري جي بنياد تي تعليم حاصل ڪرڻ، اڇو ڪپڙو پائڻ، کوهن تان پاڻي ڀرڻ ۽ آزاد زندگي گذارڻ تي اڻ سڌي طرح اڻ اعلانيل پابندي عائد ٿيل رهي آهي. انسان اڇوت ٿي نٿو سگهي پر "اڇوتپڻو" هڪڙي برهمڻ سامراج جي ڪُنڌ ذهينيت ۽ سوچ جي پيداوار آهي. ان جنونيت پسند انسان دشمن سوچ ماڻهن ۾ اڻبرابري جو غير انساني ۽ غيرجمهوري عنصر پيدا ڪيو. ان رجعت پرست سوچ عظيم انسانيت ۾ ويڇا وڌائي ماڻهو کي ماڻهو جي رت جو پياسو بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن سبب ماڻهپو مرڻ ڪنڌي تي پهچي چڪو آهي. انسان جو انسان سان کهڙو پلاند رهيل هو جنهن ۾ ماڻهو انسانيت جي حد جون آخري ليڪو به اُڪري ويو؟ سنڌ ڌرتيءَ کي پنهنجو





گهر سمجهندڙ هنن معصوم ڌرتيءَ ڌڻين کي تاريخ ٻي گهر ڪري ڇڏيو آهي. باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پاران پاس ڪرايل ٽيننسي ايڪٽ کي پٺي ڏيئي هاريي ۾ پنهنجا من پسند قانون رائج ڪرڻ سان سنڌ جي زرعي نظام ۾ هاري ۽ زميندار ۾ تضاد پيدا ٿيڻ ڪري هڪ طرف زراعت کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي ته ٻي طرف سنڌ جو اصل ڌرتي ڌڻي هاري طبقو دنڌوڙي ڪامريڊن جي ور چڙهي هاري ڪيمپن ۾ دربدري جي زندگي گهاري رهيو آهي. پرائي ٻني ۾ ٿاهيل پنهجو گهر به کسجي ويو. اڻ ڏٺل ماڳ، ڦٽ پاٺ، ڪيمپن جو سوڙهو ماحول، شهرن جون دونهون سندن ساڌڙي زندگي تي ڪارو داغ بڻجي ويو آهي. ڪيمپن ۾ پليل هارين جي مستقبل جا معمار صبح سويل درسگاهه وڃڻ بجاءِ ڪلهي ۾ ٻورو ٽنگي ڪاغذ جا گتا چونڊيين ٿا يا وري پنن ٿا. ڪيمپن ۾ حياتي جي گذرندڙ لمحن کي "زندگي" بجاءِ تاريخ جي تذليل به چئي سگهجي ٿو. اهو تاريخ جو ڏکوئيندڙ الميو آهي پر هڪ خطرناڪ سانحو به آهي. جنهن تي تاريخ کي وار کولي ماتم ڪرڻ گهرجي. هر سال پوڪائي جي منڊ کان هڪ مهينو اڳ هڪ جوءَ کان ٻي جوءَ تائين دراوڙ هارين جي ٿيل لڏپلاڻ جو صدين کان هلندڙ اڻٽڪٽ سلسلو سندن خوشحالي نه پر بدحالي جو منظر آهي. اهو دربدري جو سفر انساني حقن جي اعليٰ اختيارن کي الئه ڇو نظر نٿو اچي؟ "مهذب سماج" اڏيندڙن پاران ڌرتيءَ ڌڪاڻن جا سبيل چپ انساني تاريخ جي وڏن انقلابن کان پوءِ به کُلي نه سگهيا آهن. پنهنجي ٻولي، تهذيب، ثقافت، ڌرتي ۽ درياهه جا ڌڻي لاوارثي جي عالم ۾ تاريخ جي بدترين زمانن مان گذرندي احساس محرومي جو شڪار ٿيندا رهيا آهن. سنڌ جي عشق ۾ اڙجي هنن وطن دوست ماڻهن هزارين صعوبتون برداش ڪيون.

اوهـان جـي عشـق ۾ اٽـڪـي،
زمـانـي سـاڻ اٽـڪـيـاسـيـن
غـمـن جـو رڻ سـڄـو جـهـاڳـي
حـيـاتـي پـوري پـٽـڪـيـاسـيـن.

دراوڙن سان ظلم، زيادتين، ناانصافين، اڻبرابري ۽ انياءَ جي هڪ ڏکي درد

پري تاريخ آهي. افسوس ان ڳالهه جو آهي تہ سنڌ جي انهن اصل وارثن (موجوده خانہ بدوشن) جي ڌرتيءَ سان عشق کي سلام پيش ڪرڻ لاءِ ساجاهہ وندن ۽ دانشورن پاران ڪيل ڊگهيون تقريرون، سيمينار، تاريخدانن پاران لکيل تاريخون، انقلاب جا زباني چسڪا بہ ڌرتيءَ ڌڪاڻن جي تقدير کي پنج هزار سالن کان بدلائڻ ۾ ناڪام ويا آهن. اهي من جون ماڙيون ٺاهڻ واريون ڳالهيون عارضي طور تہ خوشي جي خوراڪ مهيا ڪنديون آهن پر جڏهن بک پيٽ ۾ مروڙ ڏيندي آهي تہ انقلاب جو لولو چنيڊ لڳندو آهي. جنهن کي ڄڻ گرهڻ لڳل آهي. پگهر جي پورهيي سان دنيا لاءِ اناج پيدا ڪندڙ هي پورهيت ماڻهو پاڻ بکئي پيٽ سمهن ٿا ۽ صدين کان ماني جي صدا انهن لاءِ باعث سزا بڻيل آهي. ان حقيقت کي بہ تسليم ڪرڻو پوندو تہ هزارين انقلابي نسخن کان پوءِ بہ غلامي جو علاج فقط آزادي آهي.

موئن جي دڙي مان مليل هڏين جا حقيقي وارث دربدري جي دورن مان گذرندي غلامي جي ڄار ۾ جڪڙجي چڪا آهن. ساچاوند ۽ سرڪار سڳوري جيڪڏهن دراوڙن کي ڌرتيءَ سان محبت جي ميجتا نٿا ڏيئي سگهن تہ دراوڙن جي غلامي جون پنج سئو صديون مڪمل ٿيڻ تي "جشن غلامي" ملهائڻ جو ڪو اهتمام ڪيو وڃي تہ جئين هنن ڌرتيءَ ڌڻين کي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي "غلامي" انجواءِ ڪرڻ جو جمهوري حق ملي ويندو. اجا بہ جيڪڏهن دانشور ۽ انساني حقن جا عالمي ادارا ٿوري بہ ڪوشش ڪندا تہ خانابدوش دراوڙن کي "ماڻهو" هجڻ جو سرٽيفڪيٽ ملي سگهي ٿو. جمهوريت پسندي جون دعويدار ڌريون سنڌ جي هنن مسڪين ۽ مظلوم دراوڙن جي حقن جي حاصلات لاءِ ڪهڙا عملي قدم کنيا آهن؟ سياسي پارٽيون اعليٰ ايوانن ۾ غريب دراوڙن کي نمائندگي ڏيڻ بجاءِ ڏوڪڙن عيوض "مخصوص" سيٽون من پسندن کي ورهايو ڇڏين جيڪي مخصوص نمائندا ايوانن ۾ مسڪين دراوڙن جا مسئلا حل ڪرڻ بجاءِ گُٽن جا پرمٽ، ترقياتي اسڪيمون، نوڪرين سميت ٻيون مراعتون حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشان هوندا آهن. اقليت جي ڪوٽا ۾ آيل نوڪريون





مسڪين طبقي جي نوجوانن کي ملڻ بجاءِ خبر ناهي تہ ڪٿي وڪرو ٿين ٿيون ؟ اڄ تائين انهن جو ڪو رڪارڊ نہ آهي. هنن مسڪينن جي زندگي ۾ ڪڏهن سُک ايندو ڪا خبر نہ آهي؟ هن مظلوم طبقي جي ايوان ۾ نمائندگي ڪندڙ مخصوص سيٽن وارا نمائيندا بہ سندن دردن جون دانهون ٻڌڻ کان اڳ ۾ چوندا آهن تہ "اسان اوهان جي ووٽن تي اسيمبلي ۾ ڪونہ پهتا آهيون پر اسان پنهنجي اثر رسوخ تي ميمبر ٿيا آهيون" پوءِ آخر دراوڙن جي دردن جي داد رسي ڪير ڪندو؟

هڪ طرف سڄي دنيا جي مسڪين ۽ مظلوم اقليتي آبادين جي تحفظ ۽ ترقي لاءِ انساني حقن جا عالمي ادارا، سول سوسائٽي، صحافتي ادارا، عالمي توڙي ملڪي اعليٰ عدليا، دنيا جا سمورا بين القوامي سماجي ۽ جمهوري قانون، آئين، قاعدا ۽ ضابطا لاڳو ڪري مظلوم ماڻهن کي انساني حق ڏيارڻ لاءِ سرگرم عمل آهن. ٻي طرف سنڌ جا اصل ڌرتيءَ ڌڻي غيريقيني واري صورتحال ۾ عدم تحفظ جو شڪار آهن. سنڌ جي ڌرتيءَ ڌڻين جون نياڻيون روز ڪڄن ٿيون، انهن مسڪينن جي ننگن سان هٿ چراند روز جو معمول بڻجي وئي آهي. ظالم قوتن پاران غريبن جي چادر ۽ ڪکن جو تقدس پائمال ڪري انساني حقن جي لتاڙ ڪئي وڃي ٿي. تاريخ جي ڏاڍن ماڻهن پاران هيڻن کي هيسائڻ جو سلسلو ڪٿي دنگ ڪندو؟ ڇا اُن ظلم جو نتيجو ڪنهن بغاوت کان سواءِ هوندو؟ ڇا تاريخ ۾ ڪڏهن ائين ٿيو آهي تہ ظلم برداش ڪندڙ طبقا سدائين خاموش رهيا هجن. ۽ انهن ڪڏهن مزاحمت نہ ڪئي هجي؟

دنيا جا سمورا مذهب ۽ قانون انسانيت جو درس ڏيندي انسان کي مهان سمجهن ٿا. اوچ، نيچ ۽ انساني اڻبرابري جو ڪڌو قانون تہ فقط ڏاڍن طبقن پاران پنهنجي ذاتي مفاد ڪارڻ جوڙيو ويو آهي تہ جيئن سندن غير آئيني ۽ غيرجمهوري راڄ قائم رهي سگهي. بادشاهي برقرار رکڻ خاطر انسان ڪريل حُربا استعمال ڪري انسانيت کي لڄي بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن سبب ماڻهپي جو ڪنڌ جهڪي ويو آهي. سنڌ ڌرتيءَ جا اصل رهاڪو ڀيل، ڪولهي، ميگهواڙ جوڳي، گُرگلا، راوڙا، اوڏ ۽ سامي اڄ پنهنجي ڌرتيءَ

تي پنهنجن ئي پيارن جا لاش دفنائڻ لاءِ پريشان هوندا آهن. پورو پيل ۾ الهڏني پيل جي لاش جو مثال موجود آهي. ڇا دنيا جي ڪنهن قانون ۾ اهيو گُنجاهش موجود آهي تہ ”ڌرتيءَ ڌڻي ڪي جنازا دفن ڪرڻ جي اجازت نہ هجي ۽ انهن جي لاشن ڪي قبرن مان ڪڍي تذليل جو نشانو بڻائي گهليو وڃي؟“

غريب ۽ بي پهچ ڌرتيءَ ڌڻين جي ننگن ڪي اغوا ڪري اجتماعي ڏاڍائي جو نشانو بڻائڻ بعد قتل ڪرڻ ڪان پوءِ بہ جوابدار ديده دليري سان قانون جي پڪڙ ڪان آجا هجن، ڏاڍاين جا ڪيس رات پيٽ ۾ خارج ڪيا وڃن، سنڌ جي مسڪينن جون دانهون ۽ آهون ڪير ٻڌڻ وارو آهي؟

منو پيل جا 9 گهر ڀاتي زمين ڳڙڪائي وئي يا آسمان؟ ڪڪو ڪولهڻ سان زنا ڪري قتل ڪندڙ جوابدارن ڪي ڪهڙي سزا ملي؟ ٿر جي معصوم سيتا سان ڪهڙو انصاف ٿيو وحشي درندن ڀاران سيتا جي لٽيل آبرو جو ڪهڙو حساب ٿيو؟ پارڪر جي ڪستوري جي عزت ۽ عصمت جو سودو گهٽي ۾ ٿيو ۽ ڪنهن ڪيو؟ ڪنري جي ليلان پيل ۽ حوا ٻائي جو اُبڙڪا ڏيندڙ رت ڪئين رائگان ويو؟

او شوخ هوا، او شوخ هوا،
مخدوم بلاول کي چئجان
ٽلتي جا ڌڻي ڪا واهر ڪر.

سنڌ جي ڌرتيءَ ڌڻين سان ٿيل ظلم جا لاتعداد سوال اڄ بہ انصاف جي اوسيڙي ۾ قانون جي ڪاغذن ۾ اٽڪيل آهن. ملڪ جي جمهوريت پسند پارٽين وٽ سنڌ جي اصل وارث ڌرتيءَ ڌڻين لاءِ ڪهڙو پروگرام ۽ پاليسي آهي.؟ جنهن تحت اهي پارٽيون اُن لٽيل طبقي جي تقدير ڪي بدلائي سگهن.

اوچ جاتين جا سيٺ تہ هنن مسڪينن ڪي ”دلت“ سڏائڻ جي بہ مخالف ڪن ٿا. اڃان تائين تہ اهو بہ واضع نہ ٿي سگهيو آهي تہ آدمشماري جي خاني ۾ ڪين ڇا لکڻ گهرجي؟ معنيٰ تہ هُنن جي شناخت ڪهڙي آهي؟ ان موضوع تي ٿيل بحث دل ڏڪائڻ لاءِ گهٽ نہ آهن؟ تہ هڪ شاندار تهذيب،





ثقافت، ڌرتيءَ، درياهہ، ٻولي، سپيتا رکندڙ پرامن انسانن جي سجاڳپ جو فيصلو تاريخ ۾ منجهيل رهيو هجي. ڪين ڇا سڏائڻ گهرجي؟ ڪين ڇا پائڻ گهرجي؟ ڪين ڇا کائڻ گهرجي؟ ڪين ڇا پڙهڻ گهرجي؟ سماجي قانونن ۾ هنن جي حيثيت ڪهڙي آهي؟ هٿ ٺوڪيو جڙتو سماج ان جي اجازت ڏي ٿو يا نہ؟ ڌرتيءَ جي سنگين ۽ اهم مسئلن بابت سنڌ جا باشعور ماڻهو سنجيدگي سان سوچي غور ۽ ويچار ڪن تہ انهن وطن دوست ماڻهن ڪي وقت جا ڏنل گهاءُ ۽ احساس محرومي ڪي ختم ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ممڪن قدم کڻڻ گهرجن.؟ انهن جي ترقي، تعليم ۽ تحفظ لاءِ ڪهڙا اُپاءُ وٺي سگهجن ٿا؟ سندن مسئلن ڪي حل ڪرڻ رياست جي ذميواري ۽ فرض آهي. جيڪڏهن ڌرتيءَ ڌڻين جي مسئلن ڪي فني بنيادن تي حل نہ ڪيو ويو تہ هن غريب طبقي جا سور گهٽجڻ بجاءِ وڌي ويندا. پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي تباهي ڪناري پهتل سنڌ جي مٽي جا ماڻهو محڪومي مان آجپي ۽ تشخص جي بحالي لاءِ ڪنهن مان اميد رکن؟ انهن جي درد جي دوا ڪيئن ممڪن آهي؟ سماج جي ظلم ۽ ستم جي باهہ جا ٻاريل ڌرتيءَ ڌڻي اڄ بہ انصاف لاءِ واجهائن ٿا. وقت جي عجيب وارتا آهي جو اسان مظلومن جا ماڻهو برهمڻ سامراج جا وارڙيا ٿيو بيٺا آهن. جڏهن ڪا سجاڳي جي ڳالهہ ٿئي ٿي تہ هو پنهنجي مسڪين ۽ لٽيل ماڻهن جي ڳالهہ ڪرڻ بجاءِ غلامي جي گسن تي ڇٽڪارون ڪري پنهنجي گهرن ڪي پيا باهيون پيا ڏيندا آهن.

لي ڪر آگ پرائي گهر دي،
ڦوڪ سٽي گهر اپڻان

# ٿر ۾ پاڻي جي کوٽ، زندگي ۽ موت جو گڏيل سامان بڻيل ٿر جا کوهه

هن ڌرتيءَ جي گولي تي ڪائنات جا لاتعداد رنگ رچيل آهن. جبل، نديون، آبشار، سرسبز علائقا، خشڪ علائقا، پوٺا، جهنگل، صحرا، ريگستان موجود آهن. هر علائقي جو رهائشي ماڻهو زميني حقيقتن کي مدنظر رکي ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي. جي نظريي تحت پنهنجي عام روز مره جي زندگي جي گهرجن کي پورو ڪري پنهنجي نسل جي بقا جي جنگ وڙهي رهيو آهي. سرد علائقن جا ماڻهو گرمي جي ڳولا ۾ ۽ گرم علائقن جا ماڻهو ٿڌڪار جي ڳولا ۾ رهي زندگي جي مشڪل سفر کي طئه ڪندا رهيا آهن بلڪل ائين ئي درياهه، سمنڊ، گهٽين برساتن وارن علائقن جا ماڻهو ٻوڏ ۽ سيلاب کان بچاءُ جا طريقا ڳولي حياتي کي ارتقا کان هن جديد دور تائين پهچائڻ لاءِ هٿ پير هڻندا رهيا آهن. پر صحرائي ۽ ريگستاني علائقن جا ماڻهو پاڻي ڦڙي لاءِ تڙپندي واجهائن ٿا. پاڻي جو قدر ٿر پٽن جي ماڻهن کان وڌيڪ ڪنهن کي هوندو؟ ٿري زندگي جو ڪارهنوار ڪڪرن تي هوندو آهي. تنهنڪري آسماني ٻوندن جي وقتائتي وسڪاري کان وڌيڪ ٿر جي مارو ماڻهن جي ٻي ڪهڙي خوشي تي سگهي ٿي؟ ٿري ماڻهن جي وسڪاري لاءِ تڙپ ۽ اُڪير جي ڪيفيت تي مرشد لطيف جو سُر سارنگ مڪمل عڪاسي ڪري ٿو.

آگمجي آئيون، اُتران ڪري اور
جي پرين هُئڙا ڏور، سي مون کي مينهن ميڙيا.

ٿر جي لوئي ۽ لڄ جو اهڃاڻ مارئي به پاڻي جي حاصلات لاءِ وقت جي عمر بادشاهه هٿان کوهه تان کنيجي وئي هئي. انساني زندگي جي سلامتي لاءِ خوراڪ کان وڌيڪ پاڻي جي ضرورت آهي. موسم جي عالمي سطح تي تبديلي جي شروعات جا اثر پڌرا ٿي چڪا آهن. گلوبل وارمنگ (موسمياتي تبديلي) جي ٻين ڪيترن ئي سببن سان گڏ ماحولياتي





آلودگي ۽ گرمي پد جو وڌڻ پڻ اهم سبب آهي. جنهنڪري ايندڙ دور ۾ "پاڻي" جي کوٽ نه رڳو صحرائي علائقن جو مسئلو هوندي پر سڄي دنيا پاڻي جي کوٽ جي مسئلن کي منهن ڏيندي. اڳتي هلي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پاڻي تان ڇڪتاڻ جي صورتحال پيدا ٿيڻ جا امڪان آهن.

ٿر ۾ ٻين لاتعداد مسئلن سان گڏ پاڻي جو مسئلو پڻ ٿرواسين لاءِ ڏکوئيندڙ درد جو داستان رهيو آهي. پاڻي جي حاصلات لاءِ ٿرواسي ماروئڙا جوکائتا جتن ڪن ٿا. بارشن جو پاڻي تراين ۾ هڪ مختصر عرصي لاءِ ته ٿرواسي استعمال ڪري سگهن ٿا. پر وارياسي زمين هجڻ ڪري تراين ۾ پيل برساتي پاڻي جلد سُڪي ويندو آهي. وري ٿر واسين جا سور ساڳيا هوندا آهن. پاڻي جي مسلسل ڏکي تلاش ۽ مصيبتن کان پوءِ به مارئي جي ملڪ مليرجا مارو پنهنجي وطن جي ڪکن سان قرب رکن ٿا. ٿر جي لڳ ساڙيندڙ واري تي ڪوهين ڏور پانهيارن جا ٻيلهڙا ترين جي دردن جي منظرن کي پيش ڪن ٿا. پاڻي لاءِ انهن جي تڙپ ۽ احساسن جي عڪاسي هن شعر ۾ واضع آهي.

پريت نه ڪريو ٻگلي جيسي،
جل سوڪي تو اُڙ جائي
پريت ڪريو پوئري جيسي
جل سوڪي تو مر جائي.

شاعر چوي ٿو ته (ٻگلي جهڙي پريت نه ڪجي جيڪو پاڻي سڪڻ سان اُڏاميو وڃي پر پريت ته پوئري (پاڻي جو هڪ جيوت) جهڙي ڪجي جيڪو پاڻي سڪڻ سان اُتي پنهنجا پسا پورا ڪري ٿو) برساتي پاڻي کي محفوظ ڪرڻ خاطر ٿر ۾ ڪيترائي طريقا ڪتب آندل آهن. پاڻي جمع ڪرڻ لاءِ ننگرپارڪر جي پٿريلن علائقن ۾ ڪجهه ڊيم پڻ ناهيا ويا آهن مور ڊيم، گهنٽياري ڊيم ۽ راٽپور ڊيم وغيره جو پاڻي ماروئڙن کي چند مهينن لاءِ ڪم ڏي ٿو. ٿر ۾ پاڻي محفوظ ڪرڻ لاءِ نندي پٽماني تي گهرن ۾ زمين دوز پڪا ٽانڪا ناهيا وڃن ٿا. ٿر جا ماڻهو وڏي ڪفايت سان پاڻي استعمال ڪن ٿا پر پوءِ به اهو گڏ ڪيل پاڻي سڄي

سال لاءِ تہ ڪافي ناهي. برسات دوران گهرن جي ڇِتن ۽ ٿلهن تان وهي ايندڙ پاڻي کي ٽانڪن ۾ گڏ ڪري رکيو ويندو آهي پر ڪجهہ عرصي بعد تہ اهو پاڻي ختم ٿي ويندو آهي. تنهنڪري وري بہ ٿر ۾ ساهوارن لاءِ پاڻي جي ضرورت کوهن جي پاڻي ذريعي پوري ٿئي ٿي. ٿر ۾ پاڻي حاصل ڪرڻ جا لاتعداد طريقا آهن. هر علائقي ۾ جر جي پاڻي جي الڳ سطح آهي. تنهڪري مارو ماڻهو جر جي پاڻي جي اونهائي مطابق کوهہ، کوهيون، پار، تس، ويري، پاڏ کوٽي پاڻي هٿ ڪن ٿا. مجموعي طرح ٿر جي پاڻي جي ٽي ڊي ايس سطح ايتري تہ وڌيل آهي جو سڄي ٿر جو پاڻي پيئڻ لائق نہ آهي. ٿر ۾ کوهہ کوٽڻ ۽ ان مان پاڻي حاصل ڪرڻ جو ڪم ايترو آسان هرگز نہ آهي. بلڪ تمام مشڪل ڪم آهي. ٿر ۾ کوهہ کوٽائڻ تي لکين روپين جي لاڳت جو خرچ گهربل هوندو آهي. ان سبب جنهن ماڻهو وٽ ٿر ۾ پنهنجو ذاتي کوهہ آهي تہ ان کي سکيو ستابو تصور ڪيو وڃي ٿو. واقعي بہ اهڙو ڪم ڪنهن سرندي واري کان سواءِ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. ٿر ۾ اڪثر مالوند ڀاڳين جا ذاتي کوهہ هوندا آهن. انهن کوهن جو پاڻي ماڻهو پکي توڙي چوپائي لاءِ ڪتب ايندو آهي. سڄي برصغير سميت ٿر ۾ اوچ جاتين جي امير ماڻهن وٽ خاص طور پنهنجا ذاتي کوهہ هجڻ اهم ڳالهہ سمجهي ويندي هئي. اوچ نيچ واري سماج ۾ شودر قرار ڏنل مسڪين ۽ مظلوم هيٺن ماڻهن تي انهن کوهن تان پاڻي ڀرڻ جي پابندي عائد ٿيل هئي. ممڪن آهي اهو غيرانساني طريقو اڄان بہ ڪٿي اٽڪلي طرح رائج ٿيل هجي؟ وسيع ايراضي رکندڙ اڇڙي ٿر ۾ ٿوٽل چالهيارو کن کوهہ آهن. ايڏي وڏي ايراضي ۾ تمام گهٽ کوهہ هجڻ جو سبب فقط وڏيراشاهي جي هڪ هٽي آهي. اهي بااثر قوتون ٻين وچولي طبقي جي ماڻهن کي کوهہ کوٽڻ جي اجازت نٿيون ڏين. تہ جيئن اهي مسڪين ماڻهو پاڻي جي مجبوري خاطر سندن اڳيان مجبور ٿي جهڪيل هجن. پٽيلن ۽ وڏيرن جي نالي سان منصوب تڙ ۽ پار جا نالا قائم ۽ دائم هجن. ووٽ نہ ڏيڻ جي صورت ۾ انهن غريب ماڻهن جو کوهہ تان پاڻي ڀرڻ بند ڪيو ويندو آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي عروج جي زماني ۾ بہ ٿر





۾ پيئڻ جو پاڻي جي حاصلات لاءِ موت جي منهن ۾ وڃڻو پوي ٿو. ٿر ۾ جر جي پاڻي جي گهرائي هر علائقي جي مختلف سطح جي آهي. مٺي تعلقي ۾ 90 کان 100 فٽ، ڏيپلي ۾ 40 کان 50 فٽ، ننگرپارڪر جو پٿريلو علائقو 40 کان 50 فٽ ۽ وارياسو علائقو 90 کان 100 فٽ آهي. ٿر ۾ سڀ کان وڌيڪ اُنهائي ڇاڇري تعلقي ۾ آهي جتي 300 فٽن کان بہ اونها کوهہ آهن. آڳاٽي دور جا کوهہ ڪنڊي جي ڪاٺ جي سنوت آندل ٽُڪرن مان ۽ ان بعد وچئين دور ۾ پٿر مان ٺاهيا ويندا هئا. اڄ جي هن جديد دور ۾ پڪين سرن ۽ سيمينٽ سان کوهہ جوڙيا وڃن ٿا. وقت ۽ حالتن جي ردوبدل موجب پاڻي جي ڳولا ۾ ٿر جي ماڻهن بہ کوهہ کوٽڻ جي طريقن ۾ تبديليون آنديون آهن. اڇڙي ٿر واري پاسي ڊنڍن جي 10 کان 15 فٽن جي فاصلي تي ننڍڙيون کوهيون، تس ۽ پاڏ کوٽيا ويندا آهن. انهن ۾ ڊنڍن جي سيلاب جو پاڻي ايندو آهي. جڏهن خود ڊنڍن جو پاڻي کارو هوندو آهي. کوهہ کي ٺاهڻ واري مستري کي ٿر ۾ ڀانڊارو چوندا آهن. کوهہ جي کوٽائي دوران واري ڪيڻ لاءِ ٻورين جون جهوليون استعمال ڪيون وينديون آهن. جڏهن تہ کوهہ جي کوٽائي صرف ايتري ڪئي ويندي آهي جيتري چُٽائي ٿي سگهي. چو تہ کوهہ جي چُٽائي مٿائين کان هيٺائين طرف فرمو فٽ ڪري سيمينٽ ۽ سرن سان ڪئي ويندي آهي. روزانہ 8 کان 10 سرن جون اوساريون ڏيئي وري ٻي ڏينهن سُڪڻ لاءِ ڇڏيو ويندو آهي. هڪ کوهہ کي کوٽڻ جي ڪم ۾ مهينن جو عرصو لڳندو آهي. ان بعد بہ توڪل ڪري کوٽيل کوهہ جي مٺي يا کاري هجڻ جي ڪا بہ پڪ نہ هوندي آهي. ٿر جا جهونا ماڻهو فقط پنهنجي لوڪ ڏاهپ جي تجربن جي آڌار تي کوهہ کوٽڻ لاءِ جاءِ منتخب ڪندا آهن. ان لاءِ راڄ جو ڪو چڱو ماڻهو، پير، بزرگ سڏايو ويندو آهي. جيڪو ڦهريون لپو هڻڻ واري رسم ادا ڪندو آهي. جنهن کي "ٽپو" چيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن توقع مطابق تہ ڪڏهن توقع کان اُبتڙ صفا کارو پاڻي نڪري پوندو آهي جنهن کي ٿري ٻولي ۾ "هڙيا مار" (ٿري ٻولي ۾ هڙيا بلبل کي چئبو آهي) يعني جيڪڏهن اهو پاڻي بلبل پکي پيئي تہ مري پوندو. ۽ ڪٿي ڪوهن مان مٺو پاڻي

نڪرندو آهي جنهن سان خرچ ۾ محنت سجائي ويندي آهي. ان خوشي ۾ منائي ورهائي خيراتون پڻ ڪيون وينديون آهن. ڪنهن ڪوهه مان منو ۾ ڪارو گاڏڙ پاڻي نڪرندو آهي. جنهن پاڻي کي ٿري ماڻهو گذاري لائق پاڻي سمجهندي "پياڪ" سڏين. ڪوهه جو پاڻي ٻن قسمن جو هوندو آهي هڪ پاڻي زمين جي وارياسي سطح جو ٻيو پاڻي پٿر جي سطح جو هوندو آهي. واري جي دٻڪڻ جي خدشي سبب واري تي دنگ ڪندڙ ڪوتائي بعد ڪنڊي جي ڪاٺي جو فريم لڳايو ويندو آهي جنهن کي "چرڪ" چيو ويندو آهي. ڪوهه جي مٿان ورت گهماڻ لاءِ چرخي لڳل هوندي آهي. جنهن کي ٿري ٻولي ۾ "پوٽي" چيو ويندو آهي. پٿر جي سطح واري ڪوهه ۾ چرڪ جي ضرورت نه پوندي آهي. ڪوهه مان پاڻي ڇڪڻ واري رسي کي "ورت" چيو وڃي ٿو جيڪا ماضي ۾ چمڙي جي نهيل هوندي هئي هاڻ سٽي، سُٽ، جانورن جي ڏاس ۾ پلاسٽڪ سميت مختلف قسمن جي رسن مان ورت ٺاهي ويندي آهي. ڪوهه مان پاڻي جي ورت ڇڪڻ لاءِ اُٺ، ڍڳا ۽ گڏهه جوٽيا ويندا آهن. انهن جانورن کي هڪلڻ واري کي "ڪيليو" چيو ويندو آهي. زمين جي پاتال مان پاڻي ڇڪي ساهوارن جي زندگي بچائڻ جو هي اهم ڪم ضرورت موجب به ڪيو ويندو آهي ته ثواب خاطر به ڪيو ويندو آهي. ٿري ماڻهو سفر دوران پاڻي کڻڻ لاءِ "سانڌاري" به استعمال ڪن ٿا جيڪا ٻڪري جي کل مان ٺاهي ويندي آهي. اها ٻڪري ويامل نه پر ننڍي پٽ هجڻ گهرجي. پٿر جي سطح تي کوٽيل ڪوهه جا ڪيترائي پاڻي جا نار هوندا آهن پر ان ۾ ڪاريگر ٻانڌاري کي هڪ خاص ڳالهه جو خيال رکڻو پوندو آهي ته پاڻي جي نارن ۾ ڪو ڪارو يا کڙو نار نه شامل ٿيڻ گهرجي پر جي غلطي يا اتفاق سان اهڙو نار ٽُڪجي شامل ٿي ويو آهي ته ٻانڌارو ميڻ، ڪپهه، سوتلي ۽ ٻين مختلف شين سان ان نار کي بند ڪري ڇڏيندو آهي. ٿر جي زمين ۾ معدنيات گهڻي هجڻ ڪري ٿر جي جر جو پاڻي ۾ گندرف، سنکيو ۽ ٻين انساني صحت لاءِ هاجيڪار غلاظتن جي ڪري پيئڻ لائق نه آهي. ان زهريلي پاڻي پيئڻ سبب ٿر جا ماڻهو هيپاٽائٽس بي ۽ سي، چمڙي، اکيون، گلي هڏن جي ڪمزوري ، ڏند ڇٽي





پوڻ ۾ گڙدن جي بيمارين جو شڪار آهن. پاڻي ۾ نمڪيات گهڻي هئڻ ڪري معصوم ٻارن ۾ پيرسن ماڻهن ۾ ڊائريا جو مرض گهڻو هوندو آهي. وڏي خرچ ۾ محنت سان کوٽيل ڪوهه جي ڏگهي حياتي لاءِ ان جي صفائي سان گڏ ان جي استعمال سان واڳيل آهي. ٿر جا ڪيترائي قديم ڪوهه اڄ تائين بهتر حالت ۾ موجود آهن. ڪوهه جي صفائي کي ٿري ٻولي ۾ "ڪيڻ" ڪيڻ چئبو آهي. وٽن جي پاڙهن ۾ ڪچري جي ڪري ڪوهن جي نارن مان پاڻي جو وهڪرو گهٽجي ويندو آهي. جيڪو صفائي بعد ٻيهر بحال ٿي ويندو آهي. ٿر جا تمام گهڻا ڳوٺ انهن ڪوهن، تڙن ۽ ويرين جي نالن سان مشهور آهن. جيئن ملهي جو تڙ، آڏي جو تڙ، ڪانا ويري، ڪيمي جو پار، وغيره ٿر جي ڪاهوڙ واري پاسي ڪوهيون ۽ پار آهن. ٿر ۾ مال جي پيئڻ لاءِ تڙن جي پر ۾ پاڻي جا "آواڙا" حوض ٺاهيا ويندا آهن جتي ڳوناٺن جو چوٽ چرندڙ مال پاڻي پيئندو آهي. گرمين جي مند ۾ آواڙن ۾ پرايل پاڻي تمام گهڻو گرم ٿيڻ ۾ ٻي طرف ان گرم پاڻي جي ٽي ڊي ايس سطح وڌيل هجڻ ڪري پاڻي پيئڻ سان بروقت جانور ڪري پوندو آهي. جنهن کي گوسيو (ڪوهه مان پاڻي ڪيڻ وارو ماڻهو) ان ئي وقت ڪن ۾ تيز ڌار واري چاقو سان ٽڪو ڏيندو آهي. جيڪڏهن جانور جي ڪن ۾ ڏنل ٽُڪي مان رت نڪتو ته رت جو دورو بحال ٿيڻ ڪري جانور بچي ويندو ٻي صورت ۾ ساڳي چاقو جانور جي ڪنڌ تي ڦيريو ويندو آهي. جيئن سنڌ جي ٻين علائقن ۾ ذاتي دشمنين جي آڙ وٺي پيئڻ جي پاڻي ۾ مڇين جي ڊنين ۾ زهريليون دوائون اُڇلائي انسان سان گڏ ٻين ساهوارن کي نقصان رسايو ويندو آهي. پر ٿر ۾ ائين نه آهي. ٿر جي شاندار روايت چئبي جو اُتي جا مارو ماڻهو معاشرتي اٽڪٽ جي انتقام ۾ خدائي خلق جي ڪم ايندڙ شين کي قطعي نقصان نه ڏيندا آهن. چاهي ڪيڏي به دشمني ڇو نه هجي. نه ته ڪوهه کارو ڪرڻ لاءِ فقط ٻه ڪلو لوڻ جي ضرورت هوندي آهي. يا گاهه جو هڪ قسم لاٽو (اٺن جو چارو) جا ٻه ٽي ٿارا ڪوهه کي کارو ڪري ان جو ذائقو خراب ڪري ڇڏيندا آهن. ننگرپارڪر ۾ ڪوهن جو پاڻي تمام سنو ۽ وافر مقدار ۾ آهي. پارڪر ۾ ڪاسبي، پورٽواهه ۽ آديگام واري پاسي

ڪوهن جي پاڻي تي آباديون پوکي وڏو ناڻو ڪمايو پيو وڃي. گهڻي عرصي کان مُندائتا مينهن نہ وسڻ ڪري ٿر ۾ جر جو پاڻي ڪيترن ئي علائقن ۾ تمام گهري سطح تائين هيٺ هليو ويو آهي جتي هاڻ جان جوکي ۾ وجهي کوهن جي کوٽائي ڪرڻ ٿرواسين جي وس جي ڳالهہ نہ آهي ۽ جڏهن تہ ڪيترن ئي ڳوٺن جا کوهہ يا تہ کارا ٿي وڃڻ ڪري هاڻ پيئڻ جي لائق ئي نہ رهيا آهن يا تہ سڪي ويا آهن. وڏن ڪشالن سان ٿرواسي جيڪو پاڻي پيئڻ لاءِ حاصل ڪري استعمال ڪن ٿا سو پاڻي ڪنهن بہ صورت ۾ پيئڻ جي قابل نہ آهي. تنهڪري ٿر ۾ هن وقت پيئڻ جي پاڻي جو وڏو مسئلو پيدا ٿيل آهي. کوهن جي کوٽائي دوران واري جون پڪون سرڪڻ ڪري ڪيترائي دفعا کوهہ کوٽيندڙ پورهيت دٻجي فوت ٿيا هوندا. 21 اپريل 2016ع تي بہ ٿر جي هڪ ڳوٺ ماڇيائو ۾ نئين کوهہ جي کوٽائي دوران کوهہ دٻجڻ ڪري ٻانڊارو ٿانو ڀيل فوت ٿي ويو ان پورهيت جي لاش کي ڳوٺاڻن ۽ انتظاميہ وڏي ڪوشش سان 24 ڪلاڪن بعد ڪڍي ورتو. ان کان اڳ تعلقي ننگر پارڪر جي ڳوٺ اونڙو ڀيل ۾ کوهہ کوٽيندي 3 پورهيت کوهہ ۾ دٻجي فوت ٿيا هئا. انهي سانحي ضلعي ٿرپارڪر جي انتظاميہ جي پت وائکي ڪري ڇڏي هئي. ان بدنصيب ڳوٺ ۾ چار ڏينهن تائين هڪ عدد مشين سست رفتاري سان کوٽائي وارو ڪم ڪري رهي هئي ۽ جڏهن تہ دٻجي فوت ٿيل 3 غريب پورهتين جا سوين وارث انهي اوسيڙي ۾ کوهہ جي چوداري اکيون اٽڪايو ويٺا هئا تہ ”ڪيڏي محل ٿا سنڌن پيارن جا لاش نڪرن“ انتظار جي اهڙي درديلي ڪيفيت کي رڳو محسوس ڪرڻ سان بہ من اندر ۾ ماتم برپا ٿيو وڃي. درد وندي جي ديس تان مُندائتي مينهن جي رم جهم تہ رسامو ڪندي رهندي آهي. پر انهن ماروئڙن جا نيڻ اڄ بہ اوهيرا ڪري وسن ٿا جن جا پيارا پنهنجي ڳام جي اُڄ اُجهائڻ لاءِ کوهہ کوٽيندي هزارين مڻ مٽي هيٺ دٻجي ويا. ڪوئلي (ڪاري سون) جا وارث ٿر واسي جن جي ڪوئلي مان هڪ سئو سال تائين سڄي ملڪ لاءِ بجلي تہ فراهم ڪري سگهجي ٿي ۽ ٻين ملڪن کي بجلي وڪڻي قومي ناڻو بہ ڪمائي سگهجي ٿو پر جن ماروئڙن جي ڪيتر مان





ڪوئلو نڪتو آهي انهن غريب ٿرين لاءِ پيئڻ لاءِ صاف پاڻي جي لپ ناهي؟ ڪيترائي دفعا کوهہ کوٽي اُڄ اجهائڻ جي ڪوشش ۾دٻجي موت جي منهن ۾ ويندڙ پورهيت ٻانڊارن جا لاش ڪڍڻ لاءِ سرڪار وٽ هن سائينس ۽ ٽيڪنالوجي جي جديد دور ۾ ڪا هيوي مشينري ڇو نہ هوندي آهي؟ جڏهن بہ ٿر ۾ اهڙو واقعو ٿيندو آهي تہ انتظاميہ جي اهڙي سُستي واري روش هڪ روايت بڻجي سامهون ايندي آهي. ڳوٺ اونڙو ۾ دٻجي ويل کوهہ بہ هڪ سماجي تنظيم جي پروجيڪٽ مان ڏنل هو جنهن ۾ ناقص مٽيريل استعمال ٿيل هئڻ ڪري کوهہ جا فرما ٽٽي پيا ۽ کوهہ 3 انساني جانين کي ڳڙڪائي ويو. ڇا اربين رپيا ٽيڪس جو بار برداشت ڪندڙ مسڪين عوام کي مٺو پاڻي فراهم ڪرڻ سرڪار جي ذميواري ۾ شامل ناهي؟ ٿرپارڪر جا چونڊيل نمائيندا ٿر ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي لاءِ آر او پلانٽ يا درياهي پاڻي کي ٿر جي شهرن توڙي ٻهراڙي جي پسمانده ڳوٺن تائين پهچائڻ لاءِ سنجيده ڪوششون وٺن تہ هن جديد دور ۾ ٿرواسي صاف پاڻي پي سگهن ٿا. جيئن ٿر جي واري وارين پٽن جي هزارين فٽ گهرائي مان ڪوئلو ڪڍڻ لاءِ هيوي مشينري جو استعمال ڪيو پيو وڃي تيئن ٿر جي مسڪين ماڻهن لاءِ پيئڻ جي پاڻي جو بندوبست لاءِ کوهہ کوٽڻ خاطر جديد مشينري جو بندوبست ڪري انساني جانيون بچائي سگهجن ٿيون. ٿر زمين جي کاري پاڻي کي مٺو ڪرڻ وارا ڏنل ڪيترا سرڪاري آر او پلانٽ ڪم ڪري رهيا آهن؟ ڪيترا چالو ٿيڻ کان اڳ ختم ٿي ويا؟ انهن پلانٽن جي بند ٿيڻ جا سبب ڪهڙا آهن؟ انهن جا ذميوار ڪير آهن؟ انهن پلانٽن تي ٿيل لکين روپين جي سيڙپ ضايع ٿيڻ جي ڪا جانچ پڙتال بہ ٿيندي يا ڳالهہ آئي وئي ٿي وئي، مال هضم ٿي ويو. انهن مسئلن تي خود ٿر جي ماڻهن کي پرامن جمهوري جدوجهد ڪري اعليٰ ايوانن تائين پنهنجو آواز پهچائڻ گهرجي ۽ ان لاءِ عدالتن ۾ پڻ وڃڻ گهرجي.

# سو ديس مسافر منهنجو ڙي...

دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا ريگستان موجود آهن جتي مينهن جا ميگهه پيا وسن پر مجال آهي جو ان سُڪيءَ ڌرتيءَ تي گاهه جو ڪو ذرو تيلو به ڦٽي، پر اسان جي ٿر جي صورتحال ڪائنات جي ٻين ريگستانن کان بنهه مختلف آهي. مارئي جي هن ماڳ جا ٻه رنگ آهن هڪ وسڪارو ٻيو ڏڪار. جيڪي ماڻهو ٿر جي ٻنهي رنگن کان واقف هوندا انهن کي پتو هوندو ته ٿر جو ڏڪار ڪهڙو ٿئي ۽ وسڪاري جا ويس ڪهڙا هوندا آهن؟ اگر ڪنهن سياح ڏڪار جي صورت ۾ ٿر گهمي ڏٺو هوندو ۽ جڏهن وري وسڪاري جا رنگ پسيا هوندا ته ڪيس قطئي به يقين نه ايندو ته جنت الفردوس جو ڏيک ڏيندڙ هي اهو ساڳيو ٿر آهي جتي ڏڪار دوران هر طرف بک، بدحالي ۽ سُڄ جا منظر هئا؟ سو واقعي ٿر سونهي وسڪاري سان، مرشد لطيف جي هي وائي وسڪاري جي منظرڪشي ڪري ٿي :

آئي مند ملار،
آئون کهنبا ڪنديس ڪپڙا.
وسڻ جا ويس ڪيا، اڄ پڻ منهنجي يار،
لار لائيندي وڇڙا، پنڙس پنيا وار،
پکي آءُ پرين تون، لَهُه منهنجي سيد سار.

بارشن بنان ٿر بر پٽ آهي. هن ديس جو سڄو ڪارهنوار ڪڪرن تي دارومدار رکي ٿو. لوڪ ڏاهپ جي ماهرن جا مينهن بابت ٻولايل سنوڻ سچا ٿيا، سال سامهون آيو، اُتر کان ڪارڻ ڪري وڄون وسيون ۽ ساوڻ ۾ ڪڪرن قرب ڪيو ان سال مينهن اوڙڪون ڏيئي برسيو ته هر طرف ملهاري لڳي ويندي. جيڪڏهن بادلن جو رسامو وسيع ٿيو ته بک جي ڏائڻ ٿر جي معصوم وجود کي کائڻ شروع ڪندي آهي.

دنيا ۾ تپش وڌڻ ڪري عالمي سطح تي موسمون مٽجي ويون آهن. موسمن جي بدلجڻ جا خطرناڪ اثر سڀ کان وڌيڪ ٿر پوڳيا آهن. ڇو ته ٿر جي زندگي جو فطري نظام برسات سان لاڳاپيل آهي. ٿر ۾ گهربل منداڻتا مينهن





نه وٺا ته ٿر جي زندگي جي فطري سگهه آهستي آهستي ختم ٿيندي ويندي ۽ ڏڪار جا آثار پڌرا ٿيندي ئي سوڪهڙي جا ناڪاري اثر ظاهر ٿيندا آهن. ٿر کي سُڪار لاءَ وقفي وقفي سان چار کن بارشون گهربل هونديون آهن. جيڪڏهن اهي گهربل مينهن ضرورت کان گهٽ وُٺا يا 2011ع جي سال جيئن تمام وڏيون بارشون ٿيون تڏهن به ٿر ۾ مال جو چارو ته ٿي سگهي ٿو پر فصل جو ايوريج جيترو لهڻ گهرجي اوترو نٿو لهي. معدني طور مالا مال ٿر ۾ گذر جي ٻين محدود وسيلن سان گڏ برساتي فصل ۽ چوپايو مال آهي. جيڪو صحرا ۾ زندگي جي سفر کي روان دوان رکيو اچي. ٿر جي وارياسي زمين تي پوکائي لاءِ ٻه پهريون وسڪارو ڏوردار هجڻ گهرجي. جنهن ۾ تل، ترايون، ٽويا تار ٿي وڃن ۽ زمين ۾ لڳ ڀڳ هڪ فٽ جو ريج ٿيڻ کانپوءِ ئي پوکائي ممڪن ٿي سگهي ٿي. ٻج ڄمڻ بعد گهٽ ۾ گهٽ هر ويهه ڏينهن جي وقفي سان چار بارشون وسن ته ٿر بحال ٿي ويندو آهي. پر 2011ع جي تيز بارشن کانپوءِ مسلسل چار سالن کان ٿر ۾ گهربل مينهن نه وسڻ ڪري ٿر جي صورتحال ڪاري ڏڪار جي ور چڙهڻ ڪري ڳٽتي جوڳي بڻيل آهي. ٿر جي ريگستان جون اُجاريون پٽون هر سال بادلن جي برسڻ جون منتظر هونديون آهن. وسڪاري جي رُت ويجهي ٿيندي ئي درد وندي جي ديس جا مارو ماڻهو اُڀ تڪين ٿا. مينهن جون مندون مٽي ويون پر نه بادل برسيا نه ڏڪار جا ڏينهن ٽريا. ڪارونجهر تي ڪڪرن ڪارونيار نه ڪيو مُهراٽي کان مالٺهور ۽ ڏاهلي کان ڏاني دانڌل تائين هر طرف رُڄ پسجي ٿي ۽ طوفاني هوائن ۾ ٿر جا ڪچا پيچرا توڙي پڪا رستا واري سان لٽجي ويا آهن.

جت لڪ لڳي جت اڪ تپن
سو ديس مسافر منهنجو ڙي.

گذريل ڪيترن ئي سالن کان ايتريون خاص بارشون نه وسڻ ڪري ٿر ڪاري ڏڪار جي خطرناڪ صورتحال کي پوڳي رهيو آهي. اعليٰ اختيارن پاران هر سال اوير سوير ٿر کي ڏڪار ستيل قرار ڏئي نالي ماتر امدادي ڪاروايون پڻ شروع ڪيون وينديون آهن. ضرورت موجب ٿر واسين جي خوراڪ جي کوٽ جو پورائو ڪرڻ جي موجوده سرڪار توڙي

ماضي جي حڪومتن بہ ڪيترين ئي ڪوشش ڪيون آهن پر لاڳاپيل کاتن جي نااهلي، سفارش ڪلچر ۽ غيرسنجيدگي واري رويي سبب ٿر مان خوراڪ جي کوٽ جو پورائو ڪرڻ ۾ ڪافي حد تائين ناڪامي نصيب ٿي آهي. انهن سببن تي غور ۽ ويچار جي ضرورت آهي. وقت بہ وقت ٿر مان ڪٽڪ جي غير منصفانہ ورهاست جون خبرون ايندڙيون رهنديون آهن. اعليٰ اختيارن جي پنهنجا نواز پاليسي تحت ٿيندڙ امدادي ورهاست ۾ ڪيترائي ٿر جا مسڪين ۽ بي پهچ مظلوم ماروئڙا نظرانداز ٿي ويندا آهن. جيڪي امداد ملڻ جي آسري ۾ قطارون ڪري صبح کان شام تائين بيٺل هوندا آهن. ٿر جي ڏڪار متاثر ماروئڙن سان اهڙي تذليل ۽ جٺ هڪ ڏکوئيندڙ الميو آهي. جيڪي مارو پنهنجن غريباڻن اوتارن تي آيل مهمان کي لک عزتون ڏيئي مهمان نوازي جو شاندار مثال قائم ڪيو اچن سي ٻين جي اڳيان هٿ ڪيئن ٽنگن؟ پنهنجي اپري سيري حال تي ٿري خوش گذارين ٿا لطيف سائين جي شاهدي ۾ :

ٿوري قوت قراريا، رهن سبر ست،
ڪٿيءَ ۾ کهہ پڪُليا، پوڻن اهڙيءَ پت،
پنوهارڪي پت، پيهي پُڇ مليرَ ۾.

ٿر جون ڪاري ڏڪار جي ور چڙهيل حالتون حادثاتي طور يا چند ڏينهن ۾ خراب نہ ٿيون آهن. پر ٿر ۾ ڪاري ڏڪار جي صورتحال کي تمام گهڻو عرصو گذري چڪو آهي. ماضي ۾ بہ هن وسيع ريگستان ۾ ڪيترائي لاها چاڙها، لوڏا، لمحا ۽ ڏکي عرصي تائين قائم رهندڙ ڪارا ڏڪار پڻ ايندا رهيا آهن. موسمي ڦيرقار جي ڪري ٿر ۾ هر سال گهربل وسڪارو ٿيڻ بجاءِ هر ٽي يا چار سال بعد وسڪارو ٿئي ٿو عام طور ٿر ۾ ڏڪار جي صورتحال برقرار هجڻ جي باوجود بہ ٿر سان لاڳاپيل مسئلن جا مستقل حل ڪيڻ بجاءِ هر دور اقتدار جي ڏر شعوري طرح گوٺناٿ جو شڪار ٿي پنهنجي دور حڪومت جا ڏينهن مٿائڻ جي جتن جي جاکوڙ ۾ هوندي آهي. ٿر جي مسڪين ۽ مظلوم ماروئڙن سان لاتعلقي واري روش غيرجمهوري آهي. ٿرپارڪر ۾ بنيادي طور ٿر واسين جي گذر سفر جو ذريعو چوپايو مال،





برساتي فصل ۽ گاهہ آهي. مسلسل ڏڪار جي صورتحال سبب ٿر ۾ چوپائي مال جي چاري جي وڏي کوٽ ٿيڻ ڪري هڪ طرف چوپائي مال کي بُکون بي حال ڪري ڇڏينديون آهي. تہ ٻي طرف چوپايي مال ۾ بيماري سبب ٿري مالوندن جا واڙا ويران ڪرڻ جون خبرون بہ ميڊيا ۾ اينديون رهنديون آهن. لائيو اسٽاڪ سان لاڳاپيل کاتي پاران ٿر ۾ وقت سر مال جي ويڪسن نہ ٿيڻ ڪري چوپائي مال ۾ گوگهي، ڳنڍ، ڦڦڙي، ماتا، تير وغيره جي بيمارين ۾ هر سال ڀاڳين کي وڏو نقصان پلئہ پوندو آهي.

ڪاري ڏڪار سبب ٿر واسي هن وقت ان ڪري بہ ٻٽي عذاب جو شڪار آهن جو اڳ ٿر ۾ ڏڪار جي صورتحال ٿيندي ئي ٿر جا مارو ماڻهو روزگار خاطر ۽ ٿري مالوند ڀاڳيا چوپائي جي چاري خاطر سنڌ جي ٻئراجي علائقن ميرپورخاص، بدين، عمرڪوٽ، نوابشاهہ، سانگهڙ وغيره ڏانهن رُخ ڪندا آهن. سنڌ جا اهي ٻئراجي علائقا پيٽ گذر لاءِ مزدوري ۽ مالوند ماروئڙن جي چوپائي جي چاري لاءِ بندوبست جا هٿيڪا ٺڪاڻا بڻيل هوندا آهن. هر سال مارو پنهنجي گذر جي اهم ذريعي چوپائي مال ۽ پنهنجن معصوم ٻچڙن کي وٺي ڏگهو پنڌ ڪري سنڌ جي انهن ضلعن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري پهچندا آهن. پر هاڻ مٿي ڄاڻايل ضلعن ۾ بہ پاڻي جي شديد کوٽ سبب مقامي آبادي پڻ سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهي آهي. جنهنڪري انهن علائقن ۾ روزگار جا وسيلا گهٽجي ويا آهن.

انهن علائقن ۾ چوپائي جي چاري ۽ پيئڻ جي پاڻي جو وڏو مسئلو پيدا ٿي پيو آهي. ٿر جا پاڙيسري ٻئراجي ضلعا پاڻي جي کوٽ سبب زرعي طور سوڪهڙي جو شڪار هئڻ ڪري ٿر جو اضافي بار برداشت ڪرڻ جي تمام ڪمزور پوزيشن ۾ بہ نہ آهن. گذريل ڪيترن ئي سالن کان ٿر ۾ چوماسي جون گهربل برساتون نہ وسڻ ڪري ٿر جا برساتي فصل گوار، ٻاجهري، جوئر، مورٺ، تر، مڱ وغيره بہ گهٽ ٿين ٿا. جنهنڪري هڪ طرف اناج جي کوٽ آهي تہ ٻي طرف ايندڙ وسڪاري لاءِ ٿر واسين وٽ پوکڻ خاطر ٻج جي کوٽ جو مسئلو بہ ڪر کڻندو رهندو آهي. اُن ۾ اڪيون اٽڪائي ويٺل ٿري آبادگارن جي مالي مجبوري جو ناجائز فائدو وٺندي

مقامي واپارين پاران زرعي جنسن جا من پسند اگهه وصول ڪرڻ ۾ ڳري وياج عيوض ٻج ڏيئي ماروئڙن کي قرضي ڪيو ويندو. ڇا سرڪار وٽ ان مسئلي جو اڳواٽ ڪو حل آهي؟ جنهن تي اُپاءُ وٺي ٿري آبادگارن کي پيٽي نقصان کان بچائي سگهجي.

ٻين ملڪن جي ريگستانن ۾ صحرائي علائقن جي صورتحال سنڌ جي صحرا کان مختلف آهي. ڇو ته انهن ملڪن جي انتظاميا پاران بدلجندڙ موسمي صورتحال کي مد نظر رکي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ رٿا بندي ڪئي ويندي آهي. ته جيئن پنهنجي ملڪ جي ماڻهن کي مصيبت کان بچائي سگهجي. پر اسان جي ٿر جون حالتون ٻين ملڪن جي ريگستانن کان ابتڙ ۾ بدتر آهن. بيماري ۾ خوراڪ جي کوٽ سبب معصوم ٻارن تي موت جو راڪاس روز لامارا ڏي ٿو. هيستائين سوين معصوم ٻار جيجل جي جهولين کان جدا ٿي چڪا آهن. ٿر جي قبرستانن ۾ معصومن جي قبرن جو انگ ڏينهون ڏينهن وڌندو وڃي. ٿرواسي مسڪين ماروئڙن جي اڱڻ تي سوڳواري جي فضا ڇانيل آهي. هر ڳوٺ، ڳام، وانڍ ۾ واهڻ ۾ معصومن جا جنازا کڄن ٿا. غريبن جي اجهن تي سوڳواري جا تڏا وڇايل آهن. غربت ۾ بي وسي جي حالاتن ۾ آيل موت تي چونرن مان معصومن جي مائرن جون جيءُ جهوريندڙ آهون، دانهون، سسڪيون ترقي يافته سماج ۾ دنيا جي انساني حقن تي ڪم ڪندڙ عالمي سطح جي بين الاقوامي ادارن جي پت کي وائکو ڪن ٿيون. مري ويل ٻارڙن جا ڪڪاٽي منهه ۾ ٽنگيل رانديڪا، قسطن تي مليل مختصر زندگي جا اوٽي تي ڏنل معصوماٽا ٺهڪ، انهن سماپتي مُرڪن جا چند سئو روپين جي چائنا واري موبائل سيٽ ۾ ڪيڊيل ڏندلا فوٽو پتڪڙين قبرن تي پيل روهيڙي رتن گلن جون سڪل پتيون، هيج مان پاراپل هٿ جا ڪارا ڪڱڻ، خالي ٿيل سر جي ڪانين وارو پينگهو ۾ کٽ ۾ بدّل چُني جي خالي ٿيل لوڏ، لوڙهي تي سُڪندڙ ننڍڙي قميص جي کيسي تي پرت پريل پشم جا گلابي گل، ماءُ جا ڳايل لاڏا جيڪي هاڻ هوائن ۾ اوچنگارون بڻجي گونجن ٿا. ڇا ٿر جي هن درد ڀرين منظرن کي ماپڻ لاءِ هن جديد دنيا وٽ ڪو اوزار آهي؟ ڇا هي منظر هيڻئي جي آتش فشان ڦاٽڻ لاءِ ڪافي ناهن؟ ٿر جي ان ڪيڏاري تي اعليٰ





اختيارن جي من اندر ۾ ڪو ماتم برپا ٿئي ٿو؟ ٿر جي بک، بيروزگاري ۾ بدحالي جا ڏکوئيندڙ منظر ڪيمرا جي اک ۾ قيد ڪري انهن جي نالي تي اربين روپين جا فنڊ ۾ پروجيڪٽ وٺندڙ سماجي ادارا ۾ اين جي اوز ٿر ۾ ڪهڙي تبديلي آڻي سگهيا آهن؟ ٿڏن حالن ۾ فائيو تارن وارين هوٽلن ۾ ٿيندڙ سيمينار ۾ صفائي تي ليڪچر ڏيندڙ ٽرينرن پاران ٿرين کي صابڻ سان هٿ ڌوئڻ، صحتمند زندگي لاءِ ناشتو ضروري آهي، نيرن ۾ هڪ صوف، ٻه ڪيلا ۾ کير جو هڪ گلاس، ورزش جا اصول ۾ ماني ڪانپوءِ واڪ جي صلاح ڏيئي ڏڪار متاثر ٿرين جي غربت جو مذاق اڏايو وڃي ٿو. انهن کي اهو خبر ناهي ته اهو ليڪچر هو اسلام آباد جي ماڻهن کي ڀيا ڏين يا اسلام ڪوٽ جي ماڻهن کي؟ انهن ادارن کي اهو ڄاڻ ناهي ته هنن جا ڪيترائي معصوم ته ماءُ ۾ رت جي کوٽ، ڪاري سائي، ۾ ٻين خطرناڪ بيمارين ۾ مبتلا هئڻ ڪري پيدا ٿيڻ کان اڳ پيٽ ۾ ئي مريو وڃن. ماروئڙن جي سيم ۾ معصوم ٻارن ۾ مورن تي آيل شام غريبان تي وس وارن جي خاموشي تاريخ جو وڏو سانحو آهي. گذريل ڪافي عرصي دوران ٿر ۾ مري ويل مورن ۾ معصومن جو تعداد هاڻ هزارن ۾ هوندو. خوراڪ جي قلت ۾ وقت سر بيمارين جو مناسب علاج نه ٿيڻ ڪري ابهم ٻارڙن جي موت جي وڌيل شرح ملڪي اسٽاڪ ايڪسچينج جي ڪِرڻ ۾ چڙهڻ تي اثر انداز ڪونه ٿي هوندي. باقي رت جا رشتا رکندڙن جي اکين اڳيان بي وسي جي عالم ۾ ڏرا ڏيئي ويل معصوم اکين جي ماٺڪين جي ختم ٿيندڙ روشني، لڙڪيل ڪنڌ، اک جي ڪنڊ مان آخري ميار واري نهار ۾ هن دنيا کي خير آباد چوڻ واري پڇاڙڪي هڏڪي ڪنهن جي من اندر ۾ سموري حياتي باهه جيئن پڙڪندي هوندي.

موسم جي عالمي تبديلي جي ڪري دنيا جي ڪيترن ئي خطن ۾ ڪٿي بارشون گهٽيون ته ڪٿي صفا نه وسڻ ڪري سوڪهڙا، ۾ ڪٿي خطرناڪ ٻوڏون اچي رهيون آهن. پر سوال اهو آهي. ته ان سڄي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان جي سرڪار ۾ لاڳاپيل کاتن وٽ ٿرپارڪر لاءِ ڪهڙي منصوبا بندي ٿيل آهي؟ ٿر ۾ مسلسل ڏڪار سبب جر جو پاڻي کارو ٿي ويو آهي. کوهن جي پاڻي ۾ انساني صحت لاءِ هاڃيڪار شين جي نشاندهي

ڪئي وئي آهي. جنهن ڪري ٿر جي اڪثر آبادي ڪاري سائي، ڳڙدن جو مرض، پيٽ جي بيمارين ۾ مبتلا آهي. ٿر جي ڏورانهن ڳوٺن ۾ اڄ بہ صحت جي ڪابہ بنيادي سهولت موجود نہ آهي. جنهن ڪري اڪثر ٿري عورتون ويم دوران سفري سهولتون جي اڻ هوند جي ڪري اسپتال پهچڻ کان اڳ ئي فوت ٿيو وڃن.

وسڪاري جي مند توڙي ان کان اڳ ٿر ۾ نانگ ۽ بلائن کان ڪکجڻ جا واقعا بہ تمام گهڻا ٿين ٿا. ڪڏهن ڪڏهن تہ تعلقي ليول جي اسپتالن ۾ بہ اينٽي سنيڪ وينيم ويڪسين جي کوٽ جي ڪري ڪکيل مريض تڙپندي تڙپندي دم ڏين ٿا. برساتون ۽ ڏڪار تہ فطري مسئلا آهن. پر ان کان علاوه بہ ٿر جا ٻيا ڪيترائي مستقل مسئلا حل طلب آهن. جن تي اعليٰ اختيارن ڪڏهن بہ سنجيدگي سان سوچڻ جي زحمت ئي نہ ڪئي آهي. انتظاميہ جا بي حسي وارا رويا ڏڪاريل ڏيهہ جي مسڪين ماروئڙن تي چٽر آهن. ٻلي مهر جا مينهن وسن، هر طرف ملهاري لڳي وڃي، ديس سائي چادر اوڍي ڏڪار جا ڏينهن سماپت ٿين ۽ سُڪار اچي پر ڪٽڪ جي امدادي ٻوري لاءِ قطار ۾ بيهہ ڏڪا کائيندڙ پيرسن ٿريي جي اندر جو انسان ان تاريخي تذليل کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندو.

ٿر جي اهم مسئلن تي با شعور ماڻهن ۽ اعليٰ اختيارن کي سنجيدگي سان سوچڻ جي سخت ضرورت آهي. ڏڪار دوران ٿر ۾ پاڻي صحت ۽ خوراڪ جي کوٽ جو مسئلو سنگين ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن اعليٰ اختيار ۽ وس وارن ٿر جي اهم ۽ بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ايمرجنسي بنيادن تي اُپاءُ نہ ورتا تہ ايندڙ وقت ۾ ٿر جي صورتحال انتهائي خطرناڪ حد تائين خراب ٿيڻ جو انديشو آهي. ٿر ۾ خوراڪ، کاري پاڻي کي مٺو ڪرڻ وارا پلانٽ، چوپائي مال جي ويڪسن ۽ چاري جو بندوبست، صحت مرڪزن ۾ دوائون ۽ ڊاڪٽر فوري طور پهچائي مسڪين مارو ماڻهن جي اهنجن کي گهٽائي سگهجي ٿو.





# فطرت سان هٿ چراند ڪير ڪري ٿو؟

هي ڪائنات ساهوارن جو آشيانو آهي. هن ڪائنات جو وجود، سلامتي، حُسن فطرت جي سلامتي سان وابسطا آهي. پر انسان پنهنجي عارضي مفادن خاطر فطرت سان هٿ چراند ڪري پنهنجي ئي گهر کي جلائڻ لاءِ سندرو ٻڌيو بيٺو آهي. موسم جو توازن مڪمل طرح بگڙيو چڪو آهي جنهنڪري گرمي پد تمام گهڻو تيزي سان وڌڻ ڪري سڄي دنيا ۾ عالمي موسمياتي تبديلي (گلوبل وارمنگ) جا خطرناڪ اثر ظاهر ٿي رهيا آهن. ڇا موسم جو عالمي ڦيرو هڪ ڏينهن ۾ آيو آهي؟ ان تبديلي ۾ وڏو زمانو لڳو آهي. ماحوليات ۽ موسميات جي عالمي ماهرن پاران هڪ ڊگهي عرصي کان دنيا کي اهڙن امڪاني خطرن کان آگاهہ ڪيو ويو آهي. پر ماحوليات جي تحفظ ۽ فطرت جي بچاءُ تي ڪو عمل نہ ٿي سگهيو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ هن ڌرتيءَ جو مستقبل فطري نقصانن جي مڪمل گهيري ۾ آيل آهي.

دنيا ۾ موجود برف جا گليشير پڻ تيزي سان ڳري رهيا آهن. ڪٿي ٻوڏون تہ ڪٿي سخت سوڪڙو ۽ ڏڪارن سبب زمينون بنجر بڻجي باهہ اوڳاڇين ٿيون. مندائتا مينهن موڪلائي ويا آهن. بارشون هاڻ ڪڏهن اڳاٽيون تہ ڪڏهن صفا مند مٽائي پاڇاٽيون وسن ٿيون يا تہ ايتريون گهٽيون وسن ٿيون جڻ آسمان کي گهارا پيا هجن ۽ ٿر جهڙن ريگستاني علائقن ۾ بادل ڊگهي رسامي تي آهن. سال 2015ع ۾ بارشون تہ وچوليون ٿيون پر ٿر ۾ گاهہ جو تيلو بہ ڪونہ ڦٽو، پوکيل فصل کي تيز هوائن لٽي ڇڏيو هو جڏهن تہ اهڙن علائقن جو تہ گذارو ئي برسات تي آهي. سياري جي موسم ۾ ماضي جي ڀيٽ ۾ سرديون بہ رڪارڊ ٽوڙ ٿين ٿيون. يعني موسمون پنهنجي فطري محور جي دائري مان نڪري ويون آهن. جنهنڪري ان تبديلي جا اثر هر

صورت ۾ ناڪاره ٿي پوٽا آهن. موسمي ڦير ڦار جي انهن سمورين زميني حقيقتن، واقعن، حالتن جا نج سائنسي سبب به ته هوندا؟ تنهنڪري هن ڪائنات ۾ شعور جي مالڪ ماڻهو کي گوتناٿ جوشڪار ٿيڻ بجاءِ فطرت جي تباهي جي حقيقي سببن جي انت تائين پهچي ثابت ڪرڻو آهي ته هي فطري فرق ڪيئن آيو؟ جنهن فرق سان هاڻ هي ڪائنات ساهوارن لاءِ سوڙهي ٿيندي وڃي. انهن فطري تباهين جو ذميوار ڪير آهي ۽ ان جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ مئي جي مهيني کان ئي سج نيزي پاند لهي اچڻ ڪري ساهه وارن جو ساهه اٽڪي پيو آهي. ساهوارن لاءِ هي ڌرتيءَ جڻ ڪورو ٻڻجي رهي آهي. گرمي پد ۾ تيزي سان اضافو وڏين فطري آفتن جي تباهين جو سبب بڻجي سگهي ٿو. ڦهر جهڙي گرمي ۾ ڪانءَ جي اک پئي نڪري ماڻهو هيٽ اسٽروڪ سبب عذاب ۾ مبتلا ٿيو وڃن.

معنيٰ ته ڌرتيءَ تي ساهه وارا فطرت جي سنگين نقصانن جي جڪڙ ۾ ڦاسي پيا آهن. “هٿ جي وڍئيي جو ويچ نه طبيب” سوال اهو آهي ته فطرت سان ڇيڙڇاڙ ڪير ٿو ڪري؟ وڻ ڪنهن وڍيا آهن؟ پاڻي جي فطري گسن تي قبضا ڪنهن ڪيا آهن؟ گرينائٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪارونجهر جهڙن جبلن جي پرسڪون ماحول ۾ ڊائناميٽ جا ڌماڪا ڪير ٿو ڪري؟ ايٽمي ڌماڪا ڪنهن ڪيا هئا؟ گُگر کي ٽُڪ ڪير ٿو ڏي؟ ماحول ۾ آلودگي جو سبب غريب جي ڪکائين جهوپڙي ۾ ٻرندڙ ڏيئي جي لاٽ آهي يا سرمائيدارن جي ڪارخانن مان خارج ٿيندڙ ڪارو دونهون؟ ماحولياتي گدلاڻ جو ذميوار ڪير آهي؟ ماحوليات سان لاڳاپيل ادارا ان حوالي سان ڪهڙيون سنجيده ڪوششون ورتيون آهن؟ اهي سوال جواب طلب آهن.

پاڻي سمنڊ تائين پهچڻ لاءِ پنهنجا گس پاڻ ٺاهيندو آهي. مينهوڳي جي مند ۾ واڌو پاڻي کي سمنڊ تائين پهچائڻ جي فطري گسن پراڻ، هاڪڙو، پٽيهل وغيره تي بااثرن پاران قبضا ڪري ٻنيون آباد ڪرڻ، گهر ٺاهڻ سميت ٻيون مختلف رڪاوٽون ۽ بند ٻڌي پاڻي جا قدرتي وهڪرا ۽ لنگهه بند ڪرڻ جي نتيجي ۾ پاڻي سڀ ڪجهه پاڻ سان گڏ لوڙهي خطرناڪ تباهي جو سبب بڻجندو رهيو آهي. ويجهي ماضي ۾ 2010ع ۽ 2011ع



تَتل سج هيٺان

جون برساتي ٻوڙي درياهي ٻوڏون ان جو واضع مثال آهن. جنهنڪري پاڻي اُٿل ڪاهي انساني آبادين کي ٻوڙي ڇڏيو هو. مستقبل ۾ به اهڙا خطرا موجود آهن.

ٻي طرف درياهه بادشاهه کي پنجاب پاران هٿ وٺي سڪائڻ جي نتيجي ۾ ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي نه ڇڏڻ ڪري تمر جا ٻيلا، آبي جيوت ۽ ڪوٽڙي کان هيٺ جو ڪچو تباهي ڪناري تي پهچي چڪو آهي. سمنڊ ۾ مٺي پاڻي جي ڇوڙ نه ٿيڻ ڪري هيستائين سمنڊ سنڌ جي لکين ايڪڙ زرخيز زمين ڳڙڪائي ويو آهي، اها تباهي ڪائنات جي فطري نظام سان هٿ ڪس جو نتيجو آهي. دونهون، دز ۽ گندو پاڻي خارج ڪندڙ مختلف ڪارخانا، ملون ۽ فيڪٽريون به دنيا جي پورهيتن جون ته نه آهن.؟ اهي به ڪنهن بااثر سرمائيدارن جون آهن. ملن جو خارج ٿيل ڪيميڪل مليل زهريلو ۽ گندو پاڻي ماحوليات جي تباهي جو وڏو ڪارڻ بڻيل آهي. ان ملز جي ڪيميڪل واري زهريلي پاڻي سبب هڪ طرف آبي جيوت ختم ٿيندو وڃي ته ٻي طرف ان زهريلي پاڻي جي گذرڻ ڪري سنڌ جون زرخيز زمينون سيم ۽ ڪلر جي ور چڙهي وڃڻ ڪري زرعي طور ناڪاره بڻجي چڪيون آهن. ماحولياتي آلودگي پکيڙيندڙ گندو پاڻي جو جتان به گذر ٿئي ٿو اُتي جا رهواسي دم، نزلو، چمڙي، اکين سميت ٻين لاتعداد بيمارين جي ور چڙهي وڏو عذاب ڀوڳي رهيا آهن. دونهين ۽ دز سان هڪ طرف ساهوارن لاءِ ڪيتريون ئي پيچيده بيماريون پيدا ٿين ٿيون ٻي طرف ماحولياتي آلودگي ڦهلجڻ ڪري اوزون جي تهه کي وڏو نقصان پهچڻ ڪري موسم پنهنجي فطري ڦيري مان آهستي آهستي نڪري رهي آهي.

انسان پاران انفرادي مفادن خاطر ڌرتيءَ تي ڪيل فطري هٿ چراند سان مستقبل ۾ ماحولياتي تبديلي جنهنجو ذميوار اُٽسڌي طرح وري به هن دنيا جو سرمائيدار آهي جيڪو پنهنجا ڪاروباري مفاد ماڻڻ لاءِ فطرت کي رانديڪو سمجهي ڪيڏي رهيو آهي.

جتي وٽڪاري وڏيڪ هوندي آهي اُتي بارشون به تمام سٺيون وسنديون آهن. گهٽين بارشن جي ڪري ڏيهه ۾ گلزاري لڳل هوندي هُئي. هن ڌرتيءَ

جي وجود تان اجگر جهنگل جي ٻيلن مان ساوا ڇهڇ وڻ ڪنهن بااثر سرمائيدار ڪانسواءِ ڪو مسڪين ڪيئن وڻ وڍڻ جي جُرت ڪري سگهي ٿو؟ وڻ هن ڪائنات جو حُسن آهن. انهن کي پنهنجي ڪاروباري مفادن لاءِ وڍي هن ڪائنات جي اربين انسانن لاءِ فطري عذاب پيدا ڪيا پيا وڃن. هن وقت دنيا جي آبادي لڳ ڀڳ ساڍا ست ارب آهي. دنيا جا وس وارا ٽيڪس جي اوڳاڙي جيئن هر فرد تي سال ۾ ٻه عدد وڻ پوکڻ جو قانون پاس ڪن ته ايندڙ پنجن سالن ۾ دنيا اندر وڪ وڪ تي وڻ هوندا. فطرت جي ڪيل نقصان جو مڪمل ته نه پر ڪجهه قدر ازالو ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن انسان پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي ايندڙ نسل جي بقاءَ لاءِ فطرت کي بچائڻ جون سنجيده ڪوششون نه ورتيون ته هي ڪائنات انسان لاءِ سک پريو آشيانو نه رهي سگهندي ڇو ته واحد فطرت آهي جيڪا پاڻ سان ٿيل هٿ چراند جو انتقام بي رحمي سان هرحال ۾ هر صورت ۾ يقيني طور وٺندي آهي. فطرت جي پلاند کان انڪار ڪرڻ غيرسائنسي عمل آهي. فطرت طرف انسان جو غيرسنجيدگي وارو رويو انسان جي ايندڙ نسلن لاءِ انتهائي خطرناڪ ثابت ٿيندو. هڪ طرف ڌرتيءَ تان وڻ وڍي جهنگلي جانورن ۽ پکين جا گهر ڊاهيا پيا وڃن ته ٻي پاسي انهن معصوم جانورن ۽ پکين جو شڪار ڪري نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي. ان سبب ڪيترن خوبصورت پکين ۽ جانورن جا نسل مڪمل طرح ختم ٿي چڪا آهن يا ته ناياب بڻجي خطري هيٺ آهن. تلور جو رت ڪير ٿو وهائي؟ ڪونجن جو قاتل ڪير آهي؟ اڇڙن ۽ ڪارڙن تترن کي ڪير ٿو ماري؟ مورن جي ٿهوڪن جو گلو ڪنهن گهُٽيو آهي؟ هرڻيون ڪنهن ڪُٺيون آهن؟ ڊگوش، نيرڳي، ڪائنرو، آڙي، ڪنگ لاءِ ڄار ڪنهن وڇايا آهن؟ فارمي ڪڪڙن جي فيڊ لاءِ مڇي جي ٻيجاري جهلڻ خاطر ڀن ڪنهن پکيڙيا آهن؟ اهو ڪم به ڪنهن بااثر سرمائيدار ڪانسواءِ ٻي ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي.

ماضي ۾ موسمي برساتن ۽ پاڻي جو اوج هيٺ ڪري جهرجهنگ، ٻهراڙي جي سيم جون ڪنڌيون، پاسا، پوٺا، پڊا، واهن جا ڊاڪا، فصل جا پيلاڙا، تر





۾ چوپائي مال جي چاري لاءِ گاهه جي رک خاطر گئوچر وغيره جي ڪري ياڳين جو چوپايو مال خوش هوندو هو هاڻ هڪ طرف پاڻي جي کوٽ ۽ برساتن جو رسامو ۽ مسلسل ڪاري ڏڪار سبب سائي گاهه جي وڏي کوٽ هئڻ ڪري ٻہرن ۽ ديوين جا پلڙا به وڪامن ٿا. اهو عمل توڙي جو ديس ۾ ڏڪار، بک ۽ بدحالي جي عڪاسي ڪري ٿو. پر ان سان هن ڌرتيءَ تي هڪڙو فطري فائدو ضرور ٿيندو جو جانورن جي ڇيٽي ۽ ڦولڙين ذريعي ٻہر ۽ ديوي جا ڪيچڪا ضرور پکڙبا جيڪي برساتن ۾ ڄمي پوندا. جهنگل فطري سونهن رکندڙ پکين ۽ جانورن جي محفوظ پناهه گاهه هوندا آهن. وڻن جي واڍي سان مورن جا ٿهوڪا، طوطن جون تنوارون، ڳيرن جون ڳٽڪارون، ڪويلن جون ڪوڪون پريات ويل ڪائنات جي شاندار حسن جي منظرنگاري جا لاتعداد رنگ رسي ويا آهن. اهو هن ڌرتيءَ جو تاريخي الميو آهي. فصل جي پوکائي دوران ٻج ۾ زرعي زهريلي دوائن جي ملاوٽ ۽ فصل تي اسپري ۾ به چوڻو پاڻي چڳڻ لاءِ ايندڙ پکيڙا اجل جو شڪار ٿيڻ ڪري موت جي ور چڙهيو وڃن. ويجهي ماضي ۾ توهان پنهنجي آسپاس جي ماحول تي نظر ڦيرائندا ته توهان کي پکين جي تعداد ۾ وڏي ڪمي محسوس ٿيندي. جهرڪي، ڪٻر، وهيو ڀڳو ڊوليڙ، ڪانءَ، ڳيرو، طوطو، ڪبوتر، ڪاڻ ڪٽڇي، تتر اڳ جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ نظر اچن ٿا. پکي هڪ طرف هن خوبصورت ڪائنات جي سونهن آهن ته ٻي طرف پکي ماحول دوست پڻ آهن. جيئن ڳجهون علائقي ۾ مرندڙ جانورن جا لاش ڪائي ماحوليات ۾ آلودگي ۽ وبائن کي ڦهلجڻ کان روڪين ٿيون. هن وقت دنيا ۾ ڳجهن جو نسل سخت خطري هيٺ آهي. ٻيا ڪيترائي لاتعداد پکي آهن جيڪي زرعي فصلن کي نقصان ڏيندڙ خطرناڪ جيت جٽين ۽ ڪيڙن کي کايو وڃن. زرعي دوائن جي استعمال سان نه رڳو جهنگ جي پکين کي نقصان پهتو آهي پر واهن، ڪينالن، ڍنڍن توڙي مڇي جي تلائن ۾ مڇي جا لاتعداد ناياب قسم پڻ آخري پساهن ۾ آهن. گرمي جي مند ۾ گهرن اڳيان ٻينل وڻن، ڇپرن توڙي ديوارن تي پکين جي داڻي ۽ پاڻي لاءِ پاتوڙا ڀري رکيا ويندا هئا. هاڻ اهڙي فطرت دوستي جا مثال

تمام گهٽ نظر اچن ٿا. سگهڙ مايون گهر ۾ پچنڊڙ پهرين ماني پکين کي ڏينديون هيون. گهر جي ڏاريل ڪتي لاءِ ته صبح ۽ شام متاري ماني پچائي ڏني ويندي هُئي. افسوس هاڻ اهو رواج تمام گهٽجي ويو آهي. اهڙيون فطرت دوست ريتون، رسمون ۽ رواج پڇاڙي تي پهچڻ ڪري فطرت جو نقصان پهتو آهي. گهر جي لوڙهي ۾ وڻندڙ ماڪي کي به ڪونه ڇاڙيو ويندو هو.

ٻڌمت ۽ جين مت جا باني ڪارن گوتم ٻڌ ۽ مهاوير پڻ فطرت جي تحفظ جا رکوالا هئا. اشوڪ اعظم جي دور ۾ پڻ پکين ۽ جانورن جي شڪار ۽ وڻن جي واڍ تي پابندي عائد ٿيل هئي. تاريخ ۾ سنڌ سان لاڳاپيل ڪڇ علائقي جو حاڪم ٻڌاماڻي پُنرو فطرت دوستي طور بيحد مشهور رهيو آهي. جنهن جي دور ۾ شڪار تي پابندي هئي. هن حاڪم جو ذڪر لطيف سرڪار وڏي احترام سان ڪيو آهي. هن وقت اهڙن فطرت دوست ڪردارن، قدرن ۽ روايتن جو خاتمو ڪنهن سانحي کان گهٽ نه آهي. سنڌ ۾ ڪجهه آڱرين تي ڳڻڻ جيترين جاين تي اڄ به فطرت کي بچائڻ جا جتن ڪندڙ ماڻهو موجود آهن. ننگرپارڪر جي راڄ جا به ڪيترائي ماڻهو فطرت جا پهريدار آهن. جهڏو جو فقير غلام حيدر لغاري جهڙا فطرت دوست ماڻهو هن لوڪ ۾ موجود آهن جن جي هٽ تي جهنگلي مور، ڪبوتر، ڪبرون داڻو چڳن ٿا. جنهن جي فقيراڻي زرعي فارم تي پڪل فصل تي جهار نٿي هڪلي وڃي. فقير جو چوڻ آهي ته "پکي هن ڪائنات جو فطري حُسن آهن، پکين جون ٻوليون پيار، محبت، امن جو اهڃاڻ آهن. هي خوبصورت پرندا بک سبب مرندي نٿو ڏسي سگهان، ماڻهو پاڻ پنهنجي ڪائنات کي قتل ٿيندي ڪيئن ٿو ڏسي سگهي؟ هن ڪائنات ۾ مون کان اهو قهر برداشت نه ٿيندو. ان ڪري مان پنهنجي وس آهر ڪڻڪ، سورج مکي، جوار، ٻاجهري ۽ ٻين ٻج وارن فصلن تان جهار هڪلڻ نه ڏيندو آهيان. هر ڪو پنهنجو نصيب کائندو آهي، داڻي داڻي پي لکا هي کاني والي کا نام، آئون پنهنجي علائقي ۾ ڪوشش ڪري شڪار به نه ڪرڻ ڏيندو آهيان"





ماحوليات تي گهري نظر رکندڙ دنيا جا بين الاقوامي ذميوار ادارا فطرت ۽ ماحوليات جي خطرناڪ تباهي کي محسوس ڪندي هڪ ڊگهي عرصي کان ميڊيا تي ان حوالي سان مهم پڻ هلائي رهيا آهن پر انهن سمورن حربن جي باوجود به تر جيتري تبديلي يا بهتري نظر نٿي اچي. جنهن مان اهو اميد ڪري سگهجي ته ماحوليات جي عالمي ادارن جي جاڳرتا مهم ۽ نالي ماتر قانون هئڻ جي باوجود به فطرت کي لاحق خطرن بابت خدشا دور ڪرڻ بجاءِ اهي خطرا اڃان به وڌن پيا. يعني هي ڪائنات خطرن جي مڪمل گهيري ۾ جڪڙيل آهي. پنهنجي ڌرتيءَ کي فطري نقصانن جي ان سوڙهي گهيري مان ڪڍڻ لاءِ هن ڪائنات جي هر فرد کي پنهنجي حصي جو ڪم ڪرڻو پوندو.

دنيا جا باشعور ماڻهو فطرت جي تحفظ لاءِ سنجيدگي وارو ڪردار ادا ڪن ته هن ڪائنات به جنت تي سگهجي ٿي. جيڪڏهن دنيا جي وس وارا ماڻهو چاهين ته هن ڌرتيءَ جي سيني تان وڻن جي غيرقانوني وڍ روڪي نوان وڻ پوکي ٻيلا بچائي سگهجن ٿا، ملن ۽ ڪارخانن جي ضايع ٿيندڙ ڪيميڪل واري زهريلي پاڻي کي جديد مشينري سان فلٽر ڪري زرعي استعمال لائق بڻائي سگهجي ٿو. دز ۽ گهٽو دونهون خارج ڪندڙ ڪارخانا ۽ گاڏين تي سخت پابندي جا قانون لاڳو ڪري ماحوليات کي آلودگي کان بچائي سگهجي ٿو. پاڻي جي قدرتي لنگهن تي قبضا ڪندڙ بااثرن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري پاڻي جا فطري گس بحال ڪري ٻوڏ کان بچاءُ ڪري سگهجي ٿو. ڪائنات کي حُسن بخشيندڙ خوبصورت پکين ۽ ناياب جانورن جي قتل عام تي سخت سزائون مقرر ڪري فطرت جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي ٿو. فطرت جو تحفظ ئي اصل ۾ هن ڌرتيءَ ۽ انسان جو پنهنجو تحفظ آهي.

# ٿر جا مسئلا، ڪارو ڏڪار ۽ لاٻارو ڪندڙ ٿري لاهيارن جا درد.....

دنيا ۾ تپش پد وڌڻ ڪري ڪُل ڪائنات ۾ مُندن جو وڏو ڦيرو آيو آهي. جنهنڪري موسم جو توازن بگڙجي ويو آهي. موسم جي عالمي سطح جي تبديلي (گلوبل وارمنگ) جا اثر اسان جي خطي تہ بہ پڌرا ٿيا آهن. جنهنڪري وقتائتا واه نٿا گُهلن نہ ئي موسمي مينهن اوڙڪون ڏيئي وسن ٿا. ڪڏهن گهٽ تہ ڪڏهن وڌ بارشون وسڻ ڪري اسان جو ريگستان جون حالتون مسلسل خراب ٿي رهيون آهن. جڏهن تہ اسان جي پاسي واري ڀارتي ريگستاني علائقي ۾ ڪينال نهڻ سان اُتي وڏي خوشحالي آئي آهي. ان سان گڏ دنيا جي ٻين ڪيترن ئي ريگستانن جون حالتون اسان کان ڪافي حد تائين بهتر آهن. پر اسان جي ٿر ۾ دنيا جو ڇهون نمبر ڪوئلي جو وڏو زخيرو هئڻ جي باوجود ايٿوپيا جو ڏيک ڏي ٿو.

مارئي جي ملڪ ملير تي گذريل وڏي عرصي کان بادل هر ٽي کان چار سال جي رُسامي ڪانپوءِ برسڻ ڪري هتي گهٽو ٽٽو ڏڪار جي صورتحال برقرار رهي ٿي. ٻگهن ڏڪارن هن ديس کي پڙپانگ بڻائي ڇڏيو آهي. جنهنڪري ٿر ۾ ڪارو ڏڪار هڪ اڌ وسڪاري ڪانپوءِ ڪر ڪنيو بيٺو آهي. هيستائين سوين معصوم ٻار غذائي کوٽ ۽ بيمارين جو وقت سر سهي علاج نہ ٿيڻ سبب موت جو شڪار ٿي چُڪا آهن. وسڪاري ۾ جنت الفردوس جو ڏيک ڏيندڙ ٿر ڏڪار وقت ويراني جا منظر پيش ڪري ٿو. ٿر جا ڪجهہ مکيہ مسئلا آهن جن تي اعليٰ اختيار وس وارا سنجيدگي سان سوچي غور ۽ ويچار ڪن تہ ڪجهہ قدر ٿرواسين جي دردن جو درمان ٿي سگهي ٿو.





**(1). پاڻي جو مسئلو**

گهڻي عرصي کان مُندائتا مينهن نہ وسڻ ڪري ٿر ۾ جر جو پاڻي ڪيترن ئي علائقن ۾ تمام گهري سطح تائين هيٺ هليو ويو آهي جتي هاڻ جان جوکي ۾ وجهي کوهن جي کوٽائي ڪرڻ ٿرواسين جي وس جي ڳالهہ نہ آهي ۽ جڏهن تہ ڪيترن ئي ڳوٺن جا کوهہ يا تہ کارا ٿي وڃڻ ڪري هاڻ پيئڻ جي لائق ئي نہ رهيا آهن يا تہ سُڪي ويا آهن. وڏن ڪشالن سان ٿرواسي جيڪو پاڻي پيئڻ لاءِ حاصل ڪري استعمال ڪن ٿا سو ڪنهن بہ صورت ۾ پيئڻ جي قابل نہ آهي. کوهن جي پاڻي ۾ سنکيو، گندرف ۽ نمڪيات جو مقدار وڌڻ ڪري ٿر جي اڪثر عوام هيپاٽائٽس بي ۽ سي، پيٽ، چمڙي، گڙدن سميت ٻين ڪيترين ئي موذي مرضن ۾ مبتلا آهي. تنهڪري ٿر ۾ وسڪاري جي ٻہ يا ٽي مهينن کانسواءِ هر وقت پيئڻ جي پاڻي جو وڏو مسئلو هوندو آهي.

**(2)خوراڪ جي کوٽ جو مسئلو**

ٿرواسين جي پيٽ گذر جو اهم ذريعو برساتي فصل ٻاجهر، جوئر، مورٺ، گوار، تر ۽ مڱ سميت چوپائي جو چارو پڻ هيل اڳ جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ ٿي سگهيو آهي. جنهنڪري لکين ٿرواسي اناج جي سخت اڻاٺ جو شڪار هئڻ سان گڏ جانور ۽ پکي پڻ وڏي عذاب جي ور چڙهيل هوندا آهن. جنهن سبب ٿر جا هزارين خاندان پيٽ گذر خاطر سنڌ جي ٻئراجي ضلعن بدين، حيدرآباد، نواب شاهہ، ٽنڊو ميرپورخاص سميت سڄي سنڌ جي مختلف علائقن ڏانهن مزدوري تي وڃڻ ڪري سندن گهرن کي ڏينگهر آيل هوندا آهن. لڏپلاڻ سبب انهن جي معصوم ٻارن جي تعليم داءَ تي لڳل آهي.

**(3) صحت جي سهولتن جو ناڪاره نظام**

اهيو الڳ ڳالهہ آهي تہ ملڪ جا ڪيترائي نالي وارا ڊاڪٽر ٿر سان تعلق رکن ٿا پر سندن صلاحيتون ۽ خدمتون ٿر جي مسڪين ماروئڙن جي نصيب ۾ نہ آهن. ٿر جون سرڪاري اسپتالون پڻ عوام لاءِ شفاگهرن بجاءِ عذاب گاه بڻيل آهن. ميڊيا جي رپورٽن موجب ٿر جا سوين ٻار گهربل علاج

نہ ٿيڻ ڪري فوت ٿي چڪا آهن ۽ جڏهن تہ ڪيترائي ٻار مسيحاهن جا مُنتظر ٿي آخري پساه کڻي رهيا آهن. جنهنڪري ٿر ۾ ٻارن جي موت جي شرح ڏينهون ڏينهن وڌي پئي. ٻهراڙي جي ڳوٺن ۾ تہ سواري ۽ علاج جو بندوبست نہ هئڻ ڪري حمل واريون عورتون, نانگ بلائن جا ڪکيل مريض ۽ معصوم ٻار اسپتالن تي پهچڻ کان اڳ موت جو شڪار ٿيو وڃن. وچٽري موسم ۾ ٿر جي صورتحال ڪنهن حد تائين ڪنٽرول ۾ هوندي آهي، پر جڏهن شديد گرميون ٿين ٿيون, لڪون ۽ جهولا لڳن ٿا تہ مسلسل ڪيترن ئي سالن کان گهربل بارش نہ وسڻ جا فطري شديد ناڪاري اثر بيمارين جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن. جنهن سبب وڌيڪ خطرناڪ ۽ پيچيده بيمارين جي پيدا ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي. خاص طور معصوم ٻارن ۾ الٽي، جلاب, بخار, رت جي کوٽ ۽ جسم ۾ گهربل نمڪيات جي کوٽ جي ڪري ٻارڙا موسم جي ناڪاري اثرن جو نشانو بڻجي سگهڻ جو خدشو آهي. ڪارو سون (ڪوئلو) لوڻ, چائنا ڪلي, گرينائٽ ۽ شاندار فطري حسن رکندڙ ڌرتي جا ڌٽيءَ بُک, بدحالي, بيروزگاري سبب دربدري جا درد ڀوڳي رهيا آهن. ذميوار اعليٰ اختياريون ٿر ۾ آيل ڪاري ڏڪار بابت پنهنجي ذميواري محسوس ڪرڻ بجاءِ گوٿناٿ ڪنديون رهيون آهن. ٿر جي ڪاري ڏڪار ۾ ايمرجنسي بنيادن تي ميڊيڪل جون سهولتون ڏنيون وڃن ۽ خوراڪ جي قلت کي ختم ڪري مفت ۾ ڪٽڪ جي فراهمي کي شفاف ۽ يقيني بڻايو وڃي. معصوم ٻارن لاءِ اسپيشلٽ ماهر ڊاڪٽر, خشڪ کير, ڏارو بسڪيٽن سميت خوراڪ جون ٻيون شيون ڏنيون وڃن. زندگي بچائڻ واريون سموريون دوائون ۽ ٻارن توڙي عورتن جي ماهر ڊاڪٽرن کي مقرر ڪري کين ڊيوٽي جو پابند بڻائڻ گهرجي. صاف پاڻي لاءِ هر ڳوٺ ۾ آر او پلانٽ لڳايا وڃن, جتي ممڪن ٿي سگهي تہ درياهہ جو مٺو پاڻي پهچائڻ لاءِ پائپ لائين لڳائي وڃي. ٿر ۾ آيل ڪاري ڏڪار واري خطرناڪ صورتحال تي سنجيدگي سان سوچڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ٿر جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاء اڳواٽ رٿابندي نہ ڪئي وئي تہ ڪجهہ عرصي کانپوءِ ٿر جي صورتحال اڃان بہ وڌيڪ





خراب ٿيڻ جو امڪان آهي.

ٻي طرف ۾ ڪاري ڏڪار سبب ٿر جون حالتون سازگار نہ هئڻ ڪري ٿرواسي جي زندگي عذاب ۽ پيڙاهن ۾ گذري رهي آهي. ٿر ۾ بيماريون, بک, بيروزگاري ۽ بدحالي ماروئڙن جي منهن تان مرڪون کسي ورتيون آهن. هڪ طرف هو پنهنجي گذر جو ذريعو چوپايي مال کي بچائڻ لاءِ پريشان آهن. ٿر ۾ ڏڪار ڪارڻ چوپائي جي چاري جي سخت کوٽ ۽ چوپائي مال ۾ بيمارين سبب ٿري ڀاڳين کي ڳڻتيون ڳاريندڙيون رهن ٿيون. ڏڪاريل ڏيهہ جا متاثرين مارو‍ئڙا دنيا جي ترقي جي ڊوڙ ۾ شامل ٿيڻ بجاءِ فقط پنهنجي ۽ پنهنجي معصوم ٻچڙن جي پيٽ جي باهہ اُجهائڻ خاطر سنڌ جي ٻئراجي پٽن تي ڪٽڪ جي لاباري تي لاهيارا بڻجي کُلي آسمان هيٺ دربدري جا عذاب ڀوڳيندا رهيا آهن. اهو الڳ ڳالهہ آهي تہ ڏڪار سبب بيگانہ بڻيل مارو ماڻهو پنهنجي سيم جا زميندار بہ آهن.

پر برابر "وسي تہ ٿر, نہ تہ بر" عارضي طور ئي سهي پر پنهنجا ويڙها ڇڏڻ جو درد جيءَ کي جهوري وجهندو آهي. بک تہ واقعي بُڇڙو ٿول آهي. جنهنڪري ٿر جي ڏڪار متاثر مارو‍ئڙن کي پنهنجا معصوم ٻچڙا اٽڪجاتل منزل تي وٺي مزدوري لاءِ رولاڪين, دربدرين, مصيبتن ۽ سورن جا سفر طئي ڪرڻا پون ٿا. سماجي اڻبرابري ۽ هٺ نوڪي معاشرتي وڏائپ جا تلخُ رويا وک وک تي کين سوين صعوبتون آڇين ٿا .ڇوتہ لاڙ لاباري تي آيلن ۾ اڪثريت سنڌ جي اصلوڪن دراوڙن جي آهي. جن ڌرتيءَ ڌڻين کي آرين جي آمد کان ئي خانہ بدوش ۽ ڀٽڪندڙ نسل جي جبري شناخت ڏني وئي آهي. جيڪا شناخت پنج سئو صديون مڪمل ٿيڻ تي بہ ختم نہ ٿي سگهي آهي. هُنن جي فيس بڪ تي هلندڙان بحث سان ڪا دلچسپي ڪونهي تہ "آدمشاري جي خاني ۾ شيڊول ڪاسٽ لکائجي يا هنڌو؟" ٻڌڻ ۾ اچي پيو تہ دنيا ڏيپلي ۽ ڇاڇري جيڏو گلوبل ڳوٺ بڻجي وئي آهي, ماڻهو مريخ تي اڳواٽ پلاٽن جي بڪنگ ڀيا ڪرائن. "پر هو چون ٿا تہ سائنسي ترقي مان اسان کي ڀيو ڪجهہ بہ نٿو گهرجي فقط جي ٿي سگهي تہ "بک" جو بندوبست ڪيو وڃي! هو تہ فقط اٽي لاءِ سوچين ٿا. هر وقت "ماني"

سندن وڏو مسئلو بڻيل آهي. اهو جائز مسئلو اڄ ڏينهن تائين حل نه ٿي سگهيو آهي. انهن ڌرتيءَ ڌڻين کي ٿر ۾ نالي ماتر هلندڙ امدادي ڪاروائين مان به فقط “غريب” هجڻ جي اتفاقي ۽ ڪبيري گناهه ڪارڻ نظرانداز ڪيو وڃي ٿو. ٿرپارڪر ۾ معصوم ٻارن ۽ مورن تي موت جي موسم سماپت ئي نٿي ٿئي. ڪٽڪ جي سيزن ۾ ڏڪاريل ڏيهه جا هزارين ٿري خاندان لاباري خاطر سنڌ جي بئراجي علائقن جي ڳوٺن ۾ پوٺن تي کُلي آسمان هيٺ ديوين جي ڍينگهرن جا عارضي اجها ٺاهي بي يارو مددگار بڻيل هوندا آهن. پنهنجي ککن کان ڏور هجڻ ڪري ڪٽڪ جي وڍائي تي آيل لکين ٿرواسي لاهيارا پيٽ جي پاپرن سبب پنهنجي مستقبل جي معمارن کي تعليم به نٽا ڏيئي سگهن. اتي، لٽي ۽ اجهي کانسواءِ فقط نيري آسمان جي ڇپر ۽ ڇانءَ هيٺ گرم هوائن ۾ سڙندڙ ٿر جي معصوم وجودن کي خبر نه آهي ته ڪيس کهڙي نمبر جو شهري تسليم ڪيو وڃي ٿو؟ بک ۽ بيمارين سبب ٿر ۾ ٻارن تي موت جو راڪاس روز رقص ڪري ٿو. ٿر جي پٽن تي سوڳواري وار ڪولي ويڙهل هوندي آهي. قبرستانن ۾ مسلسل پٽڪڙين قبرن جو انگ وڌندو وڃي. پنهنجي ئي ملڪ جي ڏڪاريل خطي جا مسڪين ماروئڙا پنهنجن ٻچڙن کي بک ۽ بيماري کان بچائڻ لاءِ رات ڏينهن اڙانگن پندن جون سفري صعوبتون برداش ڪري بئراجي علائقن ۾ لاباري جي مند ۾ لڏا لاهن ٿا. هڪ طرف سرڪار جو به فرض ٿئي ٿو ته پنهنجي ديس جي ڏڪار متاثر ماروئڙن جي دردن جو درمان ڪري جيڪو سرڪار جي ذميواري سان گڏ فرض به آهي. ۽ ٻي طرف بئراجي علائقن جي سڪين ستابن ماڻهن کي به پنهنجي صديون پراڻي مهمان نوازي واري عظيم ثقافت، تهذيب ۽ روايت کي برقرار رکندي ٿري لاهيارن جو خاص خيال رکڻ گهرجي.





## اڌ ٻٽئي تحريڪ، مائي بختاور ۽ هاري تحريڪ ماضي، حال ۽ مستقبل

جڏهن دنيا ۾ اڃان ڪٿي بادشاهتون قائم هيون ته ڪٿي عوامي انقلابن جي بغاوت جا نعرا آهستي آهستي بلند ٿي رهيا هئا. فرينچ انقلاب به بيٺل پاڻي ۾ پٿر هو. جنهن جون لهرون بعد ۾ دنيا جي ٻين انقلابن ۽ باغين لاءِ اتساهه جو سبب بڻيون. پر ان وقت انساني برابري جي ڳالهه ۽ جمهوريت جون خبرون خواب خيال ۾ به ڪونه هيون. طاقتور بادشاهي سلطنتن کي للڪارڻ جو ڪو بندو سوچي ئي ڪونه سگهندو هو. پر جيڪڏهن ڪنهن غلام جي ذهن ۾ ان مظلوم دشمن نظام خلاف بغاوت جو ٿلهو خيال به پيدا ٿيندو هو ته هو ان کي للڪارڻ جي ذري به جُرت نه ڪري سگهندو هو. “دنيا جا پورهيتو هڪ ٿي وڃو” جهڙو شاهڪار نعرو ۽ ڇٽن کي پٽن سان هڻڻ جو عالمي انقلابي سائنسي نظريي “داس ڪيپيٽل” جو سرجڻهار جڳ مشهور جرمن ڏاهو ڪارل مارڪس اڃان ڄائو به ڪونه هو. تڏهن سنڌ جي صوفي بزرگ شهيد شاهه عنايت شهيد “جيڪو ڪيڙي سو کائي” جو عظيم نعرو هڻي سر اڏي تي رکيو هو. ان جدوجهد ۾ سنڌ جا هزارين هاري شهيد ٿيا هئا. شهيد مائي بختاور به شهيد شاهه عنايت جي ڌرتيءَ جو خمير هئڻ ڪري بغاوت جو علم بلند ڪندي ان ئي جدوجهد جو تسلسل هئي.

ڪڇي ڪاڇوٽي ناگن ٻڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موٽي،
انهين سندي چوٽي پورپ ٿيندي پڌري.

سنڌ ۾ شهيد شاهه عنايت شهيد جي مسڪين پورهيت هارين جي حقن لاءِ هلايل ان وڏي هاري هلچل بعد هڪ وڏي وٿي ڪانپوءِ ٻيهر سنڌ هاري ڪميٽي جي پليٽ فارم تان باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي هاري هلچل هلائي. ڪامريڊ حيدربخش جتوئي ايوان اقتدار کان ٻاهر هوندي به ان جدوجهد ۾ هارين جي حقن جا مطالبا ميڃرايا هئا. ان ڪامياب ۽ عظيم جدوجهد جي نتيجي ۾ سنڌ اندر ٽيننسي ايڪٽ 1950ع "هارپ جو قانون" پاس ڪرايو ويو. يعني هارين جي حقن لاءِ مڪمل قانون سازي ڪرائي وئي. هاري تحريڪ جي جدوجهد جي عروج واري زماني ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي جلسن ۾ هاري ۽ پورهيت طبقو وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿي ٻڌي ۽ اتحاد جو ثبوت ڏيئي جاگيردار سامراج جي ٻاري ٻُرجن کي لوڏي وجهندو هو.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ واري زماني ۾ هارين جا سمنڊ جيئن ڇوليون هڻندڙ جلسا برطانيا سرڪار جي اک ۾ نه رڳو ٻاٻرو ڪنڊو بڻيل هئا پر سنڌ جي هارين جو شاندار اتحاد به سندن بي چيني جو وڏو سبب بڻيل هو. پنجاب پاران انگريز سرڪار لاءِ خاص نرم گوشو هئڻ ڪري اُتي گورن جي راڄ خلاف جدوجهد ماٺي هئي. جنهن ڪري پنجاب به خاص طور انگريزن جو منظور نظر هو. انگريز فرنگين پاران پنجاب کي نوازڻ خاطر سنڌ جون هزارين ايڪڙ سون جهڙيون زمينون سنڌ جي مقامي باشندن کي ڏيڻ بجاءِ غيرقانوني طور پنجاب جي ماڻهن کي ڏيئي سنڌ جي ماڻهن جي تاريخي حق تلفي ڪئي وئي. پراڻي ٿرپارڪر ۽ هاڻوڪي عمرڪوٽ ضلعي جي پوڇڙ واري ننڍڙي ڳوناڻي شهر ٽالهي ۾ به پنجاب جي قاديانين کي نفيس نگر اسٽيٽ مفت ۾ ڏني وئي.

حالت اها آهي جو جاويد ميانداد شارجا ۾ ڇڪو هنيو ته کيس انعام ۾ ٻني بدين ۾ ڏني وئي، ورهاڱي بعد ڪيترن ئي رٽائرڊ فوجي آفيسرن ۽ رانديگرن کي سڄي سنڌ سميت خاص طور پُراڻو ٿرپارڪر ضلعو سانگهڙ ضلعو ۽ بدين ضلعي ۾ زمينون ڏنيون ويون هيون. انهن علائقن ۾ پنجاب مان آندل ماڻهن پنهنجو ڏاڪو ڄمائڻ خاطر سنڌ جي مقامي ماڻهن تي





پنهنجي ڏاڍ مڙسي ذريعي ظلمن جا پهاڙ ڪيرائي ڇڏيا هئا. مقامي ماڻهن سان سندن ناانصافين، جبر ۽ ظلم وڌندو ويو. سنڌ جي عظيم شهيد هارياڻي مائي بختاور لاشاري به انهن ظالم زميندارن جي بندوق جو کاڄ بڻجي وئي. انگريز سامراج پاران هي ڌرتيءَ خالي ڪرڻ کان اڳ سنڌ دشمني جي سوچ تحت پنجاب جي ظالم زميندارن حوالي ڪيل زمين تي ڌرتيءَ ڌياڻي مائي بختاور به هارياڻي هئي.

"جيڪو کيڙي سو کائي" جو نعرو ته هن سرشتي جو قانون نه بڻجي سگهيو آهي. پر ان نعري هڪڙي بغاوت کي جنم ڏنو جنهن جو تسلسل سنڌ ٽوڙي دنيا جون هاري جدوجهدون آهن. زرعي سماج قائم ٿيڻ بعد دنيا جي ڏاڍن ماڻهن پاران زمينن تي قبضا ڪري جاگيرون جوڙيون ويون ۽ هيٺين ماڻهن کي اُپت مان اڌ جي ڏٽي جي حيثيت سان پورهيو ڪرائي اڌ ڏيڻ بجاءِ سڄو اناج ۽ فصل ڇُڪتو جاگيردار کڻندو رهيو آهي. وقت به وقت ان ظلم ۽ انياءُ خلاف هاري تحريڪون جدوجهد ڪنديون رهيون آهن. شهيد هارياڻي مائي بختاور لاشاري جي شهادت جو سبب پڻ "اڌ ٻٽئي" جي جدوجهد ۽ بغاوت بڻي. شهيد هارياڻي مائي بختاور لاشاري به وڏي محنت ۽ جفاڪشي سان پنهنجي گهرياتين سان گڏجي ڪڻڪ پوکي هئي، جڏهن لابارو ڪري ڏن جو ڳاهه ڳاهڻ بعد اڌو اڌ جي ورهاست جو وقت آيو ته زميندار اکيون ڦيري اڌ ٻٽئي ڪرڻ بدران ڪڻڪ جي سموري کوڙي زبردستي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تان مائي بختاور جي من اندر ۾ به بغاوت ڪر ڪنيو. 22 جون 1947ع تي ٽاڪ منجهند جي ٽاڻي هارياڻي مائي بختاور لاشاري به پنهنجي ڪڻڪ جي کوڙي تي ڏانگ کڻي ڇُني چيلهه سان ٻڌي اناج جي ڍڳ تي ويهي رهي ۽ چيائين ته "اُپت جو پورو اڌ ڪريو ته ٺيڪ آهي نه ته جيستائين اسان جا مرد هاري حقدارن جي جهڏي واري جلسي مان واپس نٿا اچن تيستائين ڪڻڪ جي کوڙي کي ڪو هٿ به نه لاهيندو" ظالم زميندار پاران زبردستي ان کڻڻ تان روڪڻ ۽ مزاحمت ڪرڻ تي زميندار ڏمرجي مائي بختاور تي بندوق جا سڌا فائر ڪري ڪڻڪ جي ڪري تي شهيد ڪري ڇڏيو. سندس جسم مان ٽينڊيون ڪري

وهيل رت سان ڪٽڪ جي ڪوڙي ڳاڙهي ٿي وئي. جيئن شڪاگو جي شهيدن جي رت سان سندن قميصون ڳاڙهيون لال ٿي ويون هيون جيڪي اڄ ڏينهن تائين پورهيتن جو عالمي جهنڊو بڻيل آهن. هڪ اتفاق ٿيو جو شهيد بختاور جي تر ۾ هڪ اين جي او جي لاهوري ملازمن ٻج لاءِ هارين ۾ ڪٽڪ ورهائي پئي ان ڪٽڪ جي ڳاڙهو رنگ ڏنل هو ، مون ڳاڙهي ڪٽڪ ڏسي هڪ ساعت لاءِ ائين محسوس ڪيو تہ هي شهيد ادي بختاور جي رتاٽي ڪٽڪ اڃان رکيو ويٺا هئا, جيڪا هاڻ شهيد هارياڻي جي ديس ۾ ورهائي اسان کي ڪهڙو پيغام ڏيڻ ٿا چاهين؟ مائي بختاور لاشاري سنڌ جي پهرين شهيد هارياڻي هئي جنهن هارين جي حصي "اڌ بٽئي" لاءِ وڙهندي شهادت جو جام پيتو. پنجاب سامراج سان لاڳاپيل ظالم جاگيردارن اڌ بٽئي لاءِ مزاحمت تي مائي بختاور جي پٽ صديق لاشاري کي پڻ شديد زخمي ڪيو هو. مائي بختاور هارين جي حقن لاءِ جاگيرداراڻي سماج جي ڏاڍ, جبر خلاف بغاوت ڪندي عمل جي ميدان تي ويڙهہ وڙهندي پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو. سندس خون جا آخري ڦڙا هن ڌرتيءَ کي لال لهو سان ريج ڏيئي ويا. سنڌ جي حقن لاءِ ٿيندڙ جدوجهدن ۾ شامل هزارين سنڌياڻيون شهيد هارياڻي مائي بختاور لاشاري جي جدوجهد جو تسلسل بڻجي پنهنجي وطن جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي. مائي بختاور جي شهادت واري ڏينهن سندس ڳوٺ ٽالهي کان سڏ پنڌ تي جهڏو ۾ سنڌ هاري ڪميٽي پاران "آل سنڌ هاري ڪانفرنس" ڪوٺائي وئي هئي. جنهن ۾ شهيد هارياڻي مائي بختاور لاشاري جي گهر جا سمورا مرد شرڪت لاءِ ويل هئا. هزارين هارين جي ان شاندار جلسي ۾ باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي, جي ايم سيد, پارسي جمشيد نسروانجي مهتا (ڪراچي جو پهريون ميئر) ڪيرت ٻاٻاڻي (هنڌ سنڌ جو برک اديب), مير علي بخش ٽالپر ۽ قاضي فيض محمد پڻ موجود هئا. ان جلسي ۾ مائي بختاور جي شهادت جي خبر باهہ جيئن ڦهلجي وئي. جنهن بعد هارين ۾ تاءُ پکڙجي ويو. پر ان وقت سنڌ هاري ڪميٽي جي اڳواڻن وڏي ڏيرج ۽ سنجيدگي سان قانوني رستو ورتو. جيڪڏهن ان وقت هزارين هارين کي





سندن اڳواڻ هڪ اشارو بہ ڪن ها تہ شهيد هارياڻي مائي بختاور لاشاري جي قاتل پنجاب جي انهن ظالم زميندار جاگيردارن کي تمام وڏو جاني ۽ مالي نقصان پوڳٽو پوي ها ۽ ٽالهي شهر ۽ ان جي آسپاس ۾ رهندڙ انهن سيٽلر جاگيردارن کي وڏي تاريخي خون جو درياهہ پار ڪرڻو پوي ها. شهيد هارياڻي مائي بختاور لاشاري جي شهادت جي ڄاڻ ملندي ئي جلسي جي مرڪزي قيادت مائي بختاور جي ڳوٺ رواني ٿي وئي. سنڌ هاري ڪميٽي جا مکيہ اڳواڻ جاءِ واردات جي حد سان لاڳاپيل ٿاڻي نبي سررود پهچي ان وقت جي صوبيدار عنايت ابڙو سان ملاقات ڪري شهيد هارياڻي مائي بختاور لاشاري جي قتل جو ڪيس 13 ڄڻن خلاف داخل ڪرايو. ساماري مان شهيد مائي بختاور جو پوسٽ مارٽم ڪرايو ويو. سنڌ هاري ڪميٽي جي مرڪزي اڳواڻن جي صلاح مشلت سان مائي بختاور جو ڪيس ان دور جي نامياري قانوندان وڪيل بينارام وڙهيو. جنهن شهيد هارياڻي مائي بختاور لاشاري جي قاتلن کي سزائون ڏياريون. ان واقعي دوران مير باگي جي پونءَ ۾ بہ ميرحاجي خدابخش ٽالپر جي جاگير تي اڌ بٽئي تان مزاحمت ڪندي هاري محمد پنائي اُنڙ ۽ سندس پٽ محمد ابراهيم اُنڙ شهيد ڪيا ويا هئا. ان ڪيس جي پوئواري بہ سنڌ هاري ڪميٽي جي مرڪزي قيادت ۽ باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي ڪئي هئي. مائي بختاور جي قرباني پنهنجي پگهر جي پورهيي لاءِ ويڙهہ وڙهندڙ دنيا جي سمورن پورهيتن لاءِ هئي. مائي بختاور ظالم جاگيردارن اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ بجاءِ ڪنڌ ڪپائي جدوجهدن ۽ قرباني جي هڪ نئين تاريخ رقم ڪري ڇڏي. سنڌ جي عظيم شهيد هارياڻي مائي بختاور لاشاري جي ڪردار ۽ قرباني کان متاثر ٿي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو پڻ پنهنجي نياڻي جو نالو "بختاور" رکيو. سنڌ جي ڪيترن ئي اديبن پنهنجا ڪتاب پڻ شهيد هارياڻي مائي بختاور لاشاري کي ارپنا ڪيا آهن. پر افسوس ان ڳالهہ جو آهي تہ سنڌ سرڪار ڌرتيءَ جي هن عظيم سورمي کي وساري تاريخ کي وسارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. دنيا جون عظيم قومون پنهنجي وطن جي شهيدن کي وڏي اعزاز سان ياد ڪري ايندڙ نسلن کي

پنهنجن هيرن بابت ڄاڻ ڏينديون آهن. انهن هيرن جي لازوال قربانين جي باعث قومن جا ڪنڌ صدين تائين اُوچا ٿي ويندا آهن. ڇو تہ ڌرتيءَ جي شهيدن سان لاتعلقي جي رويي کي تاريخ ڪڏهن بہ چڱن لفظن ۾ ياد نہ ڪندي آهي. وقت جي عالي جنابن کي ماضي جي تاريخ مان سبق سکڻ گهرجي.

هارياڻي مائي بختاور جي شهادت جي ترت ئي پوءِ سنڌ ٽيننسي ايڪٽ (هارين جو قانون) پاس ٿيو. پُرامن جدوجهد ذريعي سنڌ اسيمبلي مان هارين جو قانون پاس ڪرائڻ پڻ سنڌ جي هارين جي وڏي فتح هئي. ان بعد هاري تحريڪ سنڌ ۾ تمام گهڻي مضبوط ٿي. "اڌ بٽئي تحريڪ" هاري زميندار جي حساب ڪتاب لاءِ هاري تحريڪ جا اڳواڻ هارين سان گڏجي ڪرن تي وڃي بروقت حساب چُڪتو ڪري هاري کي پنهنجو اڌ حصو وٺي ڏيندا هئا. جنهن ۾ چمبڙ وارو مشهور هاري اڳواڻ ڪامريڊ احمد لغاري پڻ هاري عدالتون لڳائي فيصلا ٻڌائيندو هو. انهن فيصلن زميندار طبقي ۾ وڏو تاءُ پکيڙي ڇڏيو هو. جنهن جي نتيجي ۾ هاري اڳواڻن خلاف وڏيون انتقامي ڪارروايون پڻ ٿينديون هيون. ان بعد لاڙ جي مٽي مان جنم وٺندڙ شهيد فاضل راهو سنڌ جي هارين جي حقن لاءِ مسلسل جدوجهدون هلائي سنڌ جي لکين هارين ۽ پورهيتن جو مقبول اڳواڻ بڻجي چڪو هو. شهيد فاضل راهو پاران "سنڌ جون زمينون نيلام بند ڪريو تحريڪ" هلائي سنڌ جي خاص طور لاڙ جي هزارين مسڪين هارين کي ٻنيون ڏياريون. سندس جدوجهد کان خائف سامراجي ڌرين هڪ ڪرائي جي قاتل فضل چانگ هٿان پنهنجي ئي شهر ۾ ڪهاڙين جا وار ڪرائي کيس شهيد ڪرائي ڇڏيو. سنڌ جي ماضي جي تاريخ ۾ هارين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ سنڌ جا مشهور هاري اڳواڻ ڪامريڊ غلامحمد لغاري "نانگو" (سچائي منزل وارو) غلام رسول سهتو، ڦوٽو رستماڻي، رسول بخش ڏيٿو عرف جبل سنڌي، ڪامريڊ مانڌل شر، علي سوڍو، عثمان لغاري، قادر بخش طالباڻي، سيد اڪبر، شيرخان لنڊ، عزيز سلام بخاري، حمزو هاري، اسماعيل سوهو، ڏاڏا قادر راڄڙ، عارب ڪيڙانو پوڙهو پيل، جمعون نوحاڻي، پٽيل انب پيل، فيض محمد پنهور، رامجي ڪولهي، لکمڻ ڪولهي، ڪامريڊ دودو پيل، ڏامرو مل، غلام مصطفيٰ لغاري، ڪامريڊ نور محمد ڪوسو، اوپايو جوٽيجو، سميت ٻيا لاتعداد نالا آهن جيڪي سڄي حياتي مظلومن جو ساٿ ڏيئي انهن جي حقن لاءِ جدوجهدن جي ميدان تي ثابت قدمي سان ڄمي بيٺا رهيا. سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر اياز ڪوسي جو خيال آهي تہ "جيڪڏهن فقط هاري جي ڪمائي هاري کي ايمانداري سان ڏني وڃي تہ سنڌ جا هاري خوشحال ٿي وڃن. پر هتي تہ ٽيننسي ايڪٽ جي خلاف ورزي ڪندي زميندار ان قانون تي عمل ڪرڻ بجاءِ پنهنجا هٿ جا قانون ٺاهيو ويٺا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ فصل تي ٿيندڙ گهڻو خرچ اڌ پڙهيل هارين جي کاتي ۾ لکي انهن سان وڏي ڪُپت ڪئي وڃي ٿي. جنهنڪري هاري طبقو نسل در نسل قرضن جي ڪوڙهہ ۾ ڦاٿل رهڻ ڪري غلامن واري زندگي گهاري رهيو آهي. تقاوي جو نظام غيرقانوني آهي جنهن تحت هڪ زميندار کان ٻي زميندار تائين اڻسڌي طرح هارين جي خريد فروخت ٿئي ٿي. ان رواج تي پڻ قانوني پابندي هجڻ گهرجي. مسڪين هاري ظلمن کان تنگ ٿي هاري ڪورٽن جا در کڙڪائن ٿا. هاري ڪيمپن ۾ بہ گهڻو ٽڙو زميندارن جو ستايل طبقو آهي. پر هاڻ ڪجهہ ڏندوڙي ڪامريڊن هارين کي "آزادي" جي نالي تي ورغلائي اڀوجهہ پورهيتن کي ڪيمپن جي جيل ۾ قيد ڪرايو آهي. جتي سندن مستقبل تباهہ ٿي ويو آهي. هاري زميندار ۾ تضاد پيدا ڪري سنڌ جي زراعت کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. سنڌ جي هاري کي خوشحال بڻائڻو آهي تہ فوري طور ٽيننسي ايڪٽ تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي"

# ناقص حڪمت عمليءَ سنڌ کي تباهه ڪندڙ قاتل منصوبا.

سنڌ دشمن سامراجي قوتن پاران سنڌ کي سڪائي پڙپانگ ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي عرصي کان سازشون سٽيون پيون وڃن. انهن سازشن جي پهرين ڪڙي ڪالاباغ ڊيم آهي. سنڌي قوم جي گذرءِ جياپي جي وڏي وسيلي سنڌو درياهه کي بند ڏيڻ لاءِ مٿس ڪيترائي ڊيم ۽ ڪينال جُڙي چڪا آهن ۽ اجان به سامراج سنڌو کي سُڪائڻ لاءِ سندرا ٻڌيو ويٺو آهي. هر وقت پنجاب پاران ٽن صوبائي اسيمبلين جي اڪثريت راءِ سان رد ڪيل ڪالاباغ ڊيم جي ڊپ ڪري ويل مثل گهوڙي ۾ ساهه وجهڻ جي غيرجمهوري ڪوشش ڪئي ويندي رهي آهي. سدائين ڪالاباغ ڊيم جو ٻي سُرو راڳ سنڌي عوام جي ڪنن ۾ شيهي جيئن پلٽائڻ لاءِ پنجاب سرگرم عمل رهيو آهي. پاڻي ڪاتي جي اعليٰ اختيارن پاران اضافي پاڻي جي صورت ۾ سنڌ کي ٻوڙيو ويندو آهي ۽ پاڻي گهٽ هجڻ جي صورت ۾ سنڌ جي حصي جو پاڻي به بند ڪري سنڌو درياهه کي مڪمل طرح سڪايو ويندو آهي. 2010ع ۽ 2011ع ۾ به اهڙو عمل ورجايو ويو هو. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ مها ٻوڏن کي ورڪيو. مسلسل به سال ٻوڏن سبب سنڌ جي زراعت کي ڪاپاري ڌڪ لڳڻ ڪري سنڌي ماڻهو وڏي عرصي تائين بک، بيروزگاري ۽ بدحالي جي خطرناڪ صورتحال کي ورڳيندا رهيا. ڪجهه علائقا ته اجان به ٻوڏ جي نقصانن جو ڌڪ پچائي نه سگهيا آهن. انهن علائقن جا مسڪين ماڻهو زرعي وسيلا تباهه ٿيڻ ڪري ڪانيون وڍي پيٽ پالين ٿا. انهن علائقن ۾ ڪانين جي اڳارن ۽ سرن جا ڪورا خوشحالي نه پر بدحالي جي علامت آهن.

ٻوڏون، سوڪڙا توڙي ٻيون قدرتي آفتون دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به اچن ٿيون پر اُتي بهتر انتظامي حڪمت عملي توڙي وقتائتي ۽ ڪارگر منصوبابندي سان درپيش مسئلن کي جنگي بنيادن تي حل ڪري ماڻهن جي مشڪلاتن کي دور ڪيو ويندو آهي. جنهنڪري اُتي قدرتي آفتون



تَتل سچ هيٺان

تباهين جو سبب نٿيون بڻجن. پر اسان جي ملڪ ۾ ماحولياتي تباهڪاري ۽ قدرتي آفتن سان آساني سان نبري پار پوڻ لاءِ اڳوات اُپاءَ نه وٺڻ ڪري وڏا نقصان ٿين ٿا. جيڪي اڳتي هلي ڪنهن وڏي سانحي کي جنم ڏين ٿا. ٻي پاسي جڏهن سنڌ ۾ ٻوڏن توڙي برساتن دوران اضافي پاڻي کي سمنڊ تائين پهچائڻ لاءِ ليفٽ بينڪ آف فال ڊرين (LBOD) جو منصوبو شروع ڪيو ويو هو ته ان وقت پليجي صاحب سميت سنڌ جي ٻين گهڻن گهرن، ساجاهه وندن ۽ باشعور ماڻهن ان منصوبي خلاف واڪا ڪيا هئا ته "ايل بي او ڊي جو منصوبو سنڌ لاءِ قاتل زهر آهي، هن منصوبي سبب مستقبل ۾ سنڌ وڏي تباهي جي صورتحال کي ورڳيندي، تنهنڪري اهڙو سون ئي گهوريو جيڪو ڪن چني" سو ويچارا اُٿ ته تڏهن به پئي رڙيا جڏهن ٻورا پئي سباڻا. پر افسوس جو ان وقت ان ڳالهه کي اهميت نه ڏني وئي نه ئي سنڌ جي عوام جي راءِ کي ڪا اهميت ڏني وئي. پر اڄ هن قاتل منصوبي پنهنجا خطرناڪ ۽ تباهي آڻيندڙ اثر ڏيکارڻ شروع ڪيا آهن. غلط پلاننگ سان ٺهيل هي سم نالو برساتن ۽ ٻوڏ جو اضافي پاڻي سمنڊ ۾ نيڪال ڪرڻ بجاءِ سمنڊ جي کاري پاڻي کي ابتو وهائي سنڌ کي ٻوڙيندو رهيو آهي. ڪيترائي دفعا سمنڊ جي چاڙهه سان سمنڊ جو پاڻي اُبتو وهي شادي لارج تائين به اچي پهچندو آهي.

2011ع واري مها ٻوڏ ۾ هي سم نالو اضافي پاڻي سمنڊ ۾ نيڪال ڪرڻ بجاءِ هندان هندان ڦاٽي پيو. جنهن جي نتيجي ۾ ضلعي بدين ۽ ميرپورخاص جا ڪيترائي شهر ۽ ٻهراڙي جا ڳوٺ مڪمل طرح ٻڏي ويا. ايل بي او ڊي سم نالي ۾ شگر ملن ۽ مختلف فيڪٽرين جو زهريلو ۽ ڪيميڪل وارو پاڻي ڇوڙ ٿيڻ ڪري سم نالو هاڻ گٽر نالو بڻجي چڪو آهي. هن سم نالي جو زهريلو پاڻي سنڌ جي ڇچ ضلعن ۾ ماحولياتي آلودگي پکيڙيندو وڃي سمنڊ ۾ آبي جيوت کي تباهه ڪندو آهي. هن وقت سڄي دنيا ۾ ڪارخانن، ملن ۽ فيڪٽرين جو دونهون ۽ خارج ٿيل زهريلو پاڻي، وڻن جو واڍي، پاڻ، زرعي زهريلا ڦوهارا وغيره سبب پيدا ٿيندڙ "ماحولياتي گدلاڻ" دنيا جو وڏي ۾ وڏو مسئلو ٿي اڀريو آهي. گرمي پد وڌڻ جا ڪارڻ به ساڳيان آهن. جنهنڪري عالمي سطح تي موسمياتي تبديلي (گلوبل وارمنگ) سبب وڏو ڦيرو آيو

آهي. موسم جي ان عالمي ڦيرگير جا اثر اسان جي خطي به ڀوڳيا آهن. دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ فطرت سان هٿ چراند کي ڏوهه تصور ڪندي سخت سزائون مقرر ٿيل آهن. پر اسان جي ڏيهه ۾ انهن کي ڇوٽ مليل آهي. ان فطرت دشمن عمل جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو اڄ اسان مڪمل طور فطرت جي خطرناڪ شديد ناڪاري اثرن جي نشاني تي آهيون. ايل بي او ڊي جي زهريلي پاڻي جو جتان به گذر ٿئي ٿو اتي جي پلوڙ سون ورنين زرعي زمينن کي سيم ۽ ڪلر تباهه ڪري ڇڏيو آهي. پاڻي جي شديد کوٽ جي ڪري آبادگارن پاران فصلن کي اهو زهريلو پاڻي پڻ ڏنو پيو وڃي، جنهن ڪري ايل بي او ڊي سم نالي جي آسپاس جي علائقن جي زراعت تباهه تي چڪي آهي. ڪيترن ئي قسمن جا گاهه ٻوٽا ۽ وڻ مڪمل طرح ختم تي چڪا آهن. زراعت کي ڪاپاري ڌڪ لڳڻ ڪري ايل بي او ڊي جي متاثر علائقن ۾ روزگار جا وسيلا محدود ٿيڻ ڪري معاشي بدحالي، بک ۽ بيروزگاري سبب غربت جا ڀيانڪ منظر پسجن ٿا. اهي آباد علائقا هاڻ ڀڙڀانگ بڻجي ويا آهن. انهن علائقن جا رهواسي چمڙي، دم ۽ اکين سميت ٻين لاتعداد مرضن ۾ ورتجي ويا آهن. زمينون ڪلر ۽ سيم جي ور چڙهڻ ڪري جر جو پاڻي ڪارو تي چڪو آهي. اهڙو پاڻي واپرائڻ سبب ماڻهن جو وڏو تعداد پيٽ جي بيمارين، هيپاٽائٽس بي ۽ سي سميت ٻڪين جي مرضن ۾ مبتلا تي چڪو آهي. ايل بي او ڊي جو زهريلو پاڻي منڊ کان وٺي سمنڊ تائين پهچڻ واري سفر ۾ آبي جيوت کي مڪمل طور ختم ڪندي وڃي سمنڊ ۾ به پنهنجا خطرناڪ اثر ظاهر ڪندو آهي. جتي مڇي جا ناياب قسم، پاڻي جي پکين سميت ٻي آبي جيوت جي نسل ڪشي ٿيڻ ڪري مقامي ملاح بيروگار تي ويا آهن. جيڪي اڳ خوشحالي جي ڏينهن ۾ ٻارنهن هزار روپيا هفتو به ڪمائي وٺندا هئا سي هاڻ اکيون آليون ڪري پنهنجي شاندار ماضي کي ياد ڪن ٿا. جڏهن بدين جي ڪجهه متاثر علائقن کي ڏسڻ جو موقعو مليو جتي روپاماڙي کان پوءِ وارن منظرن کي پسي جيءُ جهري پيو. هر طرف ايل بي او ڊي جي تباهي جا ڏکوئيندڙ منظر هئا. جتي هڪ طرف ايل بي او ڊي جهڙي رهزن سم نالي جي تباهي هئي ته ٻي طرف سنڌو جو مٺو پاڻي ڇوڙ نه ٿيڻ ڪري سمنڊ زمين کي کائي رهيو





آهي. هيستائين ڀوسي ۾ ڀڳڙا ميمڻ سميت سنڌ جي لکين ايڪڙ زرخيز زمين سمنڊ ڳڙڪائي چڪو آهي ۽ اهو سلسلو مسلسل جاري آهي. ٻي طرف ايل بي او ڊي جو زهريلو پاڻي هاڻ ٿر جي ڪوئلي تائين پهچائڻ لاءِ پڻ وڏي پيماني تي ڪم جاري آهي. جهڏو تعلقي جي ڳوٺ سلهور موري وٽان ايل بي او ڊي مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ سم نالو ڪوتايو پيو وڃي. جنهن جو ڪم وڏي تيزي سان هلندڙ آهي. ان پاڻي کي ٿر نبي سر وٽ ٺهندڙ ڊيم ۾ جمع ڪري فلٽر ڪرڻ بعد صاف پاڻي ڪوئلي تائين پهچايو ويندو ۽ گندو پاڻي ٻي سم نالي ذريعي واپس ايل بي او ڊي ۾ ڇوڙ ڪرايو ويندو. ايل بي او ڊي مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ٺهندڙ سم نالي جو گندو پاڻي ان علائقي جي ماحوليات کي فطري نقصان نه ڏيندو؟ ڇا اهيو زهريلو پاڻي ٿر ۽ ٻئراج جي ڪس وارين پلوڙ زمينن کي ڪلر نه ڪندو؟ ڇا اهڙي منصوبي سان اُتي جي مقامي رهواسين جي ڳوناڱي زندگي متاثر نه ٿيندي؟ ٿر جي ڪوئلي لاءِ هر سنڌ دوست ماڻهو جو اکيون تڏيون آهن پر جيڪڏهن ان ڪاري سون جو فائدو اُتي جي مقامي ماڻهن کي ٿيڻ بجاءِ نقصان ٿئي ته پوءِ ضرور اعليٰ اختيار ڌرين کي سوچ ويچار ۽ سنجيدگي سان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهڙن منصوبن جوڙڻ کان اڳ ماحوليات جي عالمي ماهرن کان تحقيقاتي اڀياس ڪري نفي ۽ نقصان کي منظرعام تي آڻڻ گهرجي. هيستائين ڪيترائي اهڙا منصوبا آهن جيڪي فائدو ڏيڻ بجاءِ سنڌ لاءِ آزار بڻجي ويا آهن. ڇا سنڌ جي اعليٰ اختيار ذميوارن کي سنڌ جي ماحوليات کي برباد ڪندڙ تباهيون ۽ مستقبل جو امڪاني تباهيون نظر نٿيون اچن؟ ڇا انهن مسئلن جو ڪو مستقل حل آهي؟ يا ان تيزي سان وڌندڙ تباهي جو هٿ تي هٿ رکي ويهي انتظار ڪجي؟ سنڌ جا باشعور ماڻهو پنهنجي ايندڙ نسلن ۾ مستقبل کي بچائڻ لاءِ سنجيدگي سان سوچي حڪمت عملي جوڙين. جيڪڏهن سنڌي قوم جو پاڻي نه رهيو سنڌ جي زرعي زمين ڪلر تي وئي، ماحوليات تباهه تي وئي، جر زهر بڻجي ويو، آباد زمينون سمنڊ پائي ويو، پکي، ٻوٽا، گاهه، وڻ ختم تي ويا ته سنڌ جي صورتحال ڪهڙي هوندي؟

# امن کي ڏنل باھ ڪير اُجھائيندو......؟

ڏوهن جي تاريخ انساني ارتقا کان شروع ٿئي ٿي. دنيا جا سمورا ڏوھ بنيادي طرح طاقتور ماڻهن جي مفادن جي جنگ جو ڪارڻ آهن. انتقام جو جنون انساني فطرت جو اڻ ٽُٽ حصو آهي. جرم جي سفاڪ تاريخ ۾ پنهنجي مخالف يا دشمن کي ذهني ۽ جسماني اذيت ڏيڻ خاطر لاتعداد انسانيت کان ڪريل ڪُڌا ڪم ڪيا ويا آهن. اهڙا لڳ ڏڪائيندڙ واقعا دنيا جي تاريخ جو سياه باب آهن. انا تہ فنا آهي پر ان انا ۾ جنم وٺندڙ انتقام جي آگ انسانيت لاءِ ڪارو داغ بڻجي ويندي آهي. انساني سماج ۾ دشمني جي نوبت کهڙي بہ هجي پر ماڻهو جي ذهن ۾ دشمني ۽ پلاند جي انتهاپسندي واري شديد نفسياتي ڪيفيت ۾ هڪبي لاءِ دشمني ۽ انتقام جا انسان دشمن خيال اُڀار ڪائين ٿا. اهي خيال مخالف کي نقصان ڏيڻ ڪانسواءِ مانا نٿا ٿين. انساني دماغ ۾ مسلسل اهڙن انتقام پسند جنوني خطرناڪ خيالن جي نتيجي جي پيداوار سماجي ڏوھ آهن. انهن ڏوهن سبب هي خوبصورت ۽ حسين ڪائنات ڀيانڪ بڻجندي وڃي. ڌرتيءَ جي انساني تاريخ ۾ ننڍڙا طاقتور ٽولا ڪمزورن تي ڪاهون ڪري مارڻ، ڦرڻ، اغوا ڪري مالي ۽ جاني نقصان ڏيڻ کان ويندي تاريخ جون وڏيون بادشاهي سلطنتن پاران ٻين غريب رياستن تي حملا ڪري نيست ۽ نابود ڪرڻ جو جنون عروج تي رهيو آهي. ٻي عالمي جنگ ڪانپوءِ مقدس ڌرتي تي سرحدي ليڪا انسانيت لاءِ نفرتن جو وڏو ڪارڻ بڻيل آهن. اغوا، ڦرون، چوريون، ڌاڙا، قبضا، قتل جهڙين وحشي وارداتن هن دنيا جي امن کي تيلي ڏيئي ڇڏي آهي. انهن سماجي براين ۽ ڏوهن خلاف پرامن ماڻهو آواز بہ بلند ڪندا رهيا آهن پر سندن آواز کي وقت جي وس وارن اعليٰ اختيارن نظرانداز ڪيو آهي. جنهن جو نتيجو اهيو نڪتو جو اڄ هر طرف ڏوهارين جو راڄ آهي. "ڏاڍو سو ڳابو" بڻيل سماج ۾ هيڻا هر وقت ڏاڍ، جبر، تذليل،





ستم، انياءَ جو شڪار بڻجي نانصافي، زيادتي ۽ ظلم ڀوڳين ٿا. سنڌ ۾ ڏوهن جي تاريخ تي نظر ڦيرائبي تہ لاتعداد واقعا اسان جي اکين اڳيان اچي ويندا جيڪي من اندر ۾ ماتم برپا ڪري ڇڏيندا آهن. هڪ ڏکي عرصي کان سنڌ جي معصوم نياڻي فضيلا سرڪي، عمران جوکيو ۽ منو ڀيل جي 9 گھر ڀاتين سميت ڪيترائي اغوا ٿيل ماڻهو وڏن تاريخي احتجاجن ڪانپوءِ بہ بازياب نہ ٿي سگهيا آهن. ڇا انهن مغوين کي آسمان کائي ويو يا زمين ڳھي وئي. ڪو پتو نہ آهي؟ سنڌي ۾ هڪ چوڻي آهي تہ "مُئي جو هڪڙو سور ۽ گم ٿيل ماڻهو جا هزارين درد آهن" يعني پنهنجي ڪنهن رت جي رشتيدار جي موت تي هڪڙو هينئون ڪري روئي رڙي نيٺ دنيا جي دستور موجب غم کي دل تان لاهي دنياوي ڪارهنوار جو حصو ٿيڻو پوندو آهي. پر اغوا ٿيل يا وڃائجي ويل پيارن جا اڻ ڪٿ درد آهن جيڪي ساھ جي آخري هڏڪي تائين قيامت بڻجي عذاب ڏين ٿا. فضيلا سرڪي،عمران جوکيو ۽ منو ڀيل جي اغوا ٿيل گھرڀاتين لاءِ بہ انهن جي خاندان وارن جي ساڳي ڏکوئيندڙ صورتحال آهي. بلڪہ سمورا انسان دوست ۽ حساس دلين جا مالڪ ماڻهو ان درد کي پنهجو درد سمجهن ٿا. ان تڪليف ۽ ڪرب کي جيڪڏهن رڳو محسوس ٿو ڪجي تڏهن بہ روح رهڙجي ويندو آهي. مسڪين هاري منو ڀيل پاران دنيا جي تاريخ جو ڊگھو احتجاج ڪرڻ بعد سپريم ڪورٽ ان احتجاج جو نوٽيس وٺندي فوري طور سندس گھرڀاتين کي بازياب ڪرائڻ جو حڪم جاري ڪيو پر اڄ ڏينهن تائين ڪو ڪڙ تيل نہ نڪتو. معصوم نياڻي فضيلا سرڪي ۽ نوجوان عمران جوکيو جون امڙيون پڻ وڏي وقت کان پنهنجن ٻچڙن جي آزادي لاءِ سراپا احتجاج بڻيل آهن. سنڌ اسيمبلي ۾ پڻ اهڙن مسئلن لاءِ آواز بلند ٿيندو رهيو آهي. پر ان مسئلن جي حل لاءِ عملي طرح اڳڀرائي ڇو نٿي ٿئي؟ سنڌ جا باشعور سياسي سماجي ماڻهو. سول سوسائٽي، انساني حقن جا ادارا، برسر اقتدار اعليٰ اختيار ڌريون ۽ عدليہ کي هن اهم ۽ سنگين مسئلي تي سنجيدگي سان غور ۽ ويچار ڪرڻ گھرجي. تہ جيئن ڪنهن مسڪين جي گھر جو اُجڙيل خوشيون بحال ٿي سگھن.

# ڀارتي جارحيت ڪٿي دنگ ڪندي....؟

گذريل اليڪشن ۾ ڀارتي جنتا پارٽي جو ڪامياب ٿيڻ ۽ نريندر مودي جو پرڌان منتري ٿيڻ انڊيا جي جدت پسند سيڪيولر ڌرين لاءِ خطري جي گهنٽي ثابت ٿيو آهي. مودي جي اندر جو بال ٺاڪرو پڌرو ٿي پيو آهي. شوسينا جا انتهاپسند دهشتگرد ۽ قدامت پسند مذهبي انتهاپسند رجعت پرست ڌريون ڀارت جي ادبي لڏي، دانشور، صحافي، اداڪارن جي پويان پئجي ويون آهن. انهن تي حملا ڪري کين ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. نتيجي ۾ جڳ مشهور ليکڪا مائي اروندتي راءِ سميت ڪيترن ئي ايوارڊ يافته ماڻهن ايوارڊ واپس ڪرڻ جي مهم شروع ڪري ڇڏي آهي. اهيو سلسلو مودي سرڪار سميت سڄي ڀارت لاءِ دنيا ۾ بدنامي جو سبب بنجي ويو آهي. هڪ طرف بلقيس ايڌهي ٻنهي ملڪن ۾ پيار، محبت، ملڪي خيرسگالي ۽ انساني ڀائيچارو پيدا ڪرڻ خاطر ڀارتي گونگي نينگري گيتا کي سلامتي سان پنهنجي وطن پهچائي امن جو پيغام ڏنو. ٻي طرف ان ئي وقت ڀارت پاران پاڪستان جي سرحدي شهرن تي فائرنگ ڪري پنهنجي پاڙيسرين جو رت وهايو ويو. پاڪستان پاران ڀارتي اڳرائي جي عالمي دنيا کي دانهن پڻ ڏني وئي. پر ان مان وريو سريو ڪجهه ڪونه. مودي سرڪار جي اهڙي روش ڀارت کي عالمي سطح تي بدنام ڪيو آهي. هڪ طرف ڀارت جي عوام پڻ مودي خلاف احتجاج ڪري رهي آهي ته ٻي طرف ملڪ کان ٻاهر به مودي جي انتهاپسندانٽي رويي خلاف سخت احتجاج ٿي رهيو آهي. جنهن جو مثال لنڊن ۾ مودي جي آمد تي برطانيا جون گهٽيون "گو مودي گو" جي نعرن سان گونجي اٿيون. ان قسم جي صورتحال مودي سرڪار لاءِ سٺو سنوڻ نه آهي. سندس انتهاپسندي واري رويي سبب اهيو انديشو





آهي ته هاڻ مودي جو هر هنڌ اهڙو ئي استقبال ٿيندو؟ ڀارتي جنتا پارٽي جي ماضي جي سياست تي نظر ڦيرائڻ سان پتو پئجي ويندو ته مستقبل ۾ هي پارٽي يا هن جي مرڪزي قيادت پنهنجو سياسي توڙي سماجي رويو ۽ بيروني پاليسي ۾ ڪا انقلابي تبديلي آڻڻ جي موڊ ۾ نه آهي. مودي جي پارٽي شوسينا ۽ آر ايس ايس جو حقيقي روح آهي. جنهنڪري ڀارت جي مستقبل ۾ عالمي سطح تي هڪ انتهاپسند رياست طور سڃاڻپ ٿي چڪي آهي. هن ديس جي ڌرتي جي تاريخ مظلوم انسانن سان ظلم، زيادتين، انياءُ ۽ ناانصافين سان ڀري پئي آهي. ڀارت ۾ اوچ نيچ ۽ انساني اڻبرابري جي لعنت جا لازوال قصا اڄ به تاريخ جي منهن تي گروڙيل پوندو آهن. جتي ماڻهن کي ڇوت ڇات جي پيد پاءُ جي تفرقي ۾ ورهائي ظلمن جا پهاڙ ڪيرايا ويندا هئا. ڀارت جا لکين دلت اڄ به انتهاپسند هندن جي ڏاڍ ۽ جبر جو شڪار ٿي عقوبتون، عذاب، تذليل ۽ صعوبتون سهن ٿا. ان ظلم خلاف جڳ مشهور دلت اڳواڻ ڀيم رائو ڊاڪٽر امبيڊڪر جي تاريخي بغاوت ۽ جدوجهد مذهبي رجعت پرست انتهاپسندن کي ٿرٿلي ۾ وجهي ڇڏيو هو. اڄ به لکين دلت ان ستم خلاف جدوجهد جي ميدان تي آهن. ڀارت جو پنهنجن اڪثريت رکندڙ دلت آبادي سان ڪهڙو رويو آهي؟ ڀارت جي جمهوريت اُتي ئي پڌري ٿيو وڃي ٿي.

گڏيل قومن جا عالمي ادارا، عالمي ميڊيا ۽ انساني حقن جون دنياگير تنظيمون ڀارتي انتهاپسند رويي جو نوٽيس وٺن ته جيئن ڀارت ۾ انساني حق پائمال نه ٿي سگهن. جيڪڏهن هن اهم مسئلي تي دنيا جا اعتدال پسند، لبرل ۽ سيڪيولر ماڻهن ڪوششون نه ورتيون ته مذهبي انتهاپسندي سبب هر انسان ٻي انسان جو قاتل دشمن بڻجي ويندو. پيار، محبت، قرب ۽ انساني آدرش فنا ٿي ويندا.

# سنڌ کي امڪاني ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ ڪهڙا بندوست ڪيا ويا آهن؟

موسميات جي عالمي تبديلي ( گلوبل وارمنگ) سبب اسان جي خطي جي موسم ۾ به ڪافي حد تائين تبديلي محسوس ڪري سگهجي ٿي. جنهن ڪري گرمي، سردي، هوائون ۽ برساتون ڪڏهن گهٽيون ته ڪڏهن گهٽ ٿين ٿيون. اُن سبب ڪٿي ٻوڏ ته ڪٿي پاڻي جي شديد قلت ٿئي ٿي. موسم جي توازن ۾ غير معمولي فطري ڦيري سبب آفتن جي آمد وقت به وقت جاري آهي. اُترين سنڌ سال 2010ع جي درياهي ٻوڏ ۾ ۽ ڏاکڻي سنڌ 2011 ع جي برساتي ٻوڏ ۾ سخت متاثر ٿي هئي. سنڌ مسلسل ٻه سال ٻوڏ جي تباهين ۽ سالن کان پاڻي جي شديد کوٽ کي برداش ڪيو آهي. 2010ع ۾ وسڪاري جي شروعات پنجاب کان ٿي هئي سليماني جبلن تي تيز برساتون ۽ سڄي پنجاب جا برساتي نالا ۽ نديون جڏهن سنڌو درياهه ۾ شامل ٿيون ته ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ اڏ سنڌ خطرناڪ درياهي ٻوڏ جو شڪار ٿي وئي. جنهن ۾ سنڌ جا لکين ماڻهو دربدر ٿيا هئا. جڏهن به پنجاب تيز برساتن ۽ درياهي ٻوڏ جي لپيٽ ۾ ايندو آهي. ان ٻوڏ جو پاڻي چند ڏينهن ۾ فطري طور لازمي سنڌ مان گذري تباهيون ڪندو اچي سمنڊ ۾ پوندو آهي. پنجاب جي ٻوڏ جو پاڻي ته سنڌ جي ڪنڌ ۾ آهي پر پاڻي جي کوٽ ۾ پنجاب پائيوار ڇو نٿو ٿئي؟ اين ڊي ايم اي، جي رپورٽ موجب پنجاب ۾ ٻوڏ وڏي تباهي آندي آهي. پر افسوس ان اداري کي سنڌ ۾ ٻوڏ جي تباهي نظر نٿي اچي؟ سندن اکين ۾ ڪارو پاڻي ڦري ويو آهي. جڏهن پنجاب جو لکين ڪيوسڪ ٻوڏ جو پاڻي سنڌو درياهه ۾ داخل ٿي سنڌ جي حدن مان گذرندو ته ڇا سنڌو درياهه جا بند پاڻي جي انتهائي وڏي ريلي جو دٻاءُ برداش ڪري سگهندا؟ پاڻي جي وڏي وهڪري کي خير خوبي سان سنڌو درياهه مان سمنڊ تائين پهچائڻ لاءِ ذميوار اختيارين ڪهڙا جوڳا





بندوبست ڪيل آهن؟ هر سال وسڪاري جي مند ۾ سنڌي ماڻهن جو مٿ ۾ ساهه اچي ويندو آهي. حالت اها آهي جو ڪروڙن جي بجيٽ مان جيڪي درياهه تي بند ٻڌا ويا آهن انهن جو ڪم به ڪرپشن جي ور چڙهڻ ڪري تسلي بخش نه آهي. اُن کان علاوه موسمي ڦيري سبب موسميات ڪاتو هر سال رڪارڊ ٽوڙ بارشن جي اڳڪٿي ڪندو رهي ٿو. جيڪڏهن برساتون معمول کان وڌيڪ وسن ٿيون ته سنڌ ۾ ٻيهر امڪاني ٻوڏ جي خدشي کي رد نٿو ڪري سگهجي. اُن صورت م سنڌ برساتي ۽ درياهي پاڻي جي ٻن طرفن کان گهيري ۾ هوندي. ويجهڙائي ۾ سنڌ ٻن ٻوڏن جي تباهين کي ڀوڳيو آهي. پر اُ ن جي باوجود به ٻوڏ جي امڪاني صورتحال کان بچڻ لاءِ درياهه جي بندن جو مرمتي ڪم نه ٿيڻ ۽ برسات جي اضافي پاڻي کي سمنڊ تائين پهچائڻ وارا فطري ۽ مصنوعي گس سم نالا، ايل بي او ڊي، ڍورا ، هاڪڙو، پُراڻ ندي وغيرهه غير قانوني قبضن سبب پاڻي نيڪال ڪرڻ جي سگهه نٿا رکن. هاڪڙو ۽ پُراڻ به پٿهيل ۽ گگر جيان سنڌو درياهه جون ڇاڙون آهن. جيڪي سنڌو جي اوج دوران وهي ڪيترن ئي علائقن کي آباد ڪنديون هيون. هاڪڙو سنڌ جي ڪلهوڙا حڪمرانن پاران ڪڇ تي ڪاهه ۾ ناڪامي کان پوءِ انتقامي ڪاروائي ڪندي بند ڪري ڪڇ کي سڪايو ويو هو. ۽ انگريزن پاران سنڌو درياهه تي بئراج ٺاهڻ کان اڳ خود ساخته وهندڙ ڇاڙون پڻ بند ٿي ويون. ٻي طرف سنڌو درياهه ۾ غير قانوني قبضا ڪري ٻنيون آباد ڪرڻ، اڏاوتون، تمر ۽ ٻيا وڻ وڍڻ با اثرن پاران پنهنجي ذاتي مفادن خاطر بندن کي ڪٽ هڻي سنڌ کي بدترين ٻوڏ ۾ ٻوڙيو ويو ۽ فطرت سان هٿ چُراند ڪندڙ ماڻهو قانون جي پڪڙ کان آجا رهيا. هن وقت سنڌ ۾ ايريگيشن جو نظام 150 سال پُراڻو (انگريز دور) جو آهي. اُن نظام کي پائيدار بڻائڻ لاءِ اسان جي حڪمرانن ڪا به زحمت نه ڪئي آهي. موجوده موسمي صورتحال کي مدنظر رکي ايريگيشن جي ڏيڍ صدي پُراڻي نظام ۾ تبديلي ۽ سڌارا آڻي بهتر منصوبابندي ڪرڻ گهرجي ته جئين مستقبل ۾ سنڌ کي امڪاني ٻوڏ جي صورتحال کان بچائي سگهجي.

# عوام آزار ايندڙ وي آئي پي ڪلچر

وي آئي پي ڪلچر سفيد پوش ماڻهن جي پيداوار آهي. اهيو ڪلچر معتارف ٿيڻ ڪانپوءِ ملڪ ۾ ”وي آئي پي ڪلچر“جو شوشو هلي پيو آهي. جئين ڪاروڪاري کي ذوري سنڌ جي رسمن ۾ شامل ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي، تيئن وي آئي پي به ڪو ڪلچر نه آهي. وي آئي پيز هڪ ذهني عياشي، نفسياتي روڳ ۽ خلق عام کان پاڻ کي بالا تر سمجهڻ واري سطحي سوچ جو نالو آهي. جنهن کي هاڻ ڪلچر طور مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جڏهن به ڪو وي آئي پيز شهر ۾ ايندو آهي ته روڊ رستا، عوامي جايون عام ماڻهن لاءِ بند ڪري مشڪلاتن ۾ اضافو ڪيو ويندو آهي. جنهن ڪري وي آئي پي طبقو خلق کي فائدو ڏيڻ بجاءِ سورن جو سامان مهيا ڪندو رهيو آهي. ننڍي هوندي راڪاس، برڙ باڪاس ۽ ديوين جي تجسس واريون آکاڻيون ٻڌندا هئاسين جنهن ۾ راڪاسن جي اچڻ جا آثار اهيو ٻڌايا ويندا هئا ته پهرين ڌوڙ اُڏندي، پکالي چٽڪار ڪندا، ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ قيد ٿي ويندا، هر طرف ويراني ڇائنجي ويندي ۽ پوءِ آخر ۾ راڪاس شهر ۾ آدم بوءِ آدم بوءِ ڪندو ايندو ۽ جيڪو ماڻهو سامهون ايندو تنهن کي چٻٽي ڪري ڇڏيندو. اُن ڏينهن به شهر ۾ ويراني ڇانيل هُئي. رستن تي ٻُهاري ۽ چٽڪار جو ڪم جاري هو مسڪين ماڻهن جي جان ۽ مال جي تحفظ جا رکوالا هر ايندڙ ويندڙ واٽهڙو تي لٺ جي زيپٽ واري ذميواري جا فرض ايمانداري سان سر انجام ڏئي رهيا هئا. شهر جي ويراني تي مونکي ٻالڪپڻ ۾ ٻُڌل راڪاس واري ڪهاڻي ياد اچي ويئي بازار ۾ وي آئي پي ، وي آئي پي جا هوڪا ٻُڌڻ ۾ آيا پئي سو آئون به ڊپ ۽ تجسس واري ڪيفيت ۾ اُتي پهچي محسوس ڪيم ته ضرور ڪو وي آئي پي راڪاس اچي پيو ۽ اج به ڪنهن گڏهه گاڏي واري پورهيت جو روڊ تي اچڻ سان مٿو ضرور ڦاٽندو. روڊ بلاڪ سبب چنگچي ۾ ڪنهن جو جنم ٿيندو يا ايڪسيڊنٽ وارو مريض اسپتال ۾ پهچڻ کان اڳ ايمبولينس ۾





آخري هڏڪي ڏيندو؟ ٽلهن ڦيٿن وارين گاڏين جا سائرن ڪنن ۾ شيهو پلٽائي رهيا هئا. اهڙي ڏهڪاءُ واري ماحول ۾ اتي جهڙي مسئلي جي ڊُبڻ ۾ ڦاٿل ريڙهي تي بصر وڪڻندڙ پورهيت کي ڪهڙي خبر ته وي آئي پي ڪهڙي مخلوق آهي؟ انهن ماڻهن کي ڪهڙي ڪل ته اهڙو ڪلچر ئي سنڌن حق تلفي ڪري ٿو. قانون ۽ آئين جو احترام صرف خلق عام تي عائد ٿئي ٿو جڏهن ته سمورا سماجي ۽ رياستي ضابطا اخلاق وي آئي پيز تي لاڳو نٿا ٿين. وي آئي پيز فقط اليڪشن جي موسم ۾ وي آئي پي جو چوغو لاهي مسڪين ماڻهن سان عارضي طور ”عام“ ٻڻجي ويندا آهن. پر جڏهن غريبن جي طاقت سان مقدس ايوانن ۾ پهچندا آهن ته ٻيهر پنج سالن لاءِ وي آئي پي ٻڻجي عوام جي ”خدمت“ ڪندا آهن. گهڻو اڳ رستن تي ”خاص“ ماڻهن جي آمد سان ”ڪپڙ ڪوٽ“ جا هوڪا بلند ٿيندي ئي راهگير پُنيرا ٿي ٻيهندا هئا. اڃان به سنڌ جي ڪجهه ڳوٺن ۾ ”ڪپڙڪوٽ“ جا هوڪا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. ممڪن آهي ته ڪنهن سرداري ۽ قبائلي علائقن ۾ اڃان به اهيوخود ساخته قانون هجي؟ ترقي يافته ملڪن جا صدر ۽ وزير اعظم به بنا پروٽوڪول جي روز مره جا ڪم ڪار پيا ڪندا آهن. پر اسان وٽ سڄو نظام ئي مختلف آهي. ايئرپورٽ تي جهاز ۾ ٻن ”وي آئي پيز“کي ليٽ ڪري اچڻ تي جهاز جي مسافرن زبردست ڪٽڪو ڏنو، جنهن جي وڊيو پڻ انٽرنيٽ تي ڏيکاري وئي هئي. ان واقعي جي لهر کي ملڪ ۾ وي آئي پي نموني سان ڦهلجڻ جو موقعو مهيسر ٿيو ته ڪو وي آئي پي گهٽي وقت تائين وي آئي پي رهي نه سگهندو. جيڪڏهن سنجيده ماڻهن وي آئي پي ڪلچر جي رستا روڪ نه ڪئي ته وي آئي پي کان پوءِ وري“وي وي آئي پي ڪلچر” به هڪ عذاب جي صورت ۾ اسان جي ديس ۾ لاڳو ٿيڻ جو انديشو آهي جيڪو شايد هن ڪلچر کان به ٻيڻا عذاب ڏي ؟

# ڳالهه هي آهي ته.....

شهرن ۾ روڊ، رستا ۽ گلين تي غيرقانوني قبضن سبب ٽرئفڪ جام ٿيڻ سبب خطرناڪ روڊ حادثا روز جو معمول بڻجڻ ڪري لاتعداد قيمتي انساني جانيون اجل جو شڪار ٿين ٿيون. سرڪار ان مسئلي ڪي حل ڪرڻ لاءِ ٽريفڪ پوليس، اينٽي انڪروچمينٽ کاتو ناهڻ سميت شهرن ڪي اور فلاءِ ۽ باءِ پاس ناهي ڏنا. پرماڻهن باءِ پاس تي به قبضا ڪرڻ شروع ڪيا آهن. ڳالهه هي آهي ته ڇا هاڻ شاٽ ڪٽ (وچيون رستو) اور فلاءِ ڪي باءِ پاس ۽ باءِ پاس ڪي به باءِ پاس ڏيڻ گهرجي؟ عشق جي سفر ۾ ويچاري دلڙي به بين عاسقن ڪي باءِ پاس ڪندي آهي پر هاڻ دل جو به باءِ پاس ٿئي ٿو.

ڳوٺن ۽ شهرن سميت سڄي ملڪ جو انفرااسٽڪچر ڪرپشن جي بيساکين تي لوڏن ۾ آهي. بيساکين ڪي بيساکيون ڏيڻ لاءِ ڪيترائي ادارا ملڪ ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. پر ڳالهه هي آهي ته ٿُتل ڪي چتي لڳي تي پر چتي ڪي چتي ڪيئن لڳي؟ ڪرپشن ملڪ ڪي اڏوهي جيان کائي رهي آهي. ڪرپشن جي خاتمي لاءِ اينٽي ڪرپشن کاتو پنهنجا "فرض" سرانجام ڏيئي رهيو آهي پر ڳالهه هي آهي ته ان کاتي ۾ ئي ڪرپشن ٿئي ته ان ڪي روڪڻ لاءِ اينٽي ڪرپشن کاتي ۾ اينٽي ڪرپشن کاتو ناهڻ جي ضرورت آهي؟ "سياست" هر فرد جو جمهوري حق آهي، سياست ماڻهو ڪن ٿا، سياست ماڻهن لاءِ ٿئي ٿي. سياست ماڻهن سان ئي ٿئي ٿي، پر ڳالهه هي آهي ته سياست ۾ سياست ٿئي ته پوءِ ڇا ڪجي؟ دنياداري ۾ جهيڙا جهڳڙا ته زمانن کان ٿيندا اچن ۽ جهيڙن ڪي نبيرڻ لاءِ جرڳا ٿين ٿا پر ڳالهه هي آهي ته جرڳن ۾ ئي جهيڙا ٿي پون ته ڇا ڪجي؟ حضرت ماڻهو پٿر جي دور مان نڪري جديد دور ۾ پير پڏاريا. غيرجمهوري بادشاهتون، تخت ۽ تاج اُجلائي، پاري بُرجن ڪي لوڏي، سامراجي ديوارن ۾ ڏار وجهي ڇڏيا ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ تندون تلوارن سان اٽڪي پيون. انساني





حقن جا علمبردار عالمي ادارا ۽ عدليا جي اعليٰ نظام بابت مظلوم سان انصاف ڪرڻ لاءِ مکڻ مان وار ڪيڻ جون ڳالهيون پڙڻ ۾ آيون. پر اهو نظام ذاتي مقصدن خاطر استعمال ٿئي ۽ اهڙن ادارن تي ذاتي ناپسندي تحت "عدالتي قتل" جهڙا فيصلا ڏيڻ جو الزام لڳي ۽ تاريخ ان کي واڪو به ڪري ته پوءِ ڳالهه هي آهي ته ان ملڪ ۾ ان مقدس اداري جي اهميت ڪهڙي هوندي؟ ان قانون تي حضرت ماڻهو ڪيتري قدرعمل جو پابند آهي؟ مسيحا ڏکوئلن جي زخمن تي مرهم رکندا آهن پرڳالهه هي آهي ته درد جي دوا لاءِ ڏکي انسان گڙدي جي پٿري ڪيائڻ خاطر مسيحا وٽ وڃي ۽ واپسي ۾ گُڙدو ئي گم هجي ته ڇا ڪجي؟

هُئين ته ويڄن وٽ، پوءِ ڪيئن جيءَ جڏو ٿيو؟

گهر جو ڪتو چورن سان ملي پڳت ڪري گهر ڌڻي جو وٿاڻ ويران ڪرائڻ جي سازش ۾ سراسر گڏ هجي پر ڳالهه هي آهي ته چوري ڪي پُنگ بنان ورائڻ لاءِ ويل پاڳين جو ورهاڱو پيرين سميت ئي وات تي ڦرجي وڃي ته ڇاڪجي؟ پر گهٽو ڪري چور پير ڪٽندڙ ورهاڱن سان گڏئي هوندا آهن. اڇي تي ڪارو داغ بڻجي ٿو پر ڳالهه هي آهي ته ڪاري تي اڇي جو فلسفو ڪير سمجهائيندو؟ دنيا جا سرمائيدار ناڻي جي زخيرن ڪي ڀيٽو ڪرڻ لاءِ انساني ڪپت جي گهٽين شين جو اسٽاڪ ڪري مارڪيٽ ۾ هٽرادو بحران پيدا ڪرائيندا آهن. پر ڳالهه هي آهي ته بُحرانن ڪي حل ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيل بُحران ڪئين ختم ٿيندا؟ بجلي، اٽو امن، پيٽرول ۽ سي اين جي جيئن ملڪ مان انساني آدرش، ايمان، اعتماد، قرب ۽ محبتن جو بحران آيو ته ان ڪي حل ڪرڻ لاءِ دنيا جي موٽن دماغن وٽ ڪهڙو حل آهي ؟ ان صورتحال ۾ هي ڪائنات رهڻ لائق هوندي؟ ان حالت ۾ ماڻهپو ڪٿي تلاش ڪبو؟ ان حالت ۾ خود حضرت ماڻهو ڪٿي بيٺل هوندو؟ انسانيت جو آڪال هن ڪائنات لاءِ ڪنهن سانحي ۽ الميي کان قطعي گهٽ ناهي.

## مسئلو اهيو آهي تہ ڪو ”مسئلو“ ناهي •

بي پاڙها مسئلا جلدي حل ٿي ويندا آهن، پر ڪجھہ مسئلن جون جڙون ڏيِن جيان پاتال ۾ کُتل هونديون آهن. جيئن مسئلہ ڪشمير ۽ فلسطين ۽ وغيره آهن. ڪيترن ئي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ نوان مسئلا پيدا ڪيا ويندا آهن. وري انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مسئلن جا نوان پلانٽ لڳيا ويندا آهن. ملڪي سطح تي مسئلن جي ڪوٺ کي مد نظر رکي عوامي مفادن خاطر پاڙيسري ملڪن مان سستا، خالص، نج ۽ نبار مسئلن جا جهاز ۽ ڪنٽينر گهرائي سگهجن ٿا. امپورٽيڊ مسئلن جي سبسڊي پرڻ هر دور حڪومت جي ذميواري آهي. جنهن ۾ مسئلن جي ڪوالٽي بابت ڪو بہ سمجهوتو نہ ڪيو ويندو. مختلف ڏرين جو خيال آهي تہ سمورن مسئلن جو حل ”خوني انقلاب“ آهي. پر خوني انقلاب سان بہ مسئلا تہ پيدا ٿيندا جيڪي وري نون مسئلن کي جنم ڏيندا. جڏهن تہ قومن جي تقدير کي انقلاب ئي بدلائي سگهن ٿا، ڳاڙهن، ڦڪن، نيلن ۽ ڪارن انقلابن لاءِ وري ڪيترائي مسئلا درپيش آهن. تنهنڪري اصل مسئلي جي جڙ تائين پهچڻ پڻ وڏو مسئلو آهي. سڄي دنيا جي اٿي لٿي ۽ اجهي جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ پورهيو ڪندڙ پورهيت وري هزار مسئلن جو شڪار آهي.

انصاف مهانگو آ،<br>
انسان سهانگو آ،<br>
مزدور ناهي ڪپڙو،<br>
مزدور هي نانگو آ.

لباس جو مسئلو پلي حل ٿي وڃي پر ڏاهي رومي چيو آهي تہ ”مون جام انسان ڏٺا آهن جن جي بدن تي لباس ناهي هوندو ۽ مون جام لباس ڏٺا آهن. جن جي اندر انسان ناهي هوندو“





اڳ چيو ويندو هو تہ ملڪ سڄو مليرِ لڳو پيو آهي. هاڻ ٻڌون ٿا تہ ملڪ سڄو مسلستان بڻجي ويو آهي. مختلف ملڪن جي زميني صورتحال بہ مختلف هوندي آهي. پر هر خطي ۾ مسئلن جو فصل هر موسم ساڳين آهي. ڪيترن ئي ملڪن ۾ مسئلن جون نرسريون پڻ لڳايون وينديون آهن. اسان جي ابن ڏاڏن جا ڏيڻن جي هر تي پوکيل مسئلا هن دور ۾ جديد ۽ تيز ترين مشينري سان بہ نٽا لٽي سگهجن. آمريڪا جو چوڻ آهي. تہ ”دهشتگردي“ دنيا جو وڏو مسئلو آهي. پر ٻي پاسي سڄي دنيا جو خيال آهي تہ سمورن مسئلن جي جڙ آمريڪا آهي. ”هڻ شينهن شير ڪون ڪير آکي تہ تيڏي منهن وچ ڏپ دي هڙيان هن“ ڪاري نسل جو اوباما صدر ٿيو تہ جهڙي ۾ مامي گهنور شيدي وارن ”مگرمان“ پئي ڪئي، پر آمريڪي صدر صاحب جهڙو ٻاهر جو ڪارو آهي اهڙو ئي اندر جو ڪارو نڪتو. هو بہ سڄي دنيا کي رت سان وهنجارڻ جي خواب جي ساپيان ثابت ٿيو. هاڻ وري مائي هيلري ڪلنٽن جيڪا مونيڪا وارو ڏک پچائي هاڻ آمريڪا جي صدر ٿئي پئي پر فيمينسٽ ماين کي خوش ٿيڻ جي ضرورت ناهي، هو بہ آمريڪا جي ساڳي دنيا دشمن پاليسين کي جاري رکندي.

نانگ ٻلائون هڻ ڪڻ ۽ ڪارا پٽون ماڻهن لاءِ وڏو مسئلو هئا ۽ هاڻ ماڻهو هن جيوت لاءِ وڏو مسئلو ٿي پيا آهن. ڪاري ڏڪار سبب ٿر ۾ پيئڻ جي پاڻي جو وڏو مسئلو رهيو آهي. ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ پورهيتن پاران کوھہ کوٽيو ويو ناقص مٽيريل واري مسئلي سبب کوھہ ڍهي پيو ۽ 3 پورهيت دبجي فوت ٿيڻ سان هاڻ هنن مسڪينن جا لاش ڪڍڻ نااهل انتظاميہ لاءِ هڪ وڏو مسئلو بڻجي ويو هو. دنيا کي جنت بڻائڻ جو فڪر ۽ فلسفو ڏيندڙ ڏاهن کي گذارش آهي ماڻهن کي مسئلن کان محفوظ ڪرڻ جو ڪو شاهڪار فارمولو ڏين تہ جيئن دنيا کي دوزخ بڻجڻ کان بچائي سگهجي •

# ملڪ جون بدلجندڙ سياسي روايتون

اسان جي ملڪ جي سياست ۾ جمهوري قدرن کي نظرانداز ڪري فقط ذاتي پسند ۽ ناپسند جي اناپرستي واري محدود سوچ کي صحيح سمجهڻ جي روش شاندار سياسي روايتون جوڙڻ بجاءِ دٻاءَ ۽ ڌمڪين جي سياسي ماحول کي جنم ڏي ٿي. جنهن سان هيستائين ملڪ ۾ عوامي سطح تي ٻڌي، اتحاد ۽ ڀائيچارو پيدا ٿيڻ بجاءِ سياسي انتقامي ڪاروائين جي فضا کي فروغ ڏنو ويو آهي. ملڪ ۾ ڪيترائي دفعا اقتدار ۾ رهندڙ سياسي پارٽيون ڪينسر جيئن ڦهليل ڪرپشن، اقرباپروري، مهنگائي، دهشتگردي کي ختم نه ڪري سگهڻ جي ناڪامي جو اعتراف ڪرڻ بجاءِ ان جو الزام گذريل حڪومت تي هڻي پنهنجو پاند آجو ڪرائڻ ۽ دور اقتدار کي ڊگهو ڪرڻ جي حُربن تي زور ڏين ٿيون. جنهنڪري هڪ ڊگهي عرصي کان ملڪ ترقي جي راهه تان هٽي دهشتگردي جي حوالي سان دنيا ۾ ٽين پوزيشن ماڻي ورتي آهي. اهڙو اعزاز ملڪي وقار تي منڌيڙي جو نشان آهي.سوال اهيو آهي ته اُن جو ذميوار ڪير آهي؟ ڪا هڪ پارٽي ۽ ان جي قيادت، يا قوم؟ آمريت دوران امپورٽيڊ قيادتون ۽ ضيائي باقيات پاران سبز جهنڊن سان ملڪ کي قبائلي دور ۾ ڌڪي وڏيرن ۽ سردارن کي علائقا ذاتي اسٽيٽن طور الاٽ ڪري ڏنا ويا جنهن دوران وڏي عرصي تائين ملڪ ۾ عوامي جمهوري راڄ بجاءِ وڏيراشاهي جي رٽ قائم هُئي. ملڪ جي عوام هڪ وڏي جمهوري جاکوڙ کان پوءِ فوجي آمر مشرف کي گهر پيڙو ڪيو نه ته جنرل مشرف به جنرل ضياالحق جيئن ساهه جي آخري گهڙي تائين اقتدار ڇڏڻ لاءِ راضي نه هو. ڪجهه عرصي کان ميڊيا ۾ خبرون هليون هيون ته سنڌ ۾ پ پ سرڪار خلاف جنرل (ر) پرويز مشرف سازش ڪري رهيو آهي. پر حقيقت ۾ خود پ پ جي رڌڻي ۾ پڻ رولو رهيو آهي.ادي ۽ ادا گڏجي شهيد ڀُٽي جي پارٽي کي زرداري ليگ بڻائڻ ۾ ڪا ذري ڪسر به ڪونه ڇڏي آهي. ان پارٽي کي ٻاهرين قوتن کان وڌ اندروني قوتن وڌو نقصان ڏنو هو. ان سانحي ملڪ جي سياسي ڌرين کي گڏ





ويهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. هن تاريخي موقعي تي سياسي ڌرين کي ماضي ۽ حال کي نظر ۾ رکي بالغ سياسي روايتون قائم ڪرڻ گهرجن ۽ دهشتگردي خلاف مضبوط حڪمت عملي جوڙي ملڪ جي مستقبل کي بچائڻ گهرجي ته جئين جمهوريت جو سفر به جاري رهي ۽ ملڪ ۾ آمريتي رُڪنو نه پوي. جيڪڏهن ملڪ جون سياسي ڌريون ذاتي انا جو مسئلو بڻائي چونڊيل حڪومت خلاف سازش جو حصو بڻجي ٽين ڌر کي دعوت ڏيئي اچڻ جو جواز پيدا ڪري ڏنو ته پوءِ عزيز هم وطنن واري سنگت کي رڳو سلام ورائي محفل جو مور ٿيڻو آهي. هن وقت ملڪ ۾ فوجي عدالتن جو قيام جمهوريت پسند سياسي ڌرين جي ڪمزور صلاحيتن جو نتيجو آهي. ٻي طرف هڪ وڏي عرصي کان ملڪ جون حالتون سازگار نه هئڻ ڪري پاڪستان اڪنامي طرح ڪمزور پوزيشن ۾ هجڻ ڪري ڪيترن ئي بيروني ملڪن جو قرضي آهي. اهڙي صورتحال ۾ ملڪ جي ڪا به سياسي پارٽي اقتدار ۾ اچي ملڪي مسئلن کي آساني سان حل نه ڪري سگهندي. نتيجي ۾ اها پارٽي عوامي مقبوليت وڃائي وهندي. ملڪ ۾ موروثي سياست سبب عوام جي مٿي ۾ لڳل وڏيراشاهي پڻ وڏي وڻ ٿي چڪي آهي. ٻي طرف سنڌ ۽ بلوچستان جي ڳڀرو نوجوانن کي کنيي گم ڪرڻ ۽ ڇچريل لاشن ملڻ، پشاور سانحي سميت روز جو معمول بڻيل دهشتگردي جا واقعا عوام ۾ خوف حراس ۽ بي چيني جو سبب بڻيل آهن. ملڪ جو ڪو به فرد پاڻ کي محفوظ نٿو سمجهي. ملڪ ۾ قانون خاموش بڻيل آهي،اهڙي مايوسي واري صورتحال ۾ قوم جو ڇڙوڇڙ ٿيڻ سان ملڪ دشمن دهشتگرد قوتون وڌيڪ مضبوط ٿينديون. ملڪ جو زخمي ٿيل وجود وڌيڪ مسئلن جي دٻڻ ۾ ڦاسي ويندو. تنهنڪري هن وقت ملڪ جون ذميوار سياسي قيادتون پنهنجي ذاتي مفادن کي پاسي تي رکي ملڪ ۽ عوام جي ڀلائي خاطر ملڪي مسئلن جو مستقل حل ڪڍن ته جيئن ملڪ کي دهشتگردي کان بچائي سگهجي.

# مزدور : اٺين ۾ چاڙهين ڏت ڏهاڙي سومرا

ڪائنات جي اوائلي زمانن کان انسان ذات بنيادي طرح ٻن طبقن ۾ ورهايل آهي. جنهن ۾ هڪ ڏاڍو طبقو ۽ ٻيو هيڻو طبقو آهي. ڏاڍن ماڻهن جي محدود طبقي پنهنجي قبضاگير سوچ، حوس، ڏاڍ، جبر، انياءُ، هٺ ڌرمي، ظلم، بربريت، ناانصافي جي قهر، لاقانونيت ۽ انڌيرنگري جي راڄ سان سڄي دنيا جي مظلومن مزدور کي پنهنجي سامراجي سوچ جي گهري چار ۾ ڦاسائي اڻ اعلانيل طور ڪُل وقتي "آزاد" غلام بڻائي رکيو آهي. خود هي ڪائنات هُن لاءِ اٽسدي طرح کليو جيل بڻجي چڪي آهي. سرمائدار جي پورهيت دشمن سوچ جي سازشن سان هي جڳ مزدورن لاءِ جديد جيل بڻجڻ طرف روان دوان آهي. اتي، لتي، اجهي ۽ تحفظ کان محروم پورهيت طبقي جي محنت ۽ جفاڪشي سان هي ڪائنات خوبصورت ۽ حسين بڻيل آهي، دنيا جا هي سرسبز کيت، باغ بهاريون ۽ ساڍا ست ارب آدم ذات لاءِ فصل، ڀاڄيون، ميوا، اناج پيدا ڪندڙ هٿ گرهه جي ڇهاءُ کان رهجي ويندا آهن، سفر کي مختصر ڪرڻ لاءِ ٺاهيل روڊن جي ڏامر سان گڏ جن ماڻهن جو پگهر شامل آهي انهن کي تہ ڊوءُ تي ماني بہ مهيسر ناهي. جنتن جو ڏيک ڏيندڙ خوبصورت محلاتون جوڙيندڙ انسانن جو انهن وڏين عمارتن جي ڀاڇي ۾ ٺهيل جهوپڙيون بہ ناجائز قبضا ڄاڻائي ڊاهيون وينديون آهن. هو پنهنجو آشيانو اڏين تہ ڪٿي اڏين؟

طاقتور سرمائدار قوتن جي خطرناڪ مزدور دشمن سوچ ۽ پاليسين جي جوڙيل عالمي ڪاروباري ۽ معاشياتي فارمولن تحت پورهيتن کي اڻ ڄاتل مدي تائين استحصال جو شڪار بڻائي ڪنگال رکڻ جو ڪامياب تجربا ٿي چڪا آهن. دنيا جي سرمائدارن هن پورهيت طبقي جي پگهر جي ڪمائي چڪتو ڦٻائڻ ۽ انهن کي فقط پنهنجي ڪارخانن، ملن،





فيڪٽرين، روڊن، محلاتن، کيتن، ڪوئلي جي کاڻين ۾ نسلي طور ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ زنده رکيو پيو وڃي. سرمائدارن جي انهن چالبازين کي ڪارل مارڪس چڱي ريت پرکي ويو هو. جنهن سرمائداري سان پنهنجي پورهيت دوست عظيم نظريي تحت مقابلي جو گس ڏنو. پر دنيا جي سمورن مزدور دوست مارڪسي سرخن کي سمجهڻ گهرجي تہ جديد دور جي سرمائيدارن "داس ڪيپيٽل" جو ڪاڻ کان بہ گهرو مطالعو ڪري ان تي غور ۽ ويچار ڪري سائنس ۽ ٽيڪنالوجي مان ڀرپور فائدو وٺندي مزدورن کان وڌ مشينري مان ڪم وٺي مستقبل ۾ مزدور کي هن ڪائنات جو فضول ۽ غيرضروري ساهہ وارو بڻائڻ جي تياريون ۽ ڪوششون عروج تي آهن.

پنهنجي پگهر جو پورهيو وڪڻڻ جي باوجود پورهيت طبقو محنت جي خريدارن جو محتاج بڻيل هوندو آهي. ائين ڇو آهي؟ روزگار جي انتظاري انهن جي ذهنن ۾ بي قراري جو سبب بڻجي ويندي آهي. روزگار نہ ملڻ جي مايوسي ۽ خالي هٿين ڀِرن قدمن سان گهر واپسي جو سفر پورهيت لاءِ ڪڏهن ڪڏهن دل شڪستہ ٿي خودڪشين جو سبب پڻ بڻجي ٿو ۽ پويان رهجي ويندا آهن مزدور جا يتيم ٻار جيڪي زماني جي اٽڪٽ ستمن، ڌڪن، ٿاڦن واري سورن جي حياتي گهاري نيٺ وڏا ٿي ويندا آهن. ڪي ٻڪ ۽ بيمارين ۾ چُڙي چُڙي مري ويندا آهن. ٻڪ، بدحالي ۽ بيروزگاري سبب اهڙا حالات پيدا ٿي چڪا آهن جو هن وقت مزدور ڏينهن رات پورهيو ڪرڻ جي باوجود پنهنجن ٻکين ٻچڙن لاءِ اتي جو سير وٽڻ جي سگهہ بہ نٿو رکي. ڪڏهن ڪڏهن تہ مزدوري لاءِ انتظار ڪندڙ پورهيتن جون اميدون نراس بہ بڻجي وينديون آهن جڏهن سندن اکين کي سڄو ڏينهن روزگار جي راهہ تڪڻ جي باوجود بہ مزدوري جو ڪو ذريعو نٿو ملي. مايوسين جي ان درد جي ماپ ڪهڙي آلات سان ڪري سگهبي؟ مزدور جي ان درد کي ڪهڙي دل سان محسوس ڪري سگهبو؟ مزدور جي جهوپڙي ۾ ماني لاءِ ٻاڪاريندڙ ٻارڙن جون ڪيهون، پيرسن بيمار امڙ جي آخري هڏڪي ۽ پوءِ ان عظيم رشتي جي ڪفن دفن لاءِ مزدور جي دل جو ٻي وسي مان ٻرڻ، سڙڻ، ٻجرڻ ۽ التجائي اکين سان نهارڻ جو تاب ڪو اهل دل ماڻهو جهلي

سگھندو؟ سموري ڪائنات جي مزدورن جون ڳالهايون ويندڙ ٻوليون چاهي کهڙيون بہ هجن پر آفريڪا کان سعودي عرب، آمريڪا کان پاڪستان، ۽ ايران کان اٽلي تائين سموري ڌرتي تي محنت ڪش پورهيت مزدورن جا درد، تڪليفون ۽ سور بہ ساڳيا آهن. انهن جي هٿن ۾ پيل لڦن جي آڪيڙ ساڳي آهي. انهن سان ستم بہ ساڳيا آهن تہ ستم ڪندڙ قوتون بہ ساڳيون آهن.

دنيا جا ڪيترائي منجهيل سوال جوابن جا منتظر آهن. هن دنيا ۾ پگهر جو پورهيو ڪندڙ محنت ڪش پورهيت طبقا پنهنجي پيٽ گذر خاطر سخت جسماني پورهيو ڪري هن ڪائنات جي تعمير ۽ ترقي لاءِ لکين سالن کان نسل درد نسل پتوڙڻ جي باوجود اڄ بہ بک ۽ بدحالي جو شڪار ڇو آهي.؟ جيڪي پورهيت پنهنجي زندگين جا خوبصورت لمحا هن ڪائنات لاءِ گرمين توڙي سردين ۾ اناج پيدا ڪرڻ خاطر ڪارين راتين ۾ لنڊيون لتاڙيندي کيتن ۾ گذارين ٿا، ڇا انهن جي ککائن جهوپڙين ۾ داڻن جي ڪا گُندي پيل آهي؟ پورهيت تہ ڪائنات لاءِ اناج جا انبار اُپائي بہ پاڻ سرمائدار اڳيان پنهنجي پگهر جي ڪمائي بہ جهولي جهليو وتن ٿا. ”منهنجي ڪڻڪ کڻڻ وارا سرمائدارو! مون کي ٿورو اٽو تہ ڏجو“ اربين ٽن اناج پيدا ڪندڙ پورهيتن جي گهر ٿيلهي ۾ سير اٽو بہ روز اچي ٿو يا کين ڪڏهن ڪڏهن بکئي پيٽ سمهڻو پوي ٿو؟ لکين ٽن ڦٽي جو فصل پيدا ڪندڙ پورهيتن جي معصوم ٻارن جي انگ تي ڪڏهن ڦاٽل شلوار يا قمص آهي تہ ڪڏهن ناهي ۽ اڪثر مزدورن کي پاتل نيلامي ڪپڙن کي پٺن وٽان چتي ڇو لڳل هوندي آهي؟ ڪارخانن ۾ اُچيون ۽ مهانگيون جتيون ٺاهيندڙ پورهيتن جي پيرن ۾ سدائين اگڙين سان ٻڌل چڳل نوڳر ڇو هوندا آهن؟ دنيا جون سموريون ماڙيون، محل، بنگلا ۽ پلازا ٺاهيندڙ پورهيتن جا گهر ککاوان ڇو آهن؟ آر سي سي ڇتون ٺاهيندڙن جا غريباڻا جهوپا طوفاني هوائن جي پهرين جهونڪي تي ئي پٽ ڇو پئجي ويندا آهن؟ ڪائنات ۾ گهر جوڙي ڏيندڙ ماڻهن جي اڪثريت بي گهر ڇو آهي؟ مزدورن جون جهوپڙيون ماڙين جي پاڇي ۾ الوپ ڇو ٿين ٿيون؟





بنگلا اجگر بلائون بڻجي ککن پنن جي انساني آکيرن کي ڇو کايو وڃن ٿا ؟ دنيا جا وڏا روڊ ۽ رستا ٺاهيندڙ مزدورن جون گاڏيون ڪڏهن انهن روڊن تي هليون آهن؟

پٿر ڍوئيندي ڪولهڻ سوچيو،
سارو جڳ تغاري آهي.

ملن، فيڪٽرين، ڪارخانن ۾ پنهنجن لڦن وارن پٿر جهڙن هٿن سان خوبصورت شيون ٺاهيندڙن مزدورن جي مسڪين پريوارن اهي رانديڪا، گل دستا، ڪيڪ پيسٽريون، بسڪيٽ، اُڇا لٽا، گاڏيون، ڪتاب، مشروب، دوائون، آرام ده قالين وغيره جون نہ پوريون ٿيندڙ خواهشون ڪڏهن اتفاق سان بہ پوريون ٿيون آهن؟ ڪڏهن اهڙو چمتڪار ٿيو آهي؟ پورهيتن جا هن دنياداري ۾ ناتا، رشتا، واسطا، ياريون ۽ دوستيون ڪونہ آهن؟ انهن لاءِ ميلا، ملاکڙا، تهذيبي ڏڻ، ثقافتون، شاديون، غميون، راڄ نيتي، ريتون، رسمون، ڪُنيون، مانيون، وڏاڻا، ٻارسون، عيدون، باراتون ڪونہ ٿين؟ هُنن جون خواهشون، خيال، تمنائون ۽ حسرتون ڪونہ آهن؟ ڇا ڌرتي جي هنن عظيم محنت ڪش مزدورن کي فقط “انسان” سمجهڻ جي “نوازش” ڪئي وئي آهي؟ سرمائداراڻي اک ۾ پورهيت ڪا ٻي مخلوق آهن؟ جنهن وٽ دل، دماغ، پيٽ، جسم بہ آهي ۽ ان جسم ۾ ساهہ بہ آهي. انهن کي بہ بک شدت سان لڳي ٿي. انهن جا بہ احساس آهن. هو بہ ڏک ۽ خوشي کي محسوس ڪن ٿا. هنن جا بہ لڙڪ آهن، پر ايترن سارن عذابن، عقوبتن، ڏکن، تڪليفن، مصيبتن جي باوجود هن ڪائنات جا پورهيت ڪڏهن بہ ننڍ جون گوريون کائي ننڊا سمهن، چاهي سندن چلهہ نہ بہ ٻري هجي. پورهيتن جو ڪوليسٽرول نٿو وڌي، مزدور مٺن پيشابن جي بيماري گهٽ مبتلا هوندا آهن. پورهيتن جو بلڊپريشر اسٽاڪ ايڪسچينج جيئن هيٺ مٿي نٿو ٿئي. چاهي دنيا جي ڪهڙي بہ ليبارٽري مان ايچ پائلري ٽيسٽ ڪرايو پر پورهيتن کي معدي ۾ رڳو بک جي بيماري کان سواءِ ٻي ڪابہ بيماري نہ هوندي. هو گجر، بصر هضم ڪريو وڃن، هو ساوا مرچ تہ اٽيي ماني جي گرهہ ۾ ويڙهي ڪچا ئي کايو وڃن. پر اُڪري ۾ اڌ ڏڏريل زهر جهڙن ڳاڙهن

مرچن ۽ مُڪ سان ٺوڙيل بصر سان بہ رڪا ٽڪر شوق سان کائن ٿا. انهن کي گيس ۽ بد هضمي واري تڪليف جي شڪايت نٿي ٿئي. هو برف ڄمائيندڙ سيارن ۽ لڳ ساڙيندڙ گرمين ۾ اگهاڙين پيرين، اوجاڳيل اکين ۽ پني لڳل پيٽ سان مشڪل ڪم ڪري پيٽ جي دوزخي آگ کي اُجهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اها ڪوشش ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ کان ويندي اڄ ڏينهن تائين بنا وقفي جي جاري آهي.

انساني حقن جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ عالمي ادارا ۽ خاص طور مزدورن جي حقن لاءِ پتوڙيندڙ عالمي سطح جون يونين ۽ ادارا مزدورن جي مسئلن ۽ مستقبل لاءِ ڪهڙو سنجيده پروگرام رکن ٿا؟ ۽ هيستائين انهن ڇا ڪيو آهي؟ انهن جي ڪوشش سان پورهيتن جي زندگي ۾ ڪا بهتري واري تبديلي آئي آهي؟ سرمائدار جي اها سوچ هئي تہ مزدور مشينن جيئن ڪم ڪن وٺائن ڪجهہ گهرن نہ سندن اهڙي خواهش اجگر مشينن ذري گهٽ پوري ڪري ڇڏي آهي. غريب پورهيتن جي پيٽ تي لت هڻندڙ ظالم عالمي سامراج جي سرمائدارانا نظام پاران هر وقت پورهيتن جي حق تلفي جون پاليسيون جوڙڻ، انهن جي عالمي اتحاد ۽ يونين ۾ ٽوڙ ڦوڙ جون سازشون ڪرڻ، پورهيتن جي مزدوري جا من پسند اگهہ مقرر ڪرڻ، ڪين پيڙهين تائين هڏ خريد غلام رکڻ خاطر ڪوڙن قرضن جي ڄار ۾ چوڪُنيو ڦاسائي رکڻ، سندن غربت، هيڻائي، مجبوري، بيوسي ۽ لاچاري مان ناجائز فائدو حاصل ڪري پنهنجا واپاري، مالي ۽ ڪاروباري مفاد ماڻيا وڃن ٿا. انهن سبب ڪري پورهيت طبقو هزارين سالن جا عذاب ڀوڳي رهيو آهي. ڇا پورهيتن جا مسئلا حل طلب ناهن؟ دنيا جي انساني حقن جا عالمي ادارا، پورهيتن جون عالمي تنظيمون، اعليٰ عدليہ قانون ۽ انصاف جا بين القوامي ادارا، سول سوسائٽي، صحافتي ادارا ۽ جمهوريت پسند سياسي ڌريون پورهيتن جي بنيادي انساني حقن جو تحفظ، زندگي جي سمورن مسئلن جي حل، صحت سميت روزگار جهڙن اهم مسئلن تي سنجيدگي اختيار ڪري پورهيتن کي مڪمل حق، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي.





# ميلي ۾ مزو نہ آهي....

عام طور تي ميلو عوام جي تفريح ۽ وندر لاءِ لڳايو ويندو آهي. ملڪ جي وڏي اڪثريت ميلن جي شوقين آهي. جنهنڪري هن ملڪ جا اڪثر ميلا پُررونق هوندا آهن. پر جنهن جو ميلي ۾ ڪٿو چوري ٿي ويندو سو تہ چوندو "ميلو لڳو ئي منهنجو ڪٿو چوري ٿيڻ لاءِ هو" يا ميلي ۾ ڪنهن جو ڪيسو ڪتجي وڃي تہ ان ميلائي جي ڪيفيت ڪهڙي هوندي؟ ۽ جي ان کان پڇبو ادا! ميلي جي خبر ڏي؟ تہ همراهہ صفا معصوم بڻجي چوندو "يرا ميلي ۾ مزو ئي نہ هو" ميلي جا مختلف شعبا هوندا آهن ۽ شوقين بہ پنهنجي پسند جي شعبي ڏانهن دلچسپي رکندا آهن. جيئن گيت، گانا، نڙ بيت، ناچ، محفل موسيقي، سرڪس، ٿيٽر، ملهہ، ٻيلاڙو، مناٽي ۽ ڦلن جا رنگ برنگي سينگاريل دڪانن جي ڪشش ميلائن پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندي آهي. ڪيترين ئي شيون ميلن جي سجاٽپ جو اهڃاڻ بڻيل هونديون آهن. سنڌي جي ابوجهہ ماڻهن کي تہ ميلي ۾ "لاهوتي جو اعلان آ " وارا همراهہ بہ 5 روپين جو هوڪو ڏيئي سيڪرين واري ٻاڙهي پاٽي جا ڇئوٽا نوٽ اوڳاڙي ڪتريو وڃن. عام ملاڪڙن ۾ ملهہ "صلاح" ۾ وڙهي ويندي آهن پر وڏن ميلن ۾ پهلوان صلاح کان سوا ملهہ وڙهندا آهن. ان فائينل مقابلي ۾ پهلوان هڪ ٻي جا هڏ گڏ پيچي بہ ميدان مارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ريٽائر گوڏا پڳل پهلوان وري ميلا لڳرائي ان ميدان ۾ نون پهلوانن کي سندرا ٻڌائي پاڻ رڳو هوڪرا ڪندا آهن. ميلن ۾ ڪيترن ئي سرڪسن جي اسٽيج تي اعلان هڪڙا ٿيندا آهن ۽ پردي پويان ناٽڪ ۽ ڊراما پيا هلندا آهن. اسلام آباد واري سرڪس ۾ "ڏاندلي" واري ڊرامي جون ٽڪيٽون هٿو هٿ وڪامي ويون. هي ڊرامو ڏيهہ توڙي پر ڏيهہ ۾ تمام گهڻو مشهور پڻ ٿيو. پر جڏهن هي ڊرامو بہ اسٽار پلس جي ڊرامي "ساس ڀي ڪڀي بهو ٿي" جئين اشتعارن جي ڪاروبار جي ڪري اڻ ڪٽ قسطن سبب ڊيگهہ ڪري ويو تہ حاضرين ۽ ناظرين تاريخي بوريت جو شڪار ٿي ويا. نتيجي ۾ ميلي جي رونق وڃائجي وئي. ڪيترن ئي ميلن جون تاريخون اڳواٽ "منتظمين" پاران مقرر ٿيل هونديون آهن. پر اوچتو لڳايل ميلن جي لاءِ "واڳ ڌڻين" کان موڪل وٺڻ ضروري آهي. بنان اجازت ۽ صلاح مصلت کان

سواءِ مچايل ميلن ۾ بد نظمي تہ فطري عمل آهي. ميلن ۾ ”شوقينن“ پاران ڏاند، اُٺ، ۽ گهوڙن جي ريس جا مقابلا ۽ رڇ ڪتي جي ويڙهہ ۾ بہ ويچارا گگدام جانور بي مقصد رتو رت ڪرايا ويندا آهن. ڪاش رت ۾ رنگيل جانورن کي اهيو عقل اچي تہ ”اسين مسڪين جانور پاڻ ۾ پيائر آهيون، اسان جو پاڻ ۾ ڪو بہ سياسي سماجي ۽ ذاتي اختلاف نہ آهي پوءِ پرائي ٻچ تي پنهنجن جو رت ڇو وهايون؟“ ميلن سبب سداين برن ۾ بهاريون لڳنديون آهن پر ڪي انوکا ميلا منگل کي جهنگل ٺاهيو ڇڏين. ميلا ختم ٿيڻ کانپوءِ اُتي رڳو ٿيلهيون ۽ ڪاغذ اُڏامندي نظر اچن ٿا. پر عمران خان ۽ مولانا قادري پاران اسلام آباد ۾ لڳايل ميلن ۽ ملاکڙن ۾ تہ ميلائين ڪفن پوش ٿي پارليامينٽ اڳيان قبرون پٽي ڪوٽيون. ۽ هر طرف شيل، غليل، ڏنڊا، ۽ ڌڪاءُ هو. وقت بدلجي ويو آهي تنهڪري هاڻ شايد ميلن ۽ ميلاين جون تقاضائون تبديل ٿي چڪيون آهن.

تنهنڪري ميلي ۾ مزو هجي يا نہ هجي پر عادتي ميلائي ميلي ۾ ضرور ويندا آهن. ميلي ۾ ”ڪمائي“ جا ڪوڙسارا ذريعا ۽ وسيلا پيدا ٿي پوندا آهن. ٻين مزدورن سان گڏ شيخ رشيد جهڙن سياسي همالين کي بہ روزگار مليو وڃي. جيڪي آمريت جي ٻوري کي ڪلهو ڏيڻ لاءِ هر وقت سندرا ٻڌيو پيا تاڙو ڪيا ڪندا آهن. ميلي ۾ هر وکر پنهنجي اگهہ وڪاميو وڃي. هر طرف استال لڳل هوندا آهن. پائو! هن پاسي، ڊولڻ هن پاسي جا هوڪا ڏيان چڪائين ٿا. مير، پير، رئيس، سردار ۽ وڏيرا پنهنجي ناموس لاءِ ميلن ۾ اوطاقون لڳائيندا آهن. سندن اصل اوطاقن تي پلي ڪڪڙو ڪو لڳي پئي هجي. گوبل وڪٽي بہ ميلي ۾ اوطاق لڳائڻ لازمي آهي. مولانا قادري وري سياسي ميلن کي نئون ٽرينڊ ڏنو جنهن ميلي ۾ اوطاق بجاءِ ڪنٽينر لڳايو. مولانا قادري بلٽ پروف ڪنٽينر ۾ ويهي چوندو آهي ”مين گوليون سي نهين ڊرتا“ ڪنٽينر شو ڪامياب ويو يا ناڪام پر بہ تي ڏينهن زباني ذائقي ڪارڻ سٺو ميلو متل هو.

عمران خان جي ميلي ۾ وري نازڪ صنف جي وڏي شرڪت جي ڪري ملڪ جو ٻيو نوجوان نسل بہ عمران خان جي سڏ ۾ سڏ ڏيئي لبيڪ چوندو اسلام آباد جي ميلي ۾ پهتو هو. اهو مثال هو پنهنجي قائد سان محبت جو. جنهنڪري برسات توڙي سردي ۾ ان ميلي ۾ ماڻهو ماڻهو سان لڳو وينو هو.





# هاڻ ڪجهہ ڪجي ؟

سنڌ ۾ هڪ ڊگهي عرصي کان علي قاضي صاحب تبديلي جي ڳالهہ ڪري ”نيٺ ڇا ڪجي ؟“ جي موضوع تي هڪ زبردست بحث شروع ڪيو آهي. جنهن عنوان تي ڪافي تعداد ۾ سنڌ جا پڙهيل لکيل ماڻهو وقت بہ وقت حصو وٺندا رهيا آهن. پر سنڌ ۾ اهڙي ڳالهہ ڪرڻ کان اڳ سنڌ جي ماضي جي سياسي ۽ سماجي شعور ۽ نفسيات تي وڏو غور ۽ فڪر ڪرڻ جي ضرورت آهي. پنهنجي محبوب وطن سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ سنڌ جو ماضي پرامن سياسي جدوجهدن ۽ پر تشدد گوريلا جنگن سان ڀريو پيو آهي. عشق، جنگ ۽ جدوجهدن ۾ هار ۽ جيت جي سوچ کان وڌيڪ ثابت قدم ٿي ميدان عمل تي عقل ۽ بهادري سان ٻيهڻ قومن کي عظيم فتح سان همڪنار ڪندو آهي. سنڌ توڙي سموري دنيا ۾انهن تاريخي جدوجهدن جي قيادت ڪندڙ اڳواڻ بہ عملي طرح جدوجهد جي ميدان تي ساهہ جي آخري گهڙي تائين ثابت قدم رهيا. روس، چين، ويٽنام، ڪيوبا اسان جي سامهون شاندار مثال آهن. جنهن ۾ لينن، مائوزي تنگ، هوچي منهہ، ڪاسترو ۽ چي گويرا جهڙن اڳواڻن پنهنجي عوام لاءِ زندگي جو هر پل موت سان مهاڏو اٽڪايو. نتيجي ۾ ڪين تاريخي سوڀ نصيب ٿي جنهن نہ رڳو انهن قومن جو فخر وچان ڳاٽ اوچو ڪري ڇڏيو پر انهن قومن جي تقدير بہ انقلابي طرح تبديل ٿي هڪ مثال بڻجي وئي. هن بحث ۾ حصو وٺندڙ اڪثر دوست اناهزاري ۽ ارويند ڪيجريوال جو مثال ڏين ٿا. انهن جي جدوجهد ۽ سچائي کان انڪار نٿي ڪري سگهجي، پارٽي ماڻهو نواڻ جي ڳولا ۾ آهن جنهن ڪري انهن ماڻهن پارٽي جنتا پارٽي ۽ ڪانگريس جي پيٽ ۾ عام آدمي پارٽي کي اهميت ڏيئي ڪين تاريخي ڪاميابين سان همڪنار ڪيو. پر جي عام آدمي پارٽي بہ انهن مظلوم ماڻهن جي خواهشن تي پوري نہ لٿي تہ مستقبل ۾ دوڙ ٿي ويندي. ان پارٽي کي ختم ڪرڻ لاءِ بي جي پي ۽ ڪانگريس کي اتحاد ڪرڻو پيو تڏهن بہ ڪندا پر ڪيجروال جو ڪلياڻ قومي فرض سمجهي ڪندا. پر اسان وٽ پنهنجي

ڏرتيءَ سنڌ تي پڻ تبديليءَ جدجهدن جا شاندار ۽ تاريخي مثال موجود آهن. سنڌ جي گهڻي ماضي کي ڇڏي صرف شهيد شاهه عنايت جي نعري "جيڪو ڪيڙي سو کائي"، جرنيل شهيد هوش محمد شيدي "مر ويسون سنڌ نه ڏيسون" پر ان نعري ۾ اياز لطيف پليجي صاحب زبردست تبديلي ڪئي ته مرڻ وارو وقت ويو پر هاڻ "مار سون مارسون، سنڌ نه ڏيسون" انگريز فرنگين کي پنهنجي مقدس ڌرتي ماءُ تان تڙڻ لاءِ حُر تحريڪ پاران "وطن يا ڪفن" جي نعري تي ٿيل سنڌ جي تاريخي گوريلا ويڙهه، ڪارونجهر جي ڪور تي سنڌ وطن جي عظيم شهيد روپلي ڪولهي جي ڪاتر جا ڪڙڪاٽ، باباءِ سنڌ جي هاري ڪميٽي جون جدوجهدون، اينٽي ون يونٽ تحريڪ، سنڌ جون زمينون نيلام بند ڪريو تحريڪ، ووٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپايو تحريڪ، جمهوريت جي بحالي لاءِ ايم آر ڊي تحريڪ،ڪالاباغ ڊيم خلاف سنڌي عوام جي پرامن جمهوري جدوجهد، مشرف دور ۾ سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشون ۽ انهن خلاف سنڌي عوام جون شاندار اجتماعي جدوجهدون، مهاجر صوبي ۽ ٻٽي نظام خلاف سنڌ پاڻ ملهايو آهي. اهي تاريخي جدوجهدون سنڌ جي مضبوط اجتماعي سوچ ۽ بلند سياسي شعور جي نساندهي ڪن ٿيون. علي قاضي بنيادي طرح هڪ صحافي آهي. سنڌس قلم جي طاقت کان انڪار نه آهي پر سنڌ هن وقت انتهاپسندي، وڏيراشاهي، جاگيرداري، دهشتگردي، لاقانونيت، رشوت خوري، مهانگائي ۽ تعليمي تباهي جي ور چڙهيل آهي. ايترن خطرناڪ ۽ سنگين مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ هن وقت قلمي بحث مباحثن سان گڏ باقاعدي عملي جدوجهد جي سخت ضرورت آهي. ڪجهه سال اڳ علي قاضي درياهه جو ڏهارو ۽ ثقافت جو ڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪيو ته سنڌ کيس شاندار موٽ ڏني. پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت کي زندهه رکڻ لاءِ ڏنل سڏ شاندار قدم آهي. علي قاضي جي ان سڏ تي سنڌ گڏ ٿي کيس وڏو مان ڏنو. سنڌ ۾ تبديلي ۽ سنڌ جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سياسي طرح پرامن جمهوري جدوجهد واري پارٽي جي ضرورت آهي.





# هرڻ هنيلا بيٺا سوچن.

يارهن سيپٽمبر 2014ع جي ڪاوش ۾ ڊورو نارو جي خبر پڙهي تمام گهڻو افسوس ٿيو جنهن ۾ ڏڪاريل ڏيهه جي مسڪين ماروئڙن ۾ امداد ورهائڻ لاءِ ويل هڪ سماجي اداري جا آفيسر پنهنجي زباني ذائقي خاطر ڳوٺاڻن جي غريباڻي دسترخوان تي هرڻ جي گوشت جي فرمائش ڪئي. وڻ، پکين ۽ جانورن کي پنهنجي ٻچن جيان سمجهندڙ ماروئڙا مجبور ٿي هرڻ کي ماري سندن اڳيان پيش ڪيو. موٽ ۾ کين امداد ڏني وئي. اين جي اوز توڙي ٻين سماجي ادارن جي پروگرام ۾ اهيو اصول قطئي طور شامل نه آهي ته هو جنهن سماج ۾ عوامي ڀلائي خاطر ڪم ڪن ۽ اُتي ئي پنهنجيون شاهي فرمائشون ۽ فرمان جاري ڪري فطرت جو قتل ڪرائن ۽ مجبور ماڻهن جي غربت ۽ اڻجهاڻپ جو ناجائز فائدو وٺن. اين جي اوز ۽ سماجي ادارن جي رنگين دنيا ۾ "اخلاقيات" بابت تمام گهڻا ليڪچر پروگرام، تربيتي ورڪشاپ ۽ جاگرتا لاءِ سيمينار وغيره ڪرائي کين سماجي قدر سيکاريا ويندا آهن. پوءِ الئه ته ڇو سماجي اداري جا آفيسر ڊورو نارو جي ڳوٺاڻن کان امداد جي عيوض معصوم هرڻ جو خون ڪرائي ڳاڙهي ٻوڙ جي فرمائش ڪئي؟ ڳئون جي نسل بچائڻ لاءِ ڪرشن ڀڳوان جون ڪوششون ۽ وڻ، پکي ۽ جانورن جي تحفظ لاءِ اشوڪ آعظم تمام زبردست ڪم ڪيو. ماحوليات کي بچائڻ لاءِ سندن ڪردار ساراهه لائق آهن. هن وقت اسان جي خطي ۾ ماحوليات ۽ جانورن جو تحفظ ۽ نسل بچائڻ لاءِ خود انهن سماجي ادران ۽ اين جي اوز وٽ وڏا پروجيڪٽ ۽ پروگرام آهن. گهوڙن ۽ مورن جي نسل بچائڻ لاءِ سنڌ ۾ اين جي اوزي پروجيڪٽ هليا، پوءِ انهن جي نسل جي بچاءُ ۽ افزائش تي انهن پروجيڪٽن جي چوکڙن مان ڪيترو لاڳاپيل مقصد تي ڪم ٿيو؟ اهو وري جدا موضوع آهي. پر جيڪڏهن انهن معصوم جانورن جي تحفظ جا رکوالا ئي سندن قاتل بڻجي پون ته پوءِ

عام ماڻهو تي ڪهڙي ميار؟ هن وقت سنڌ ۾ هرڻ، روجهه، ڦاڙا، جهنگلي سهو، مور، اڇڙو تتر ۽ ڪارڙي تتر جو نسل سخت خطري ۾ هئڻ ڪري ناياب بڻجي ويو آهي. انهن معصوم ۽ ناياب پکين ۽ جانورن جي بچاءُ لاءِ وائلڊ لائف کاتو موجود هوندي به ڪو تحفظ نه ڪري سگهيو آهي. جنهن ڪري هاڻ صورتحال تمام ڳنڀير ٿي وئي آهي. خوبصورت پکين ۽ جانورن جي نسل ڪشي سبب انهن جو نسل ناياب ٿي ويو آهي. ترقي يافته ملڪن ۾ جانور ۽ پکين جي تحفظ لاءِ سخت قانون جُڙيل آهن. جنهن ڪري اُتي جي عوام به ان قانون جو وڏو احترام ڪندي آهي. اسان جي پاڙيسري ملڪ ڀارت ۾ نامياري فلمي اداڪار سلمان خان 2 ڪاري نسل جا هرڻ شڪار ڪيا هئا مٿس اهو ڪيس وڏي عرصي تائين اعليٰ عدالتن ۾ هلندو رهيو، ان نامياري اداڪار سان ڪا رعايت نه ٿي. ٻي طرف اسان جي ملڪ ۾ غير قانوني شڪار سبب انهن معصوم جانورن جو نسل ختم ٿيڻ تي آهي. پر ذميوار اختياريون غفلت جي ننڊ ۾ ستل آهن. سنڌ جي باشعور، ساڃاهه وندن ۽ لاڳاپيل کاتي جي اعليٰ اختيارن کي سنڌ جي ماحوليات، ناياب جانور، وڻ ۽ پکين کي بچائڻ لاءِ سنجيدگي سان سوچڻ جي سخت ضرورت آهي.

ٿر جا چونڊيل نمائيندا ۽ بااثر ماڻهو ٻاهرين دوستن، يارن ۽ احبابن کي شڪار جون دعوتون ڏيئي پنهنجي ئي ڌرتي تي خوبصورت پکين ۽ ناياب جانورن جو ڪوس ڪرائين ٿا. گهڻو ڪري ته انهن جي شوق ۽ شڪار جون خبرون ٿر جي صحرا ۾ گم ٿيو وڃن پر جي ڪا اُڙي ٽڙي خبر ميڊيا جي نظر ٿي وئي ته به مقرر معمولي ڏنڊ آڇا ٿيو وڃن.

معصوم هرڻن ۽ تلورن کي قتل ڪرڻ ڪهڙي فخر جهڙي ڳالهه آهي؟ ۽ انهن کي بي دردي سان قتل ڪري لينڊڪروزر گاڏين جي بانٽ تي رکي فوٽو سيشن ڪرائڻ به ڪهڙو ڪارنامو آهي؟ بي زبان جانورن جي تحفظ جي رکوالي حڪمرانن تي ناهي ڇا؟ قانون جي پاسداري جي پابندي چونڊيل نمائيندن ۽ اين جي اوز جي ناهي ڇا؟





# ويا مور مري...

ٿرپارڪر ضلعي ۾ هڪ ڊگهي عرصي کان مور مرڻ جون رپورٽون شايع ٿي رهيون آهن. ميڊيائي رپورٽن موجب ٿر ۾ هيستائين ”راڻي کيت“ نالي بيماري ڪائنات جي فطري سونهن جا خوبصرت رنگ رکندڙ مور پکي کي هزارن جي تعداد ۾ موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو آهي. ڇو ته ٿر ۾ مور جو نسل اڳ ۾ ئي سخت خطري هيٺ هو ٻي طرف بيرحم شڪارين پاران وسڪاري جي مند ۾ آري تي ويٺل ڍيلن جا آنا ۽ ننڍڙن ٻچڙن کي چوري ڪري وڪرو ڪرڻ سبب هن خوبصورت پکي جو نسل ناياب ٿي چڪو هو. هڪ طرف شڪارين پاران مورن جي اسمگلنگ جو ڪڌو ڪاروبار جاري هو ته ٻي طرف راڻي کيت جهڙي خطرناڪ بيماري سبب ٿر جي مورن ۾ موت جي شرح ٻيڻي ٿي وئي. ٿر ۾ مورن جي غيرقانوني شڪار ۽ بيماري جي علاج نه ٿيڻ جي ٻنهي سببن جا ٻه ذميوار کاتا وائلڊ لائف کاتو ۽ گيم وارڊ پڻ موجود آهن. ان جي باوجود به ٿر جي معصوم مورن کي بچائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ بجاءِ گوٺناٿ ڪري غيرذميواري جو مظاهرو ڪيو ويو. اڃا تائين ٿر جي معصوم مورن تان موت جو راڪاس نه ٽريو آهي نه ئي ٿر جي مورن جي درد جي دوا ٿي سگهي نه ئي بااثر شڪارين تي پابندي عائد ٿي. جڏهن به ميڊيا ان معاملي کي منظرعام تي آڻيندي آهي تڏهن لاڳاپيل کاتن جا ذميوار آفيسر صرف ڏيکاءَ خاطر ضلعي هيڊڪواٽر مٺي جي آسپاس ۽ ويجهڙائي وارن ڳوٺن ۾ صرف نالي ماتر دوا درمل ڏيئي فوٽو ڪيرائي ”سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي“ جا بيان جاري ڪري پاڻ آجا ٿيو وڃن. ذميوار ادارن پاران مورن جي ڪيڏاري تي مجرمانه خاموشي وقت جو وڏو الميو آهي. انهن کاتن پاران مورن ۾ آيل خطرناڪ بيماري جي روڪٿام لاءِ ڪو به عملي قدم کڻي پکين ۽ جانورن جي ڪنهن خاص اداري کان راڻي کيت بيماري بابت ريسرچ ڪرائي بيماري جو علاج ڳولڻ بجاءِ مورن کي موت جي حوالي ڪيو ويو آهي. جنهنڪري وقت به وقت ٿر

۾ مورن جي مرڻ جون خبرون مسلسل ميڊيا جي زينت بڻجنديون رهيون آهن. هڪ ڊگهي عرصي کان ٿر ۾ خوبصورت پکين تي موت جو راڪاس رقص ڪري رهيو آهي جيڪو ڪائنات جي فطري سونهن جو وڏو سانحو آهن. سوال اهيو آهي تہ ذميوار اختيارن پاران هيستائين انهن معصوم پکين جي زندگي بچائڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءُ ورتا ويا آهن؟ قدرت جي هن عظيم تحفي کي بچائڻ ۽ ان جي نسلي واڌ ويجهہ لاءِ قدم کڻڻ ڪنهن جي ذميواري آهي؟ گرمي پد وڌڻ سبب موسم جي عالمي تبديلي (گلوبل وارمنگ) جا اثر سڄي دنيا سميت ٿر تي بہ خطرناڪ حد تائين پيا آهن. جنهنڪري ٿر جي موسم جو فطري توازن پڻ برقرار نہ آهي. ان سبب ٿر مان بارشون رُٺل هُئڻ ڪري ڊگهي عرصي کان ڪاري ڏڪار جي شديد صورتحال برقرار رهندي آهي. ٿر ۾ ڪاري ڏڪار جا خطرناڪ اثر نہ رڳو اشرف المخلوقات تي پيا آهن پر ڪاري ڏڪار جي لپيٽ ۾ آيل ان علائقي جا پکي، جيت، جانور، وڻ ۽ ٻوٽا پڻ ڏڪار جي زد ۾ ٻٽي عذاب ڀوڳيندا آهن. ٿر ۾ مورن جي بيماري جا ٻيا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا پر ان ۾ چوڳي، پاڻي جي کوٽ ۽ وائرل بيمارين جو سبب بہ اهم حيثيت رکي ٿو. ٿر ۾ موت جو شڪار ٿيل مورن جو انگ ميڊيا ۾ آيل انگ کان اُنڪري بہ ٻيڻو هوندو جو ميڊيا جي اک ۾ تہ فقط اهي مري ويل مور رڪارڊ ٿيا هوندا جيڪي انساني آبادي وارن ڳوٺن جي آسپاس مئل حالت ۾ ڏٺا ويا هوندا پر ٿر جي وسيع جهنگل ۾ جيڪي مور مري ويا آهن سي تہ ميڊيا جي ڳڻپ ۾ نہ آيا هوندا؟ تنهنڪري سنڌ جي ساڃاهہ وند، فطرت دوست ڌرين ۽ ذميوار اعليٰ اختيارن کي پڻ سنجيدگي سان غور ۽ فڪر ڪري فطرت جي هن عظيم حُسن کي بچائڻ لاءِ تڪڙا عملي قدم کڻڻا پوندا. جيڪڏهن اسان ٿر ۾ مورن جي هلندڙ نسل ڪشي طرف ڌيان نہ ڏنو تہ ممڪن آهي ڪجهہ عرصي کان پوءِ ٿر ۾ مور ناياب بڻجي ويندا ۽ اسان ڪائنات جي هن عظيم حُسن کي بچائڻ ۾ ناڪام ٿي وياسين تہ فطرت جا مياري ٿينداسين.





# تعليم جي تباهي••••••

هي دور اليڪٽرانڪ، پرنٽ ۽ سوشل ميڊيا جي انقلابي عروج جو دور آهي. ڪافي وقت کان ميڊيا تي گوسڙو استادن خلاف هڪ تحريڪ هلي پئي آهي. اها تحريڪ ڪيتري ڪامياب ٿيندي؟ اهيو تہ الگ بحث آهي. باقي اهڙي مهم سان ڪيترن ئي نامور ماڻهن جي خبر پئجي وئي جيڪي سماج سڌارڪ جي چوغي ۾ گوسڙو ماستر آهن ۽ قومي خزاني مان هر پهرين تاريخ تي پگهار کڻڻ لاءِ پهرين قطار ۾ بيٺا هوندا آهن پر اسڪول جو مُنهن ڪڏهن ڪونہ ڏٺو اٿن . اهڙو عمل پيغمبري پيشي سان وڏي خيانت آهي. اهڙي تعليم دشمن ڪردارن جي ڪري محنتي، ايماندار ۽ ذميوار استادن کي بہ معاشري ۾ ساڳي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي. امتحانن ۾ اڪثر ڪنهن زماني ۾ شاگرد امتحان ۾ پاس ٿيڻ لاءِ ماسترکي مٺائي ڏٻو يا ٻانگو ڪُڪڙ ڏيندا هئا. اڄ تہ ايزي لوڊ ۽ ايزي پئسن جو زمانو آهي. مارڪون ۽ اي ون گريڊ بہ تعليمي بورڊن مان بصر جيئن ملن ٿا. پر بحرحال بهترين علم دوست استادن ۽ گوسڙو استادن ۾ فرق واضع ڪرڻ لاءِ امتحاني پرچن ۾ مضمون بہ الگ الگ عنوانن سان ڏيڻ گهرجن "بيسٽ ٽيچر" ۽ "گوسٽ ٽيچر" گوسڙو جي سنڌي ۾ معنيٰ آهي گُسائڻ وارو ۽ انگلش ۾ گوسڙو کي (گهوسٽ) چئبو آهي. جڏهن تہ گهوسٽ جي ٻي معنيٰ ڀوت آهي. سنڌي تعليم ۾ سڌارو ڪيئن آڻجي؟ جي عنوان تي سڄي حياتي اُٺ جي آنڊي جيڏا ليڪچر ڏيندڙ سماجي اڳواڻ بابت پڻ هن مهم ۾ ڀيد کُليو تہ سماج جي تقدير کي انقلابي جذبي سان بدلائڻ جون ڳالهيون ڪندڙ موصوف پاڻ "گوسڙو ماسترن جو سرتاج آهي" ماستري جي نوڪري ملڻ کان ويندي اڄ ڏينهن تائين 20 سالن جي ڊگهي عرصي ۾ استاد صاحب هڪ ڏينهن بہ اسڪول جو منهن نہ ڏٺو آهي. سندس اهڙي

“ڪارنامي” تي گنيز بُڪ آف ورلڊ جي ٽيم ڪي غور ۽ ويچار ڪري اهڙن استاد ڪي اعليٰ ڪارڪردگي ۽ فخر لائق خدمتن جو سرٽيفڪيٽ ڏيڻ گهرجي. تہ جيئن ايندڙ نسلن تائين سندس خدمتن ڪي تاريخ ۾ ياد ڪيو وڃي. سڌريل ملڪ پنهنجي ملڪ جي تعليمي ادارن ڪي بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري پنهنجو مستقبل سڌارين ٿا. جنگ جي صورتحال ۾ بہ انهن ملڪن جا علمي ادارا اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون هر حال ۾ پنهنجو ڪارهنوار جاري رکنديون آهن. انهن ملڪن جي تقدير ڪي بدلائڻ ۾ ايماندار استادن جو وڏو هٿ آهي، ۽ اسان جي تعليم جي بگڙيل حالتن ۾ ڪنهن حد تائين اعليٰ اختيارن، والدين، شاگردن سان گڏ گوسڙو استادن جو بہ وڏو هٿ آهي. هر سرڪاري ملازم عوام جو خادم آهي پر پوءِ بہ استاد ڪي پيغمبري پيشي سبب معاشري ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويجي ٿو.

انهن جون چماٽون اجا ياد آهن،
اڪيون ڪول اي قوم!هي استاد آهن.

شاندار تهذيب، ثقافت رکندڙ ترقي ۽ تعليم يافتہ قومون پنهنجي روشن مستقبل لاء مضبوط تعليمي نظام ۾ يقين رکن ٿيون. تعليمي معاملن ۾ انهن وٽ ڪوتاهي جي ڪا بہ گُنجائش نہ آهي. تنهنڪري سنڌ جي سمورن باشعور،ساجاهہ وندن، استادن، شاگردن ۽ اعليٰ اختيارن ڪي سنڌ جي تعليمي نظام ڪي بچائڻ لاءِ سنجيدگي سان سوچڻ جي ضرورت آهي. گوسڙو استادن خلاف سوشل ميڊيا تي هليل مهم ڪي علم دوست اک سان ڏسڻ گهرجي تہ جئين پنهنجي ذُميواري جي پابند ۽ محنتي استادن جي دل آزاري نہ ٿئي. گڏوگڏ گوسڙو استادن ڪي بہ اسڪول وجي پاڻ تان “گوسڙائپ” جو ڪارو داگ لاهڻ گهرجي. پنهنجي قوم جي ٻچڙن جو مستقبل بچائي، جهالت جا سڀ گس بند ڪيا وڃن. نہ تہ بايو ميٽرڪ سسٽم تہ ڪنهن جو منهن نٿو رکي، سڀ اچا ڪارا پڌرا ٿي پوندا.





# آرت ۾ خوشبوءُ مهندي جي.....

سنڌ لاءِ ڊسمبر جو مهينو خوشين ۽ غمن جو گڏيل ذائقو رهيو آهي. پر گهڻو ڪري هي مهينو ڳرو ثابت ٿيندو آهي. ڊسمبر ايندي ئي هر طرف سياري جي آجيان محبوب احساسن وارا ماڻهو دل سان ڪندا آهن. هي مند ايندي ئي مچ ڪچهرين جون تياريون، ثقافتي ۽ قومي ميلا لڳائڻ لاءِ ماحول ٺهندو پيو آهي. هيل بہ ڌرتيءَ ماءُ سان محبت جا سوين رنگ رچي ويا هُئا. سنڌ جي واهڻ، وستي، ڳوٺ، ڳام، شهر، بازار جي وک وک تي اجرڪ جون ڦليون ۽ ٽوپين جي ٽڪن جا تجلا هئا. سنڌ مُرشد لطيف جي سُر ساموندي جي ڪيفيت ۾ ايڪتا جي انتظارن ۾ بي قرار هُئي.

سر نسريا پاند، اُتر لڳا آ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ سهسين سُڪائون ڪيون.

سنڌ آرس موڙي اُٿي پئي هُئي. هر طرف ڌرتي سان عشق جا وچن ورجايا پئي ويا، اهڙي پلوڙ سمي ۾ صوفي مزاج رکندڙ لطيف سرڪار جي امن جي ڌرتي تي شام غريبان شروع ٿي وئي، هن ڌرتي تي خوشين جا لمحا سنڌ دشمن سامراج جي اک ۾ ڪنڊي جئين هُرندا رهيا آهن.سنڌ صدين کان آهي ۽ رهندي جي صدا سامراج جي ڪنن ۾ گرم شيهي مثل آهي.گهڻو ڪري سنڌ ۾ سال جا پڇاڙڪا مهينا ماتم ارپيندا رهيا آهن. هيل بہ سنڌ ڪي گولين سان پروڻ ٿيل ۽ چچريل لاشن جا تحفا ڏيڻ جي پراڻي روايت ڪي ورجايو ويو آهي. سنڌ جي هڪ شهيد ڪي لحد ۾ لاٿو ويو تہ ٻي شهيد جو چچريل لاش مليو.4 ڏينهن جي مختصر عرصي ۾ سند ڪي شهيد آصف پنهور، شهيد وحيد لاشاري جو رت ۾ رڱيل لاش ڏيئي سنڌ ڪي پنهنجن حقن جي حاصلات جي اهم جدوجهد تان هٽائڻ جي سازش ڪئي وئي آهي.

ڪو ڪئين نہ ٻوڙي مقتل ڏي؟

آ رت ۾ خوشبوءِ ميهندي جي.

درد وندن جي ديس تي سُڏڪن جي رُت جا ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا. سنڌ جي تن تان اڃا دودي سومري جي سوڳ جا ڪارا لٿا بہ نہ لٿا آهن. مٿان ڪنهن چنيسر وقت جي خلجي سان گڏجي ٻيهر سنڌ کي رت سان وهنجاري ڇڏيو ۽ سنڌ ۾ روز دودا شهيد ڪيا وڃن ٿا.

جي تون وڙهندي ماريو ويندين،هن ڌرتي تان تون واريو ويندين،

دودا تنهنجو ساهہ تہ ويندو پر ماڻهو جو ويساهہ نہ ويندو.

سنڌ سان محبت جي سزا ۾ ڪونڌر ڪنا پيا وڃن ۽ گهوٽ گهايا پيا وڃن. هڪ دفعو ٻيهر سنڌڙي جو نالو وڻ ڄڻ ڪاريهر تي پير رکڻ جهڙو ماحول جوڙيو ويو آهي. هڪ طرف سنڌ ۾ هڪ سامراجي سازش تحت بُک، بيروزگاري ۽ بدامني جي باهہ ڀڙڪائي سنڌ جي ڪُک ۾ سنگين ڪوڙيو ويو آهي. تہ ٻي طرف ڌرتيءَ ماتا جي تحفظ لاءِ وطن دشمن قوتن سان اکيون اکين ۾ ملائڻ وارن سورمن کي ڳولي ڳولي شهيد ڪري سنڌي عوام کي لاڏن جا ڇچريل لاش تحفا ڪري ڏنا پيا وڃن. سنڌ ۾ ظلم جي ڪاري رات ۽ سوڳواري جي شامن جا پاڇا ڊگها ٿيندا وڃن. سنڌ جي انهن شهيد گهوٽن جي جسد خاڪي کي ميهندي لاهي، موڙ ٻڌي ۽ ڳيچ ڳائي آخري رسمون ادا ڪندڙ مائرن ڀينرن کي تاريخ بہ احترام ۾ جُهڪي سُرخ سلام پيش ڪندي. وطن لاءِ شهيدن جي لازوال قربانين سان ڌرتيءَ تي انقلاب جو سج اُڀرندو.

ڪيچي ڪاڇوٽي ناگن ٻڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موٽي،
تنهين سندي چوٽي پورب ٿيندي پڌري.

سنڌ سان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتين تي ملڪ جي سرڪار،انساني حقن جا عالمي ادارا غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ گهرجي.سنڌ ۾ وهندڙ رت جي ندين تي سندن خاموشي کي ڪهڙو نانءُ ڏجي؟





# ڳالهين جو ڳِر...

اُت ڪتابن جا اُٿلائي ڏٺاسين جنهن ۾ قديمي ۽ پراڻي اوائلي زماني کي "پٿرجو دور" لکيو ويو آهي. ان دور بابت تاريخ ۾ لکيل آهي تہ تڏهن سائنس ۽ ٽيڪنالوجي نالي ڪا شئي ڪانہ هئي، علم ۽ عقل جو نالو نشان ئي نہ هو ڪو سماجي نظام نہ هئڻ ڪري ماڻهن ۾ ماڻهپو ادب، اخلاق، رحم ڪرم نہ هو رشتن جو تقدس ۽ ساڃاهہ صفا نہ هئي. ان دور جا اڻ سڌريل ڏاڍا ماڻهو ٻين هيڻن ماڻهن تي هلان ڪري انهن جا شڪار ڪري گڏ ڪيل ڪاڌ خوراڪ جا ذخيرا لٽ مار ڪري کٽي ويندا هئا بلڪ انهن هيڻن کي پنهنجو فتح ڪيل غلام ٻڻائي سموري حياتي تذليل جو نشانو ٻڻايو ويندو هو. پٿر جي دور جي ماڻهن کي کائڻ پيئڻ جو سليقو نہ هو. ماڻهو ويچارا ڪچو ڦڪو، اڻ رڌل ڪاڌو کائي پيا هضم ڪندا هئا. موسمي تبديلين کان بي خبر اوائلي ماڻهن جو شديد گرمي ۽ شديد سردي ۾ ساهہ سُڪي ويندو هو. انگ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو لٽو تہ هوئي ڪونہ باقي ماڻهن جي رهائش گهڻو ڪري جابلو غارون ، گهاٽا جهنگ ۽ ٻيلا هئا. باهہ، پاڻي، برسات، زلزلن ، بيماري سميت ٻين قدرتي آفتون جي ڄاڻ نہ هئڻ ڪري اهي خطرناڪ آفتون ڪين لوڙي وجهنديون هيون. اڳاتا ماڻهو هوموايريڪٽس، هوموميگنان، هوموسيپين وغيره ذهني ۽ جسماني طرح اڻ مڪمل ماڻهو هئا. پٿر جي دور ۾ انساني زندگي جا حالات پڙهي الئہ ڇو ڪا خاص حيرانگي نہ ٿي؟ ارتقا جا مشڪل ترين مرحلا طئہ ڪندڙ ڪائنات جي وجود ۾ لاتعداد تضاد اڄ بہ ڪر کنيو بيٺا ضرور آهن. پر پوءِ بہ ڪائنات جي تضاد کي فطري عمل جو حصو سمجهيو وڃي ٿو. ڪائنات ۾ ڪيتريون شيون اڄ بہ مموبٽيل آهن. جيڪي اڃان تائين موٽن دماغن جون ڌڄيون اُڏايو ڇڏين پر پيڇي ۾ نٿيون وهن. هن جديد سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي زماني جي پٿر جي دور سان ڀيٽ ڪندي گهٽين ڳالهين

۾ مت منجهي پوندي آهي. جڏهن هن زماني جي سائنسي ترقي دنيا جي رويـن کي بدلائڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي. نانگ جي ڪکيل ماڻهو لاءِ هن دور ۾ اينٽي سنيڪ وينيم ويڪسين ڇتي ڪُتي جي ڪاڌل ماڻهو لاءِ ويرورب ويڪسين، پوليو، ماتا، مليريا، ڪاري سائي سميت خطرناڪ مرضن جو علاج ممڪن بڻجي چڪو آهي، ماڻهن جا عضوا مشيني اسپئيرپارٽ جيئن بدلايا پيا وڃن، ايڊز ۽ ڪينسر جهڙين لاعلاج بيماري جي علاج لاءِ کوجنا هلندڙ آهي. پر افسوس جديد سائنسي ٽيڪنالوجي جي دور ۾ بہ ماڻهو جي ڏنگيل ماڻهو جو علاج دريافت نہ ٿي سگهيو آهي. شهر اڏجڻ ترقي يافتہ سماج جي تهذيب ۽ تمدن جو اهڃاڻ آهن پر جبلن جي غارن مان نڪرندڙ نئون ماڻهو وڏن شهرن جي جهنگ ۾ ڦاسي پيو آهي. جتي وڏا بنگلا ۽ پلازا ننڍڙين جهوپڙين کي کائي ويا آهن. جيئن وڏيون مڇييون ننڍين مڇين کي کايو وڃن ۽ وڏين مڇين کي وري وڏا اجگر واڳون ۽ مانگر مڇ کايو وڃن. شاهي محلن ۾ رهندڙ نئين دور جو جديد ماڻهو پر ۾ اڏيل غريبن جي جهوپڙين تان سج جا ڪرڻا کسڻ جي ڪوشش ۾ آهي. پر وري جهوپڙين ۾ رهندڙ اڏ ڏاوا ماڻهو رات جو گهري ننڊ جو مزو ماڻين ٿا ۽ محلن ۾ رهندڙ وڏا ماڻهو ٻڪ گورين جو ڪائڻ ڪانپوءِ بہ سڪون جي ننڊ لاءِ ترسن ٿا. ڏاڏو اڄ بہ نسل در نسل هيٺن پورهيتن جي پگهر جي ڪمائي هڙپ ڪيو وڃي. هن نئين زماني جا طاقتور ٽولا ڪمزورن تي ڪاهون ڪري انهن جي جياپي جا ذريعا کسڻ لاءِ پٿر جي دور جي قديم ماڻهو کان وڌيڪ سرگرم نظر اچن ٿا. پٿر واري اونداهي دور جو ماڻهو جاهل هو پر اڄ جي تهذيب يافتہ ماڻهو جون روح کي رهڙون ڏيندڙ عادتون ، انتقام پسندي جي گهٽيا ۽ محدود سوچ ، رجعت پرستي ، اڻ برابري ، اوچ نيچ جو مت پيد، جنگ جو جنون ڪهڙو مهذب پڻو آهي.؟ هابيل ۽ قابيل کان شروع ٿيل خونريزي نئين دور جي جديد ماڻهو تي بہ ڇو دنگ نٿي ڪري؟ پٿر جي دور جو ماڻهو تہ لٺن ، ڏڪن ۽ ڏڦن سان وڙهندو هو پر وسيع دنيا کي گلوبل وليج ٺاهي رهندڙ انساني حقن جو علمبردار ماڻهو ڪلاشن، رائفل، بندوقن، ايٽم بم ، ٻورن ۽ خودڪش حملن سان هن خوبصورت ۽ حسين ڪائنات





کي رت سان وهنجاري ڇڏيو آهي. پٿر جي دور جا ماڻهو گاهہ ڪائي بہ گذارو ڪندا هئا.اڄ بہ ايٿوپيا جهڙن ملڪن ۾ اهڙيون حالتون آهن جتي اشرف المخلوقات اڄ بہ بک جي بدترين بيماري ۾ پساهہ پورا ڪري ٿي. ٿر جا لاتعداد معصوم ٻار غذائي کوٽ ۽ بيمارين جو سهي ۽ وقتائتو علاج نہ ٿيڻ ڪري موت جو شڪار ٿي چڪا آهن ۽ ڪيترائي معصوم اڄ بہ موت جي منهن ۾ آهن. يعني پٿر جي دور ۽ هن جديد دور بابت جيڪڏهن ڪو آدمي ان خوش فهمي جو شڪار آهي تہ هو “نئين دور جو ماڻهو آهي جنهن دور ۾ دنيا ترقين جي بلندين کي ڇهيو آهي” ان خيال تي سوچڻ جي ضرورت آهي. پٿر جي دور ۽ نئين دور جي حالتن تي ٿورو جائزو وٺڻ گهرجي.

شڪاري دور ۾ خوراڪ طور ڪتب ايندڙ پکي ۽ جانور ناياب ڪونہ هئا پر هن اناج جي زراعت واري زماني ۾ ڪيترائي جيوت انسان جي بک جي باهہ ۾ سڙي راک ٿي ويا. انهن جي نسل ڪشي مان ثابت ٿيو تہ انسان فطرت جو ڪيڏو تحفظ ڪيو؟ ۽ هن ڌرتي کي ساهہ وارن لاءِ ٽامون ٻڻائڻ ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪئي نہ ئي ڪا ڪسر ڇڏي آهي.

# چونڊن ۾ قومپرستن جي هارجڻ جا بنيادي سبب ڪهڙا آهن؟

اسان جو ملڪ ٺهي ڪي ڇهون ڏهاڪو پيو هلي.ان وچ ۾ ڪئين لاها چاڙها آيا.لوليون لنگڙيون جمهوريتون، خطرناڪ فوجي راڄ رهيا. دنيا جي ٻين ملڪن ۾ عوامي انقلاب آيا. جن غيرجمهوري فيل مست بادشاهتن جي پاڙي ٻُرجن کي لوڏي ڇڏيو. سامراج جا ڇٽ پٽن سان لڳي ويا.عوامي انقلابي سيلابن اڳيان وڏا وڏا ستمگر ڊڪٽيٽر لڙهي ويا.هن وقت به دنيا تبديلي لاءِ پر ساهي پئي.ان سڄي صورتحال ۾ اسان وٽ اڄ به غلامي جا ڪارا ڪڪر گرجندا ٿا رهن. اسان جي ملڪ جي سياست غريب غُربي جي وس ۾ نه اڳ هُئي نه اڄ آهي. جنهنڪري اليڪشن فقط وڏن ماڻهن جي راند ٿي وئي آهي. سڄي ملڪ جي سياست تي چند سئو خاندان قابض آهن.جيڪي نسل در نسل ابن، ڏاڏن، پڙ ڏاڏن، نانن ۽ تڙ نانن کان وٺي هيستائين موروثي سياست جي واڳ مان هٿ ئي نٿا ڪڍن. اهيو به ڪنهن حد تائين نيم بادشاهتي نظام آهي. اهڙي بي فيض سياست ۾ جمهوريت عوامي خدمت بجاءِ ان طبقي جي ڪمائي جو ذريعو بڻيل آهي.اهڙي پيچيده صورتحال ۾ نظرياتي سياست ڪندڙ قومپرست ڌريون وڏيراشاهي، ميرن، پيرن ۽ سردارن وٽ يرغمال بڻيل نظام ۾ فقط پنهنجي ڌرتيءَ ۽ قوم خلاف ٿيندڙ سامراجي سازشن کي ٻنجو ڏيڻ خاطر گهڻو وقت سياسي جدوجهدن ۽ تحريڪن ۾ وقف ڪري قوم ۽ وطن جي خدمت ڪئي آهي.جنهنڪري انهن جو اليڪشن وارو سياسي مورچو ڪمزور رهيو آهي. نتيجن ان محاذ غيرجمهوري قوتون چونڊجي اينديون آهن.جنهن ڪري قوم جو حقيقي آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچڻ بجاءِ ٽاڪيل ماڻهو راڄ ڪن ٿا. ان سبب جي ڪري عوامي حقن جي لتاڙ ٿئي ٿي.سنڌ





جا قومپرست انفرادي طور ته ڪڏهن اتحاد ٺاهي چونڊن ۾ حصو وٺندا رهيا آهن. پر باقاعدي مضبوط رٿابندي سان اليڪشن کي سنجيدگي سان نه ورتو آهي. ٻيو ته عوام ٻن رخن ۾ هلي ٿو.قومي جدوجهدن جي رخ ۾ سنڌ جو عوام قومپرستن جي سڏ سان گڏ هوندو آهي پر جڏهن ووٽ ڏيڻ جو وقت اچي ٿو ته ساڳيا ماڻهو اليڪشن جي روايتي نعري بازي واري جذباتيت جي لهر ۾ لڙهي ويندا آهن.ان وقت قومپرستن جو ساٿ فقط سندن نظرياتي ڪارڪن ئي ڏيئي سگهندا آهن. ڇو ته گهڻو ڪري قومپرست ڌرين جي هيٺين سطح تي عوامي رابطو تمام گهٽ آهي. باقي عوام جي گهڻي اڪثريت خوف ۽ لالچ ۾ اچي شروع کان ويندي اڄ ڏينهن تائين يرغمال بڻيل آهي. ٻيو سبب هي به آهي ته جتي قومپرستن جي مرڪزي قيادت اليڪشن لڙي ٿي سڄي پارٽي جي سگهه کي اُن ئي تڪ تي استعمال ڪيو ويندو آهي. خرچ به اُتي ئي ڪيو ويندو آهي,جنهنڪري سڄي سنڌ جون نظرون ان تڪ تي کُتل هونديون آهن. باقي جيڪڏهن ان پارٽي جو ٻي ڪنهن تڪ تي اميدوار بيٺل آهي ته ان طرف مرڪزي قيادت پاران لاتعلقي يا ڌيان نه ڏيڻ وارو رويو هار جو سبب بڻجي ٿو. نتيجي ۾ اليڪشني سياست تي قابض بااثر قوتن سان ٽڪر کائيندڙ قومپرست اميدوار خرچ جي کوٽ, محدود مالي ذريعا ۽ اليڪشن جي داءَ پيچ کان اڻ واقف هئڻ ڪري ويڳاڻپ جو شڪار بڻجي اليڪشني آکاڙي جي سگهارين قوتن اڳيان جٽاءَ نه ڪري سگهندو آهي. پر جيڪڏهن مسلسل هر اليڪشن ۾ قومپرست ڌريون محنت سان حصو وٺنديون رهيون ۽ پنهنجي سياسي غلطين جو تنقيدي جائزو وٺي بهتري طرف وڌنديون رهيون ته مستقبل ۾ انقلابي نتيجن جي اميد ڪري سگهجي ٿي.

# بُحرانن کي حل ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيل بُحران

اسان جي پياري ملڪ ۾ هر وقت مختلف قسمن جا سياسي بُحران ڪر ڪٽندا رهندا آهن. هون ته بُحرانن جي ڊگهي تاريخ رهي آهي پر مختصر طور ملڪ ۾ بُحرانن جي بُحران سبب وڏا بُحران پيدا ٿيندا رهيا آهن. وقت به وقت بُحرانن جي ڪوٽ کي مد نظر رکي نون گهاڙيتن جا بُحران پيدا ڪيا وڃن ٿا. وڏي عرصي کان جلسن ۾ اڳواڻن توڙي ڪارڪنن جون زبانون پڻ ترڪيو وڃن تنهنڪري هاڻ جلسن ۾ نعرن جو پڻ بُحران نظر اچي ٿو.ملڪ ۾ بصر، پٽاٽا، تيل، گيس، بجلي جي بُحرانن ماڻهن جون متيون مُنجهائي ڇڏيون آهن. پاڻي جي بُحران سبب زرعي جنسن ۾ خوراڪ جو بُحران پيدا ٿي ويو. معنيٰ ته سيڙپ ڪارن پاران شين جو اگهه ييٽو وصول ڪرڻ لاءِ مصنوعي طور بُحران پيدا ڪيا ويندا آهن. سياسي بُحرانن جي ٻِڏي جا واپاري به ڪاروبار ۾ ساڳئين قانون جا پابند آهن. اسان جو ملڪ شروع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين لاتعداد بُحرانن کي مُنهن ڏيندو رهيو آهي.امن ۽ انصاف جو بُحران ،عدليه آئين ۽ جمهوريت جو بُحران ، سياسي سماجي ۽ انساني حقن جا بُحران ملڪي تاريخ ۾ وڏو مسئلو بڻيل رهيا آهن. بُحرانن جي تخليقڪارن پاران پنهنجي وس آهر بُحران پيدا ڪري ۽ اُن کي پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ ڊگهي عرصي تائين برقرار رکڻ لاءِ ننهن چوٽي جا زور لڳايا وڃن ٿا. ملڪ ۾ بُحرانن واري موضوع تي تحقيق ڪجي ته هيستائين آيل بُحرانن پويان ڪهڙيون تاريخي حقيقتون لڪل آهن ۽ انهن بُحرانن جو ذميوار ڪير آهي؟ ملڪ ۾ سياسي بُحران پيدا ڪرڻ جا ماهر سياسي مستري تري تي جمهوريت ۽ پوٺي تي انقلاب جي ڳالهه ڪري ملڪ ۽ عوام کي بُحرانن جي ور چاڙهي





پاڻ به بُحران جي سونامي جو شڪار ٿي ويندا آهن. هڪ بُحران کان بچڻ لاءِ ٻيا بُحران پيدا ڪيا وڃن ٿا. بُحران مختلف قسمن جا ٿيندا آهن. سياسي بحران، سماجي بحران، عقلي بحران، ايمان جو بحران، امن، عدل انصاف جو بحران، علم، ادب، شعور جو بحران، پيار، محبت، قرب، ڀائيچاري جو بحران، ٻڌي، اتحاد، ايڪتا جو بحران، حق ۽ سچ جو بحران هن دنيا لاءِ وڏو سانحو آهي. هتي ڇڻ بُحرانن جون ڪاٽيون موجود آهن. بحران ڪرت ۽ ڪاروبار بڻجي چڪو آهي. تنهنڪري بحران جا واپاري ئي بحران جي ڏنڊي کي وڌائڻ خاطر سرگرم هوندا آهن. انهن واپارين جي دلچسپي مان ثابت ٿيو ته ملڪ مان بُحرانن جي ختم ٿيڻ واري امڪان کي مڪمل طرح رد آهي. هن پنهنجي ملڪ جي ماڻهن لاءِ نچ، نبار ۽ سستا بُحران پيدا ڪري قوم ۽ وطن جي بي لوٺ "خدمت" ڪئي پئي وڃي. ملڪ جي سياسي صورتحال ساز گار نه هئڻ ڪري آمريڪا، برطانيا ۽ عرب ملڪن کان امپورٽ ٿيل بُحرانن جا ڪنٽينر هاڻ مدي خارج ٿي ويا آهن. ۽ مدي خارج بُحران صحت لاءِ نقصان ڪار آهن. اپوجهه عوام بُحرانن جي فلسفي کي سمجهي چڪي آهي. هُنن کي خبر آهي ته انهن بحرانن مان کين ڪيترو فائدو ۽ ڪهڙو نقصان ٿئي ٿو؟

جنهن ڏينهن ماڻهو بحرانن جي سياسي ڪاروبار کي سمجهي ويا ان ڏينهن مارڪيٽ ۾ بحرانن جي بازار بند ٿي ويندي. جڏهن عوام اُٿي پئي ته دوکي جون ديوارون ڪري پونديون. پاري برجن ۾ نه رڳو لرزش ايندي پر ڪري ڦاڪو ڪندا. ماڻهو وهه جو ڊڪ بڻجي جڏهن ترڪ عوام جيئڻ ميدان تي ايندا ته ڪو بحران نه ايندو. آمريت جا ابا ڏڙن ۾ لڪي ويندا نه ته عوام کين اُڌوڙي ڇڏيندو.

# تنهن پاڻي پُنا ڏينهڙا

پاڻي جو مسئلو جيئن پو تيئن سنڌ ۾ پيچيده صورتحال اختيار ڪندو وڃي. جنهن ڪري سنڌ مسلسل پاڻي جي کوٽ جي ڪري بنجر بڻجي رهي آهي. پر ان خطرناڪ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اعليٰ اختيارن پاران لاتعلقي سنڌ کي وڏو نقصان ڏيندي. "ارسا" ۾ سنڌ جي نمائيندن پاران سنڌ جي پاڻي جو ڪيس ڪڏهن مضبوطي سان وڙهيو ويو آهي؟ پنجاب پاڻي ناهن تي ڪڏهن پابندي سان عمل ڪيو آهي؟ جنهنڪري سنڌ سان سدائين ناانصافي ٿيندي رهي آهي. پاڻي جي 91ع واري ناهه، 3 درياهه وڪجڻ، ڊائون اسٽريم ڪان پاڻي هيٺ ڇڏڻ، موڳا ٽوڙڻ بابت ڪو قانون تي عمل ٿيو ئي ناهي. سال 2010ع ۾ 2011ع واري ٻوڏ ۾ ته "پاڻي متي جهوپڙا مورک اُڃ مرن " واري صورتحال هئي پوءِ ته هر طرف گهوڙا ڙي گهوڙا بجاءِ پاڻي ڙي پاڻي پڇو ڙي پاڻي جا سڏ ۽ پڙاڏا هئا. سنڌو درياهه به "ڪڏهن من ماڪوڙي ڪڏهن ڪيهر شيهن" آهي. وڏي ادا پنجاب پاران شيهن درياهه کي سنگهرون وجهڻ جي ڪوشش ڪنهن حد تائين فطرت سان هٿ چراند ۽ نندي ڀاءُ جي حق ڦٻائڻ اصولي طور غير جمهوري حرڪت آهي. وڏڙن چيو آهي ته "پاڻي لٺ سان جدا نه ٿيندو آهي " تڏهن ته وڏو ادا سنڌو درياهه جي پاڻي کي لٺ سان جدا ڪرڻ بجاءِ وڏا ڊيم ناهي بند ڏئي پاڻي کي جدا ڪيو آهي.

متو آهين مڇ، ٿلها ٿو ٿونا هڻين،
جاتو پائين اڇ ،تينهن پاڻي پُنا ڏينهڙا.

پاڻي وڏي نعمت آهي پر ان نعمت تي سنڌ جو حق گهٽ سمجهيو وڃي ٿو. سنڌ جي پاڻي تي فيل مست انگريز بادشاهه جي دور کان ڌاڙن جي شروعات ٿي هئي جيڪا اڄ ڏينهن تائين جاري آهي ڪڏهن ته درياهه بادشاهه جي اوج ڏسي مرشد لطيف به چيو.

" دهشت دم درياهه ۾ جت جايون جانارن "





۽ درياهه ۾ پاڻي جي برڪت جي ڪري سنڌ سرگ جو ڏيک ڏيندي هئي. تڏهن ته سائين سرويچ سجاولي به لکيو ته "جنت الفردوس آهن ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون " پر پاڻي جي کوٽ سبب سنڌ جي اڄوڪي صورتحال تي آفتاب ڪلوئي جي شاعري ۾ سنڌ کي هين پسي سگهجي ٿو

اڄ سُڃيون سُنسان آهن،
ٻئي ڪنڌيو مهراڻ جون .

اهو تاريخي حقيقت آهي ته سنڌ جي تاريخ ۾ پاڻي جي مسئلي تي سڀ کان گهڻا احتجاج ڪيا آهن. هر وقت سنڌ مان "پاڻي ناهي چو پلا ڪربلا ڪربلا" جون صدائون گونجنديون رهن ٿيون. پر هن ديس جا راجا ملڪ مڙوئي منائي جا بيان جاري ڪيو اگهور ننڊ ۾ سُتل آهن. پاڻي جي کوٽ ۾ سڄي سنڌ متاثر ٿي آهي پر خاص طور تي ڏاکڻي سنڌ صفا بنجر بڻجي وئي آهي. هتي هاڻ فصل ته ڪڪرن جي آسري تي سڪي رهيا آهن. پر مُڙدن کي تڙ ڏيڻ لاءِ به پاڻي نه آهي. اُتي هاڻ پهرين درجي واري سبق ادا آ، پلي آ، پاڻي پي، سدا جيءَ ۾ ترميم جي ضرورت آهي چو ته جتي پاڻي آهي ئي ڪو نه اُتي ميزبان مهمان کي پاڻي جي ڪهڙي صلاح هڻندو؟ اڳي گهر جا وڏڙا صفائي سُترائي جا هدايت نامه جاري ڪندا هئا. امان مونکي ڊوڙائي ڊوڙائي ٻارڙن جي فوج هٿان گرفتار ڪرائي جبري طور وهنجاريندي هئي. هاڻ جيجل چوي ٿي ته ٻچڙا! پاڻي آهي ڪونه تنهنڪري هر مهيني جي سائي سومر تي وهجندا ڪريو. يا ڪپڙو پُسائي بدن کي هڻو. ڊگهي زماني کانپوءِ گوڏ ٻڌي وهنجڻ لاءِ غسلخاني تي ڪاهه ڪري وڃي نلڪو کوليم ته نلڪو ويچارو وهڻ بجاءِ ٿي ڦڙا لڙڪن جيئن پاڻي هاري روئي پيو. چيائين بس ادا! منهنجي پڄت ايتري هئي. پاڻي ڪاتي جي اڪابرين جو خيال آهي. ته سنڌ جا ماڻهو پاڻي لاءِ جدوجهد ڪرڻ بجاءِ اُڏارا آڻي آونگ چاڙين ۽ ڪارڙو ڪمبارڙو ڪن ته جيئن بارشون وسن باقي سيڊا، ايريگيشن، ارسا، جهڙا ادارا خبر ناهي ڪهڙي درد جي دوا آهن.؟

# اڄان تہ رڻ گجي........

خاموشين ۾ ساهہ وجهڻ خاطر سنڌ جا باشعور ماڻهو اونڌاهي ٻاٽ ۾ انقلاب جي لاٽ ٻارڻ جي مسلسل ڪوشش ڪري رهيا آهن. ان ڪوشش ۾ ڦاهيون، ڦٽڪا، جيلون ۽ شهادتون ديس ڀڳتن جو مقدر بڻبيون رهيون آهن. ڌرتيءَ جا عاشق پتنگا مچ تي مڙي ساهہ گهورڻ جي روايت کي برقرار رکيو اچن. اڄ بہ جڏهن سنڌ جو سڏ ٿئي ٿو تہ پتڪي ور پهچي وڃن ٿا. جنهن جو مثال ماضي جي سنڌ جي مزاحمتي تاريخ آهي. جنهن ۾ سنڌ هيمون، هوشو دولهہ درياهہ خان، شهيد صبغت الله شاهہ راشدي، روپلي ڪولهي جئين جنگ جي ميدان تي ثابت قدم ٿي پنهنجي ڌرتيءَ جي بچاءَ، حق حاڪميت، تشخص جي بحالي ۽ وجود جي جنگ وڙهي آهي. سنڌ جي ارڏن جي اڻڪي پوڻ واري تاريخ سنڌ دشمنن جي دل تي داغ آهي. ويجهي ماضي ۾ سنڌ جي اجتماعي حقن جي حاصلات لاءِ هلندڙ جدوجهدن ۾ سنڌ پاڻ ملهايو آهي. اينٽي ون يونٽ تحريڪ، سنڌ جون زمينون نيلام بند ڪريو تحريڪ، ووٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپايو تحريڪ، ايم آر ڊي تحريڪ، ڪالاباغ ڊيم ۽ گريٽر ٿل ڪينال خلاف اثرائتي تحريڪ کان ويندي ٻٽي نظام ۽ سنڌ جي تقسيم ڪري نوان صوبا ٺاهڻ واري سازش خلاف سنڌ جو باشعور عوام سياسي،سماجي، ذاتي ۽ نظرياتي اختلاف وساري قومي ٻڌي، اتحاد ۽ يڪجهتي سان جدوجهد ڪري پنهنجي محبوب ڌرتيءَ جو تحفظ ڪندي سنڌ دشمن قوتن جي خطرناڪ سازشن کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو. معنيٰ تہ سنڌ ۾ رهندڙ مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن جي عشق ۽ محبت جو محور سنڌ ماتا آهي. سنڌ جي گهڻ گهرُن ماڻهن پاران ڌرتيءَ جي قومي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪري سنڌ کي مستقبل جي خطرن کان





بچائڻ لاءِ جاڳرتا ۽ جدوجهد جي نتيجي ۾ سنڌي عوام جو قومي شعور ۽ جذبا بلند ٿيا آهن. سنڌي ماڻهو مسلسل "نيٺ ڇا ڪجي؟" جي سوال تي هڪ ڊگهي عرصي کان سوچي پنهنجي مستقبل لاءِ فڪرمند رهيو آهي. سنڌي ماڻهن جي شعور جي بلندي قومي ڏهاڙن مان پسي سگهجي ٿي. سنڌ جي جدوجهد لاءِ ميدان تي ثابت قدم رهندڙ پارٽين جي لانگ مارچن، جشن لطيف، جلسن، احتجاجن ۾ سنڌي ماڻهو پنهنجي محبوب وطن جي وارثي ڪندي نظر اچن ٿا. هر طرف پٽڪن جا ور، ٽوپين جون ٽڪون جرڪن ٿيون. سنڌ جي ڳوٺن، واهڻ ۽ وستين ۾ ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين ڪشمور کان ڪراچي تائين، ڪوٽ ٻنڌي کان ڪوٽ ڏيجي تائين اجرڪ ڦلين جا خوبصورت رنگ رچن ٿا. هر طرف مچ ڪچهريون، ڏور، نڙ بيت، ڳجهارتون، موسيقي جون محفلون، مشاعرا، قومي گيت، هو جمالا آهن. سنڌ مست رقصان نظر ايندي آهي. سنڌ جي هن قومي ڏهاڙن تي سنڌ جي سنجيده سوچ رکندڙ باصلاحيت ڏاها، دانشور ۽ سنڌ دوست ذميوار فردن کي پهنجي ڌرتيءَ جي مسڪين ۽ مظلوم ماڻهن تي ٿيندڙ ظلم، ڏاڍ ۽ جبر خلاف سگهارو آواز بلند ڪرڻ، ڌرتيءَ جي قومي وسيلن جو تحفظ ،علمي ميدان کي مضبوط ڪرڻ، اٽبرابري، لاقانونيت، جاگيرداري، وڏيراشاهي ختم ڪرڻ جي منصوبابندي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن مستقبل ۾ سنڌ ۾ انسانيت، امن، سک، شانتي ۽ انقلاب جو سج اُڀاري سگهجي. هڪ نئين سنڌ جوڙجي جيڪا مرشد لطيف، سچل، شهيد شاهہ عنايت، مخدوم بلاول ۽ سنڌ جي سمورن وطن دوست آدرشي انسانن جي خوابن جي ساڀيان واري سنڌ هجي.

# مان بہ خريديان ها کٽي، پر خوشي بازار جو سودو نہ هئي.

هن وسيع جهان ۾ جتي آدم ذات لاءِ ڏک، تڪليفون ۽ پيڙاهون آهن اُتي خوشين جا ڏڻ بہ آهن. انهن سڀاڳن ڏهاڙن تي هن سماج جا هڪڙا اهي فرد آهن جيڪي پنهنجي ملڪيت جي ڪاٿي ڪان بي خبر آهن ۽ ڪين پتو ناهي تہ وٽن پئسو ڪيترو آهي؟ ۽ ٻيا اهي پورهيت آهن جيڪي حياتي جو هر پل سخت محنت، جفاڪشي، مزدوري ۽ پگهر جو پورهيو ڪري پورهيتن جا هٿ هن دنيا لاءِ عيد جهڙين خوشين جو بندوبست ڪندي بہ پاڻ انهن خوشين ڪان محروم رهجي ويندا آهن. اهي خوشين جا ڏڻ انهن مزدور ۽ پورهيتن لاءِ غربت سبب خوشي گهٽ ۽ عذاب وڌيڪ ثابت ٿين ٿا جن جي ڪکائين جهوپڙي ۾ وڏي عرصي کان بک جي بدمست ڏائڻ وار ڪولي ويٺل آهي ۽ جتي چلهہ برف جهڙي ٿڌي ٻٽيل آهي. ان چُلهي ۾ ماني پچڻ لاءِ ٽانڊن جا آثار بہ آثار قديم وارا ٿي ٻڌائي سگهن ٿا تہ هتي ماني ڪڏهن پڪي هئي؟ انهن مسڪينن لاءِ غربت، احساس محرومي، مالي هٿ منجهہ، معاشي تنگدستي سبب انگ اگهاڙن معصوم ٻارڙن جي نہ پورن ٿيندڙ انگل، آرن ۽ خواهشن جو صدمو، رانديڪن جي فرمائش جو مطالبو پورو نہ ٿيڻ جي ضد ۾ ڀري بازار ۾ احتجاجن روئڻ، چڙيون هڻڻ ۽ ليٽي ليٽي پيوت تي سڏڪا ڀرڻ جي ڪرپ ڪي هڪ غريب پورهيت پيءُ ڪان وڌيڪ ڀيو ڪير ٿو سمجهي سگهي؟ جيڪو ان ٻار جي معمولي خواهش پوري ڪرڻ جي سگهہ نٿو رکي. ڳالهہ آهي احساس ڪي محسوس ڪرڻ جي ۽ محسوس تڏهن ٿيندو آهي جڏهن ماڻهو ڪائنات جي ان غم جي ڇهاءُ کي پنهنجي ذهن، ضمير، شعور، عقل، سمجهہ، سُرت ۽ دل جي اکين سان ڏسندو آهي





تہ دل ۾ بي چيني جي سبب ٻڻجڻ لاءِ لاتعداد سوال پيدا ٿي پوندا آهن. اهي سوال هن سماج جي حساس دلين ۾ ٿوهرن جيئن چڀن ٿا. اهي سوال ٿڌو شوڪارو ٻڻجن ٿا، هن لڳ ساڙيندڙ دوزخ جي باهہ جهڙين هيٽ اسٽروڪ ڪندڙ گرمين ۾ فيڪٽرين ۽ ڪارخانن اندر رنگين سيوبون ۽ پيهون ٺاهيندڙ پورهيتن جي گهرن ۾ ڪڏهن قوتن جي داڳ جو هڳاءُ آيو آهي؟ ڪپڙي لاءِ ڪپهہ پوکيندڙ هارين، ڪپڙي جي ملن ۾ دنيا جو انگ ڍڪڻ لاءِ مهانگا ۽ خوبصورت ڪپڙا ٺاهيندڙ پورهيتن ۽ هن ڏکي لوڊشيڊنگ ۾ ڪپڙا سبيندڙ درزين جي معصوم ٻچڙن ڪڏهن عيد تي نوان وڳا پاتا آهن؟ وڏن ماڻهن جون پائي، لاهي اُڇلايل جتيون ۽ نيلامي ڪپڙا انهن جو نصيب ڇو آهن؟ بنگلا ۽ ماڙيون ٺاهيندڙ پورهيت جڏهن اهو ڪم مڪمل ڪندا آهن تہ انهن اجگر بنگلن جي شاهي دروازن تي عالمي سامراجي اڻ اعلانيل قانون تحت دنيا جي غريبن لاءِ نو انٽري جو بورڊ لڳيو وڃي. گرمين توڙي سردين ۾ پٿر ڪُٽيندي، پيرن تي ٽائرن جا ٽيوب ٻڌي گرم ڏامر وڇائي خوبصورت روڊ ٺاهيندڙ مزدورن جون گاڏيون ڪڏهن انهن ڪارپيٽ رستن تي هليون آهن؟ عيد جي ڏينهن غريبن کي پنڻ جو حق بہ تتل روڊن تي حاصل آهي باقي وڏن روڊن تي وڏيون گاڏيون بريڪ ئي نٿيون هڻن. عيد جي ڏينهن تي سينگاريل بازارن ۾ شيشي جي شوڪيسن اندر سجايل رانديڪن، مٺاين، ڪيڪ، پيسترين ۽ رنگ برنگي مشروب، آئسڪريم ۽ جوس جي ڍڪ کي فقط حسرت جي نگاهہ سان گهوري ڏسڻ جي اڏ جمهوري حق ڪان بہ سيٺ جو ڏڙڪو غريب جي ان ٻار کي محروم ڪري ٿو جيڪو عيد جي ڏينهن تي خرچي ۾ مليل 20 روپين جو چتي لڳل نوٽ کٽي اٺ سئو اسي روپين جو رانديڪو مُلائي ٿو. ڪپڙن جي سپر مارڪيٽن ۾ بہ گتي ۽ ربڙ جي بوتن کي پاتل ڪپڙا ۽ جوتا غريبن جي ٻن مهينن جي راشن ڪان بہ ٻيٽي رقم جا آهن. دنيا جي مالدار سرندي وارن ماڻهن کي ڪير ٻُڌائيندو تہ عيد رڳو اوهان جي

نازڪ ٻارڙن جي ڪونهي پر اوهان جي ٻنين، فيڪٽرين، ملن ۽ ڪارخانن تي نسل در نسل پيڙهين کان پورهيو ڪندڙ اوهان جي ڪڙمين، ڪاسبين مزدورن جي معصوم ۽ رڪ جهڙن ٻارڙن جون بہ عيد سان لاڳاپيل اڻ ڳڻيون خوشيون ۽ خواهشون آهن؟ جيڪڏهن دنيا جا چند ماياوتي ماڻهو موهہ مان منهن ڪڍي ڪٿي حاتم طائي نہ ٿين پر ٿورڙي دل وڏي ڪري ڪا ذرڙي سخاوت ڪن تہ هن پرٿوي تي عيد جي پلاري ڏڻ تي ڪوبہ مسڪين ماڻهو ٻڪيو نہ سمهي سگهندو. دنيا جا دولتمند ڏنوان لوڪ دل ۽ ضمير جا امير ٿين تہ هن جڳ ۾ حقيقي عيد ٿي ويندي. غريبن جي پٽڪڙن ٻارڙن جو بہ معصومڙو من آهي، انهن جي غريباڻي دل بہ نوان ڪپڙا، سيويون ۽ رانديڪن لاءِ آتي هوندي. پورهيت جي ننڍڙي نياڻي جي هٿن ۾ مهانگي شاپنگ سينٽر تان خريد ڪيل نہ هي سهي پر ريڙهي تي وڪرو ٿيندڙ هرمال ڏهہ روپين جو پلاسٽڪ جي چوڙين وارو بنڊل ملي سگهي ٿو. جيڪڏهن سرندي وارا معمولي ڪوشش ڪن تہ هڪ برگر ٻار جي بوٽ، امير جي ڏيءَ جي ميڪپ ۽ وڏي صاحب جي عيد واري رات لاءِ بڪ ٿيل مهانگي شراب جي بوتل جي قيمت مان ڏهہ ڪن غريب خاندان عيد ڪري سگهن ٿا.
دنيا جي سماجي اخلاقن جي عظيم قدرن موجب عيد جهڙي خوشي جي ڪيفيت کي ملهائڻ لاءِ پنهنجي آس پاس، راڄ، پاڳ، ڳوٺ، پاڙي ۾ نهايت ئي باريڪ بيني سان نظر گهمائڻ گهرجي تہ ڪٿي ڪو مسڪين غربت سبب عيد کان رهجي تہ نہ ويو آهي؟ ويجهڙائي ۾ ڪو قضيو تہ ٿيل ناهي؟ پاسي ۾ ڪو بيمار يا ڏکوئل تہ ناهي؟ پر ۾ ڪنهن مجبور بيواهہ جو گهر تہ ناهي؟ جي آهي تہ انهن جي عيد ڪيئن ٿيندي؟ اسان جي نٽ ٽانگر واري عيد ڪنهن تي ٺٺولي يا چٽر تہ ناهي؟ اسان جي اميراڻي عيد ڪنهن غريب لاءِ عذاب تہ نہ ٿيندي؟ ڪنهن لاءِ احساس محرومي ۽ احساس ڪمتري جو باعث تہ نہ بڻجندي؟ پهرين تاريخ تي ٿيندڙ پگهار کان اڳ پگهار کان ٻيڻو قرض کڻي زندگي جي





هزارين خواهشن مان هرهڪ ساهہ کڻڻ جهڙي خواهش کٽي حياتي جي گاڏي کي گهليندڙ هڪ گريڊ جي ملازم چوڪيدارن، قاصدن ۽ پٽيوالن جي عيد ڪهڙي هوندي؟ ڏهاڙي تي همالي ڪندڙ يا گڏهہ گاڏي هلائڻ وارن ۽ تغاري کڻندڙ پورهيتن جي عيد ڪيئن هوندي؟ جيڪي روز پنهنجي صاحبن کان ويندي هر وڏي ماڻهن هٿان داٻا، دڙڪن جون صعوبتون سهي تذليل جو شڪار ٿيندي وقت کان اڳ پوڙها ٿين ٿا. پر ساٽن جُٽ جا رويا پيرسن نٽا ٿين. معاشرتي ڏيک ويک کان سواءِ هر سرندي وارو ڪنهن جي عزت، نفس ۽ جذبا مجروح ڪرڻ کانسواءِ لڪيل هٿن سان ڪنهن ضرورتمند غريب کي عيد ڪرائي تہ هن سماج ۾ حقيقي عيد جا هزارين منظر پسي سگهجن ٿا. هر طرف خوشين جا انيڪ موتيا ٽڙي سگهن ٿا.
عيد آهي ئي قرب، محبت، پيار، چاهت، ڀائچارو ۽ يڪجهتي جو نالو. عيد آهي ئي انسانيت جي قدرشناسي جو احساس، عيد آهي ئي انهن ماڻهن سان جيڪي عيد نٿا ڪري سگهن. هر ماڻهو جي سمجهہ، عقل، هوش، حواس، رويو ۽ سوچڻ جي سطح جا پيمانا مختلف ۽ پنهنجا پنهنجا آهن. هر انسان عيد کي پنهنجي سوچن جي آڌار تي سمجهي ٿو. هر ماڻهو ڪائنات جي حالتن، لقائن ۽ واقعن کي پنهنجي نگاهہ سان ڏسي ٿو سوچي ٿو سمجهي ٿو ۽ ان تي عمل ڪري ٿو. ان ڪري انهن حالتن جا نتيجا بہ الڳ هوندا آهن. جيڪڏهن اسان عيد کي فقط پنهنجي دل جي هڪ طرفي خوشي جي ڪيفيت سان محسوس ڪنداسين تہ دهشتگردن هٿان بي دردي سان شهيد ٿيل امجد صابري، روڊ حادثي ۾ بي وقتائتي موت جو شڪار ٿيل قومي فنڪار استاد الهڏني خاصخيلي، ڌوهارين هٿن ۾ يرغمال بڻيل سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سجاد علي شاهہ جي جوان پٽ اويس شاهہ، اغوا ٿيل معصوم نياڻي فضيلا سرڪي ۽ عمران جوکيي جي گهرن ۾ گذرندڙ هيلوڪي عيد جي وڇوڙن، سڏڪن، دردن جي ڪيفيت جي محسوسات

جي لمحن کي قطعي محسوس ڪري نہ سگهنداسين؟ انهن گهرن ۾ عيد ڪيئن گذرندي؟ هيلوڪي عيد کي ڪاري ڏڪار ۾ خوراڪ جي کوٽ ۽ بيمارين ۾ علاج نہ ٿيڻ ڪري مري ويل ٿر جي معصوم ٻارڙن جي درد کي هينئي سان هنڊائيندا سين تہ عيد جون سيوبون نڙي ۾ اٽڪي پونديون. ايلان ڪردي جي لڙهندڙ لاش جو تصور، جنوني سوچ جي ور چڙهي انتهاپسندن جي بم ڌماڪن ۾ اُڏامي ويل ساهن، دهشتگردي، ڦر، زناخوري، اغوا جي ور چڙهيل بي وس انسان، ڪاريون ڪري ڪٺل ڳاڙهيون نياڻيون، ذاتي انائن ۽ مفادن جي مياڻي ۾ چِٽن ڪتن جيئن پوڪندڙ بندوقن هٿان شهيد ٿيل هن ڌرتي جي بي گناهہ ماڻهن جي سوڳوار تڏن تي عيد ڪيئن گذرندي؟ اُتي نون ڪپڙن تي عطر جو ٻڙو ڪيئن سُهندو؟ اُتي عيد مبارڪن جا ڀاڪر ڪيئن وصول ڪبا؟





